جي تو بيت پانيان

(حصو پيو)

.....لطيفيات.....

مصنف: محمد اڪرم حيدري

SHAD PUBLICATION

شاد پبليڪشين حيدرآباد

ڪتاب جا حق ۽ واسطا مصنف وٽ محفوظ

- ڪتاب جو نالو: جي تو بيت پانيان (حصو پيو)
- مصنف: محمد اڪرم حيدري
- موضوع: لطيفيات
- ڇاپو: 2025ع
- تعداد: 500 ڪاپيون
- لي آئوٽ: بلاول خان سولنگي
- ڇپيندڙ: ايڊوانس پرنٽنگ ايجنسي حيدرآباد
- ڇپائيندڙ: شاد پبليڪيشن حيدرآباد
- قيمت:

ارپنا

منهنجو والدِ بزرگوار شمسُ الدين.

هن ڪتاب جو هر حرف،

هر لفظ هر فڪر، هر ڪاميابي.

اُن پيءُ جي دعا ۽ تربيت جو ثمر آهي

فهرست

01	مصنف پاران	06
02	تقريظ	09
03	منهن ويڙهي مئن جئن:روحاني فڪري جائزو	12
04	ڀٽائي ۽ ٽر ڪان جيسلمير تائين	18
05	ڀٽائي ۽ پرم پاروڙي	24
06	ڀٽائي رحہ ۽ قضيي ڪربلا جو	29
07	ڀٽائي ۽ سيوا ڪر سمنڊ جي.روحاني تشريح	32
08	شاهہ ڀٽائي ۽ الا ڏاهي م ٿيان	38
09	شاهہ ۽ توبهہ جنين تن ۾	43
10	ڀٽائي ۽ عورت	54
11	ڀٽائي ۽ آديسين ادب آهہ اڪڙين ۾	62
12	ڀٽائيؒ ۽ سنڌي ٻولي	74
13	ڀٽائي ۽ نيٽ چنائي نت	89
14	شاهہ ۽ وڏيري هياس چنيسر جي راڄ ۾	97
15	ڀٽائي ۽ اٺ ويري،اوٺار ويري	100
16	ڀٽائي ۽ لوڪ مڙيوئي لهسيو	111
17	ڀٽائي ۽ ڳاڙهو گهوٽ	114
18	ڀٽائي ۽ گهِڙو سپ گهَڙا ڪٽِي	119
19	ڀٽائي ۽ مٽن ٽپڪ ٽپڪڙا	122
20	ڀٽائي ۽ جا گهڙي وَسندي مينهن	129
21	ڀٽائي ۽ سنئين سونهائي سيڪا	136
22	ڀٽائي ۽ جکري جهڙو جوان	142
23	شاهہ ۽ ڪوڙين تنهنجون ڪامٽيون	147

24	ڀٽائي ۽ سڙي سارو ڏينهن	150
25	ڀٽائي ۽ ميهار جون مينهيون	152
26	ڀٽائي ۽ مگ تنهين کان مڱتا	156
27	ڀٽائي ۽ وڏيرا شاهي	172
28	ڀٽائي ۽ ڊجيٽل ميڊيا	176
29	ڀٽائي فيمينزم ۽ فلسفو	184
30	مقصد حيات	187
31	شاهه جا سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ تي احسان	194
32	فيض محمد فيض حيدري	199

مصنف پاران

(پيش لفظ)

سنڌ جي مٽيءَ مان نڪتل سُر، سُڪون ۽ سچائيءَ جي خوشبو جڏهن دل جي واديءَ ۾ پکڙجي ٿي، تڏهن انسان پنهنجي وجود کان مٿانهون ٿي، روح جي روشنيءَ سان پرجي وڃي ٿو. ”جي تو بيت پانيان“ جو پهريون حصو جڏهن پڙهندڙن جي هٿن ۾ آيو تڏهن مون کي احساس ٿيو ته شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جو ڪلام اڄ به دلين ۾ ساڳي محبت، ساڳي معنيٰ ۽ ساڳي معرفت سان زنده آهي. پڙهندڙن، دوستن ۽ سنڌي اديبن پاران جيڪا محبت ۽ حوصلا افزائي ملي، اها منهنجي لاءِ لفظن جي سيني انعامن کان وڌيڪ قيمتي هئي، ان ئي محبت جي تقاضا تي، هي ٻيون حصو پيش ڪري رهيو آهيان، جيئن انهي فڪر جي خوشبو وڌيڪ پکيڙجي وڃي، جيڪا ڀٽائيءَ جي بيتن مان اُٿي روح تائين پهچي ٿي.

شاهه عبداللطيف ڀٽائي صرف شاعر نه هو، هو عارفِ وقت، قرآن جو مفسر، ۽ روحانيت جو راوي هو- سندس هر بيت ۾ قرآن مجيد جي آيتن جو پرتو، نبيءَ جي سُنّت جو سُر، ۽ انسانيت جي خدمت جو سبق سمايل آهي- مون جڏهن سندس ڪلام کي قرآن مجيد جي روشنيءَ ۾ پڙهڻ شروع ڪيو، تڏهن احساس ٿيو ته ڀٽائيءَ جي شاعري دراصل تفسيرِ قرآن جو ٻيو انداز آهي، اهڙو انداز جنهن ۾ علم سان عشق ۽ فڪر سان فيض گڏيل آهن.

”جي تو بيت پانيان“ جي هن ٻئي حصي ۾، مون ڪوشش ڪئي آهي ته ڀٽائيءَ جي بيتن جي اندر لڪل معنوي پيغام کي اهڙيءَ طرح بيان ڪريان، جيئن پڙهندڙ نه صرف شاعر جي زبان کي، پر سندس دل جي دنيا کي به محسوس ڪري. شاهه جي بيتن کي فقط لفظن جي جمال سان نه پر روح

جي جلال سان سمجهڻ ضروري آهي. چو تہ ڀٽائي لفظن جو نہ، پر لطيف معنائن جو شاعر آهي. سندس هر بيت ۾ هڪ آيت جي روشني، هڪ دعا جي مناس، ۽ هڪ دل جي ڌڙڪن لڪيل آهي.

هي ڪتاب منهنجي لاءِ رڳو ادبي خدمت نہ، پر روحاني ذميواري بہ آهي. سنڌ جي مٽيءَ تي ڀٽائيءَ جو جيڪو اصل فڪر ڦهليل آهي، اهو اسان سڀني تي قرض آهي ۽ مون ان قرض کي لاهڻ جي هڪ معمولي ڪوشش ڪئي آهي. جڏهن مون پهريون حصو لکيو هو تہ اهو عشق جو اظهار هو، ۽ جڏهن ٻيو حصو تيار ڪيو تہ اهو شڪر جو اظهار بڻجي ويو. چو تہ پڙهندڙن جي محبت منهنجي لاءِ اها اشارو بڻجي وئي، جنهن مون کي وڌيڪ لکڻ لاءِ همت ڏني.

هن ڪتاب ۾ مون بيتن کي رڳو پڙهڻ لاءِ نہ، پر سمجهڻ، محسوس ڪرڻ ۽ عمل ڪرڻ لاءِ پيش ڪيو آهي. ڀٽائيءَ جي شاعري ۾ فڪر جي گهرائين سان گڏ محبت جو پيغام بہ آهي. اهو پيغام اڄ جي انسان لاءِ روشنيءَ جو رستو بڻجي سگهي ٿو جيڪڏهن اسان ان کي پنهنجي دل ۾ لاهيون. ڀٽائيءَ چوي ٿو:

"جي تو بيت ڀانيان، سي آيتون آهن،
نيو من لائين،پريان سندي پار ڏي"

اهي بيت رڳو ڪلام نہ، پر ڪلامُ الله جي نُورن جا ترجمان آهن. مون ان نيت سان هر بيت کي قرآني پسمنظر سان ڏنو جيئن پڙهندڙ ڀٽائيءَ جي فڪر جي ان روح تائين پهچي سگهن، جيڪا وحدت الوجود جي حڪمت سان ڀرپور آهي.

ادب، جڏهن عبادت بڻجي وڃي، تڏهن هر لفظ دعا ٿي وڃي ٿو- مون بہ ڪوشش ڪئي آهي تہ منهنجي تحريرن ۾ اها دعا جي مهڪ هجي، جيڪا انسان کي پاڻ سان، رب سان ۽ ڪائنات سان ڳنڍي ڇڏي. "جي تو بيت ڀانيان حصو ٻيون" ان فڪر جي اڳواٽي ڪري ٿو جنهن ۾ انسانيت، محبت ۽ قرآن جو نُور گڏيل آهن.

مون کي اميد آهي تہ هي ٻيون حصو بہ پڙهندڙن جي محبت حاصل ڪندو، جيئن پهريون حصو ڪيو هو- منهنجي دل جي دعا آهي تہ هر پڙهندڙ جڏهن ڀٽائيءَ جا بيت پڙهي، تڏهن سندس اندر ۾ بہ اها روشني جاڳي، جيڪا مون کي هن ڪتاب لکڻ تي مجبور ڪري وئي.

اها روشني، جيڪا لطيف جي دل جي مان نڪتي، قرآن جي معنيٰ سان ملي، ۽ سنڌ جي روح ۾ رچي وئي. هي ڪتاب انهن سڀني دوستن، اديبن ۽ پڙهندڙن جي نالي آهي، جن پنهنجي محبت سان مون کي يقين ڏياريو تہ ادب اڃا زنده آهي، ۽ ڀٽائيءَ جي بيتن جو پيغام اڄ بہ انساني دلين جو علاج آهي.

محمد اڪرم حيدري
(مصنف "جي تو بيت ڀانيان، حصو ٻيون")
ٽنڊو حيدر، سنڌ
14 آڪٽوبر 2025

تقريظ

جن کي جئائين پرين پاڻ پسايو
تن کي تئائين ليئا پائڻ آئي

شاهہ جي ڪلام پيغام تي ڪيترن ئي عالمن ۽ اديبن قلمي پورهيو ڪيو آهي شاهہ جو هڪ هڪ بيت هڪ گهر آهي.دنيا جي عالمن اديبن هڪ هڪ گهر جي دري کولي ليئا پائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي شاهہ ڀٽائي رح پاڻ فرمايو آهي تہ جن جي ڏاهين چت تڙ تي ڏاهين ڏکنديون يا جنهن جيهو پٽ تنهن تيئا بکيا پوءِ جنهن جو جيترو ٿانو هوندو آهي ان کي اوترو پلئہ پوندو آهي.جنهن جي جيتري ڏاهين خيال هوندو تن کي اهو منظر محسوس ٿيندو آهي سائين اڪرم حيدري صاحب شاهہ جي چونڊ بيتن جي شرح لکي جيڪي مضمون مقالا مختص ڪيا آهن اهي انمول ۽ املهہ آهن.

سي پونجارا پرٿيا سمونڊ سيويو جن
آنڌائون عميق مان جوتي جواهرن
لڌائون لطيف چئي لعلون مان لهرن
ڪانهي قيمت تن ملهہ مهانگوان جو

سائين اڪرم حيدري صاحب پنهنجي حصي جو ڪم ڪيو آهي ائين ڪٽي چئجي تہ هن بحر بي ڪنار مان ڇلنڊڙ ڇيڪر چولين مان پنهنجي پاڳي جا سچا موتي سپ سوديا آهن.شهر ڏسي سرهو ٿين ڏسي نہ بازار وکر وکارن ۾ ڏکيو ڪيئڙي ڀار.

جيڪري سچاڻ صراف دنيا جي بازار ۾ داخل ٿي وکر وينتين جو وهائين ٿا.اهي جوهري بيشڪ پاڪ مال ٿين ٿا.شاهہ جي بيتن جي شرح

ڪنڊڙ عالمن جو تعداد پورو پنو آهي البت جن عالمن شاهہ جي بيتن جو تقابلي جائزو قرآن ڪريم جي آيتن سان ڪيو آهي تن ۾ رسول بخش ڏيرو ۽ سائين اڪرم حيدري صاحبن جا نالا سرفهرست آهن.ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي شاهہ جي بيتن کي تصوف ۽ ويدانت جي ڪسوٽيءَ تي پرکيو آهي ڪلياڻ آڏواڻي جي لکيل شرح انکري بيحد مقبول ۽ معروف آهي جو هن شاهہ جي ڪلام جو تقابلي جائزو ناسوت جي نگاهہ ۽ ملڪوت جي معرفت ڪيو آهي ڊاڪٽر بلوچ ڪلياڻ ۽ يمن ڪلياڻ جي سٽ وار لکڻ ڪانپوءِ رسالي جي ڏکين لفظن ۽ اصطلاحن جي اُپٽار ڪئي آهي.ڊاڪٽر عبدالغفار سومري صاحب شاهہ جي رسالي جي بيت وار سنڌي سمجهاڻي فارسي آميزش سان آويزا ڪئي آهي.جنهن ۾ حضرتِ مولانا جلال الدين روميءَ جي مثنوي جي بيتن سان شاهہ جي بيتن جو تقابلي جائزو ڏيکاريو آهي.مون ناچيز شاهہ جي ٽيهن سرن جي سٽ وار سمجهاڻي ظاهري شرح معني ۽ مفهوم سان لکي شاهہ جو رسالو سمجهڻ ۾ بنهہ آسان بنايو آهي.انهي عمل دوران مون روحانيت کي ٿڃ ناهي ڪيو.روحانيت تمام وڏو موضوع آهي.ان جو پيو ڪنارو ڪونهي روحانيت جي رمز سان ڪنهن بيت يا سٽ جي سمجهاڻي جيڏانهن بہ ڇڪبو ۽ جيترو بہ لکبو تہ ان جو ڇيڙو ئي نہ ايندو. جيڪي بزرگ ۽ عالم سڳورا شاهہ جي بيتن جي شرح روحانيت کي مرڪز بڻائي لکن ٿا تہ انهن جو پورهيو صاف سجايو ٿيو انهن جي ديني خدمت محبت ۽ عقيدت کي سلام پيش ڪجي ٿو سائين اڪرم حيدري صاحب جو روحانيت جي رمزن سان ڪيل قلمي پورهيو تاقيامت قائم ۽ دائم رهندو.

پوين پاتو پات وکر وڏا ٻيڙيين
پڙهي پڳهہ چوڙيا ساموندين صلوات
نظر ناکوئن جي آهہ منجهہ عرفات
ميسر ڪيائون ميم ۾ ماڻڪ ملاقات
سرين سا سوغات جنهن قاسم ناهي قيمت ڪا
خليفو نبي بخش قاسم لغاري

علم جو خادم استاد لغاري
03332888300
03013229650

منهن ويڙهي مئن جئن:روحاني فڪري جائزو

مُنهُہ ويڙهي مُئَنِ جِئَن سُتِينءَ سَنجهيئي،
اوجاڳو اڪِينِ کي ڄانتوءِ نہ ڏيئِي،
هَٿان تو پيئِي، ٿِي ڪَچو ڪيچِينِ کي ڪَرِين.

(1) روحاني تشريح:

هن بيت ۾ شاهہ عبدللطيف ڀٽائي ، سسئيءَ جي نالي ۾ اهڙي عالمي نفسيات تي روشني وجهي ٿو جيڪا صرف عورت جي نہ پر هر انساني روح جي داخلي ڪيفيت کي ننگو ڪري ڇڏي ٿي.

پهرئين سٽ:

”مُنهُہ ويڙهي مُئَنِ جِئَن سُتِينءَ سَنجهيئي“

اها تصوير ان انسان جي آهي، جيڪو وقت جي تنگيءَ، خطري، يا روحاني زوال جي وقت ۾ بہ بيپرواهيءَ جي ننڊ سمهڻ کي ترجيح ڏئي ٿو.

”سنجهيئي“ (سج لهڻ جو وقت) اُهو لمحو آهي جتي روشني ختم ٿئي ٿي، پر جيڪي جاڳن ٿا، سي ان اونڌهہ ۾ رستو ڳولين ٿا.

سسئي جيان، جيڪو غفلت ۾ ڳري پوي ٿو، سو منهن ويڙهي مرندڙن وانگر بيحس ٿي پوي ٿو. نہ پاڻ لاءِ ڪو سجاڳيءَ جو قدم، نہ ئي مستقبل جي واٽ جي ڪا بہ پڪ.

ٻي سٽ:

”اوجاڳو اڪِينِ کي ڄانتوءِ نہ ڏيئِي“

اها سٽ لطيف جي فڪر جو مرڪز آهي.

اکيون رڳو ڏسڻ جو اوزار نہ، بلڪہ روحاني سجاڳپ، شعور، بصيرت، ۽ وجدان جو دروازو آهن.

سسئيءَ وٽ اکيون هيون، پر انهن کي جاڻ ڏانهن نہ موڙيو اوجاڳيءَ جي تڪليف کان بچڻ لاءِ هن بيداريءَ جو سفر نہ ڪيو.

اها تصوير ان ماڻهن جي آهي، جيڪي ظاهري اعتبار سان سڀ صلاحيتون رکڻ باوجود اندر کي جاڳائڻ کان ڀڄن ٿا، ۽ روحاني علم، فڪر، ۽ جدوجهد کان دنيا جي عارضي فائدن عوض اعراض ڪن ٿا.

ٽين سٽ:

"هَٿان تو پيئِي، ٿِي ڳچو ڪيچِين کي ڳِرين"

هتي شاهہ عبداللطيف هڪ سماجي، نفسياتي دري کولي آهي.سسئي پاڻ سستي ڪئي، پاڻ اکيون نہ جاڳايون، پاڻ منزل لاءِ تڪليف نہ سٺي، پر جڏهن نتيجو ناڪاميءَ جي صورت ۾ سامهون آيو تڏهن ملامت ڪيچين وارن تي ڪئي.

يعني، جيڪي پاڻ حرڪت نہ ڪندا، جدوجهد نہ ڪندا، سي آخرڪار الزام ٻين تي رکندا.اهو رويو اڄ جي سماج ۾ عام آهي:

معاشرتي ناانصافيءَ جو ذميوار تعليم ڏيندڙن کي، معاشي بدحاليءَ جو الزام ايماندارن کي،۽ روحاني سجاڳيءَ جي ڪميءَ جو عار انهن اهل الله تي جيڪي حق ڳالهائين ٿا.

لطيف جو پيغام:

هي بيت هڪ روحاني پڪار آهي ،تہ انسان پاڻ سجاڳ ٿئي، پاڻ حق ڏانهن وڌي، ۽ جڏهن خطا ٿئي تہ پاڻ تي نظر ڪري،هو چوي ٿو تہ"سچو

انسان اهو آهي، جيڪو پنهنجي سستيءَ، خاموشيءَ، ۽ بي عمليءَ جي ذميواري قبول ڪري،"

لطيف، جاڳڻ وارن کي ملامت جو شڪار ٿيڻ کان بچائڻ نٿو چاهي، بلڪ هو بيخبريءَ جي بندن کي خبردار ڪري ٿو تہ: "جيڪڏهن تون پاڻ حرڪت نہ ڪرين، پوءِ الزام ڪنهن تي ٿو هڻين؟""اُهوئي ماڻهو ڪچو آهي، جيڪو پنهنجي ناڪاميءَ جو الزام انهن تي ڏئي، جيڪي ڪيس واٽ ڏيکاري رهيا هئا."

نتيجو:

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي هي بيت رڳو صوفي بيت نہ، بلڪ هر زماني جي ماڻهن لاءِ اخلاقي ۽ روحاني درس آهي.جاڳرتا، خود احتسابي، ۽ سچ جي ساٿ ڏيڻ جو سبق.

جيڪڏهن ماڻهو ڀٽائي عليہ الرحمہ جي هي صدا ٻڌن تہ پوءِ نہ فقط سندن ذاتي زندگي، بلڪ پورو سماج روشنيءَ طرف قدم کڻڻ لڳي."بيدار اکين سان ڏسڻ، ۽ ايمانداريءَ سان پاڻ کي سمجهڻ ئي نجات جو در آهي الله تعاليٰ اسان سڀني کي روحاني جاڳرتا عطا فرمائي.

(2) مسلمان لاءِ پيغام:

مُنهُہ ويڙهي مُٺَنِ جِڻَن سُتِينءَ سَنجهيئي،
اوجاڳو اکِين کي جانتوءِ نہ ڏيئِي،
هَٿان تو پيئِي، ٿِي ڳچو ڪيچِين کي ڳِرين.

هي بيت مسلمان لاءِ روحاني، اخلاقي، ۽ سماجي سجاڳي جو وڏو پيغام ڏئي ٿو. هن بيت ۾ مسلمان لاءِ هيٺين رهنمائي موجود آهي:

1. وقت تي جاڳڻ ۽ عمل ڪرڻ جو سبق:

بيت جو پهريون مصرعو ”مُنهُ ويڙهي مُٺَنِ جِٺَن سُتِينءَ سَنجهيئي“، اهو سمجهاڻي ڏئي ٿو تہ جڏهن وقت عمل ڪرڻ جو هجي، تڏهن غفلت اختيار ڪرڻ، مرندڙن وانگر زندگي گذارڻ جي برابر آهي. اسلام بہ وقت جي اهميت تي زور ڏئي ٿو: (سورة العصر)

”زماني جي قسم، بيشڪ انسان نقصان ۾ آهي...“

سو مسلمان لاءِ رهنمائي هي آهي تہ هو وقت جي قدر ڪري، زندگيءَ جا اهم لمحات عبادت، خدمت، سچائي، ۽ اصلاح لاءِ استعمال ڪري.

2. روحاني ۽ ذهني جاڳرتا:

”اوجاڳو اکِينِ کي ڄاڻتوءِ نہ ڏيئِي“ مان مراد آهي تہ انسان وٽ ڏسڻ (فڪر)، پرکڻ (سمجهہ)، ۽ فيصلو ڪرڻ جي صلاحيت هوندي بہ، جيڪڏهن هو ان کي استعمال نہ ڪري، تہ هو تباهيءَ ڏانهن وڃي ٿو.

اسلام ۾ تدبر، تفڪر، ۽ بصيرت کي وڏي اهميت حاصل آهي: (ڇا اوهين عقل نٿا رکو؟)

هي بيت مسلمان کي ياد ڏياري ٿو تہ صرف ظاهري اکين نہ، پر دل ۽ دماغ جي اکيون بہ جاڳايون وڃن تہ جيئن هدايت حاصل ٿئي.

3. پاڻ کي قصوروار سمجهڻ جي تربيت:

”هَٿان تو پيئِي، ٿِي ڳچو ڪيچِينِ کي ڳرِين“ مان سبق ملي ٿو تہ جيڪڏهن ڪا ناڪامي ٿئي، تہ مسلمان کي گهرجي تہ پاڻ تي نظر وجهي، غلطيءَ جي ذميواري پاڻ کڻي، ۽ ٻين کي الزام ڏيڻ کان پاسو ڪري.

رسول الله صلي الله عليہ وسلم فرمايو: ”پنهنجي پاڻ جو احتساب ڪريو ان کان اڳ جو توهان جو حساب ڪيو وڃي.“

يعني مسلمان کي پاڻ جي غلطيءَ جو احساس هجڻ گهرجي، ۽ ٻاهرين الزام بدران اندر جي اصلاح ڪرڻ گهرجي.

4. معاشرتي سجاڳيءَ ۽ تبديليءَ جي حمايت:

هي بيت انهن مسلمانن لاءِ بہ اهم پيغام آهي، جيڪي سماج ۾ تبديلي آڻڻ چاهين ٿا. جيڪڏهن قوم ننڊ ۾ آهي ۽ سجاڳ ماڻهن کي ملامت ڪري رهي آهي، تہ اهڙين حالتن ۾ حق جي ڳالهہ ڪندڙ کي ثابت قدميءَ سان قائم رهڻو پوندو.

قرآن پاڪ ۾ آهي: (سورة آل عمران: 110)

”اوهان سڀ کان بهتر امت آهيو جيڪو ماڻهن لاءِ ظاهر ڪيا ويا آهيو. نيڪيءَ جو حڪم ڏيو ۽ بديءَ کان روڪي ٿا...“سو مسلمان کي گهرجي تہ هو نيڪيءَ جي تبليغ کان نہ ڊڄي، ۽ غفلت ۾ ويٺل ماڻهن جي مخالفت کان مايوس نہ ٿئي.هي بيت اسان کي سيکاري ٿو تہ:وقت تي سجاڳ ٿي عمل ڪر.پنهنجي اکيون (فڪر) جاڳاءِ.پنهنجي غلطي مڃ، ٻئي تي الزام نہ هڻ. معاشري جي بهتري لاءِ حق جي رستي تي هل.

يعني هي بيت، قرآن ۽ سنت جي تعليم جي روح سان ڀرپور آهي، جيڪو مسلمان کي پاڻ سنوارڻ ۽ سماج سنوارڻ جي راهہ ڏيکاري ٿو.

(3) مجموعي خلاصو ۽ فڪري پيغام:

هن بيت جو مرڪزي فڪر ”ذميواريءَ جي سجاڳي“، ”وقت جي اهميت“، ”روحاني بيداري“ ۽ ”اخلاقي خود احتسابي“ تي ٻڌل آهي. شاهه عبدللطيف هن بيت ذريعي اهو چوڻ ٿو چاهي تہ ماڻهو اڪثر پنهنجي

ناڪامين جو ذميوار ٻين کي ٺهرائين ٿا، جڏهن ته اصل غلطي انهن جي پنهنجي غفلت، لاپرواهي، ۽ بيحسيءَ جي هوندي آهي.

سنجهي وقت ننڊ ڪرڻ (يعني وقت جي بي قدري)، اکين کي اوجاڳيءَ کان بچائڻ (يعني سچ کي نظرانداز ڪرڻ)، ۽ پوءِ ٻين کي الزام ڏيڻ (يعني پنهنجي غلطيءَ مان نه سکي اڳتي وڌڻ) هي سڀ انساني شخصيت جي انهن خامين جي تصوير آهي، جيڪي انساني زوال جا بنيادي سبب بڻجن ٿا.

آخري جملا:

شاهه لطيف جو هي بيت اسان جي سست، الزام تراش، ۽ بي عمل نفسيات لاءِ هڪ آئينو آهي.

اهو بيت اسان کي چئي ٿو:

"جاڳ،اعتراف گناهه سمجهه عمل ڪر ،نه ته مستقبل ۾ پنهنجي زوال جو ذميوار تون پاڻ هوندين."

هي بيت فقط سسئي جو نوحو نه، پر اڄ جي انسان لاءِ روحاني سجاڳيءَ جو نعرو آهي.

ڀٽائي ۽ ٿر کان جيسلمير تائين

ٿَر وُٺا ٻَر وُٺا، وُٺو جيسلمير،
آگم ڪري آئيون، پائر پَري پير،
لاٿائون لطيف چئي، وانڍيَن مٿا وير،
سَرها ڪيائين سير، سَرهيون سَنگهاريون ٿيون.

شاهه لطيف جي بيتن جي ڪائنات ۾ هڪ اهڙو نوراني منظر موجود آهي، جتي صرف لفظ نه پر لطيفي لطافت سان روح به ڳالهائيندو آهي. مٿي ڏنل بيت اُن ئي سنهري منظرنامي جو حصو آهي، جتي شاهه عبداللطيف پنهنجي فڪري اُڏام سان محبت، انصاف، مهاجرت، قرباني، ۽ روحاني بيداريءَ جا رنگ ڀري ٿو- هن بيت ۾ "ٿر کان جيسلمير" جو سفر صرف جغرافيائي هجرت نه آهي، پر هڪ باطني انقلاب جي ترجماني آهي، جتي وانڍين جي وات ۾ وِير نه پر "ويرو" يعني مظلوميت جي ماري دلين جي صدائن کي عزت ڏني وئي آهي.

روحاني ۽ سماجي پس منظر:

"ٿر وُٺا، ٻَر وُٺا، وُٺو جيسلمير" بيت جي هن سٽ مان ظاهر ٿئي ٿو ته ٿر جي ريگستان مان لڏپلاڻ ٿي، ماڻهن پنهنجي سرزمين ڇڏڻ تي مجبور ٿيا. هي هجرت ڪنهن عام معاشي مجبورين سبب نه، پر سماجي ناانصافين ۽ سياسي بي حسيءَ جي نتيجي ۾ ٿي- شاهه عبدللطيف هتي "جيسلمير" کي منزل ٻڌائي ٿو جيڪا هندستان جو هڪ سرحدي شهر آهي، پر بيت جي تشريح ۾ هي شهر هڪ اهڙو روحاني دائرو آهي، جتي انصاف جي خوشبو آهي، جتي وانڍين کي واهرو ملي ٿو.

"آگم ڪري آئيون، پائر پَري پير" هن سٽ ۾ "آگم" صرف برساتي موسم نہ آهي، بلڪ اهو رباني رحمت جو اشارو آهي، جيئن نبي آخرالزمانﷺ جو دنيا ۾ "تشريف آڻڻ". هي بيت، رسولِ رحمت ﷺ جي نبوتي زماني جي ايندڙ برڪت جو پيغام ڏئي ٿو جتي مظلومن جي واٽ ۾ رحمت وسندي آهي. "پائر پري پير" مان مراد ٿر جي زمين تي ان نور جي آمد آهي، جنهن سان بنجر زمين ۾ بہ انصاف جا گل ٽڙن ٿا.

وانڍين جو وير ۽ لطيف جي رهاڻ

شاهہ چوي ٿو "لاٿائون لطيف چئي، وانڍيَن مٿا وير" هي سٽ مظلومن جي نصرت، سندن تقدير جي تبديليءَ ۽ ظلم جي زنجير ٽوڙڻ جو پيغام آهي. "وانڍين" انهن ماڻهن لاءِ علامت آهي، جن وٽ ڪا، نہ پناهہ آهي، نہ ٻانهپ جو واهرو. انهن جي "وير"، يعني سندن ڏک، تنهائي، ۽ انساني ناانصافيءَ جي خلاف آواز اٿارڻ. لطيف جي شاعريءَ انساني حقن جو روح آهي. شاهہ لطيف پاڻ ڪي انهن جو ساٿاري ٻڌائي ٿو جن جا حق لتاڙيا ويا، جن جون ڏرتيون ٻهاريون ويون، ۽ جن کي مجبور ڪيو ويو تہ هو پنهنجا "پائر پري" ديس ڇڏين.

خوشبودار انصاف ۽ سڌاريءَ جي راهون

"سَرها ڪيائين سير، سَرهيون سَنگھاريون ٿيون" بيت جي انهيءَ پڇاڙيءَ ۾ خوشبو حسن، ۽ سڪون جي واڌاري جو تصور پيش ڪيو ويو آهي. "سَرها" مان مراد صرف خوشبودار نہ، بلڪ هڪ اهڙو نئون سماج آهي جتي انصاف، عزت، ۽ باهمي احترام جي هوا هجي. "سير" يعني راهون، جن کي لطيف خوشبودار ڪري ٿو مطلب تہ هو اهڙي معاشري جو تصور ڏئي ٿو جتي انصاف جا رستا سيني لاءِ کليل هجن.

"سَنگھاريون" مالدار ۽ بااثر عورتون.هتي طبقائي فرق جو ذڪر بہ نظر اچي ٿو جتي ٻهريان سرهيون صرف سون جي سنگھارين تائين محدود هيون، پر لطيف جو خواب اهو آهي تہ هاڻ اها خوشي عام واهڻ تي بہ وسي، جتي وانڍين جا ڳوڙها گلابن جا گلشن بڻجن، ۽ سونهن، دولت، ۽ عزت صرف چند ماڻهن جي جاگير نہ رهي-

تشريح:

هن بيت ۾ ريگستاني زمين مظلوميت جي علامت آهي، جيسلمير نئين دور جي روشنيءَ، آگم نبوي رحمت جي علامت، وانڍيون انساني درد جي تصوير، ۽ سَرهيون سَنگھاريون انصاف جي فتح جو استعارو بڻجي وڃن ٿا. شاهہ عبداللطيف جي شاعري مظلومن لاءِ امن، رحم، ۽ روشنيءَ جو مينار آهي، جتي رڳو وايون نہ وڃن، پر ويرن مان واڳ نڪري ٿي، جيڪو دردن کي دوا ٻڌائي ٿو.

اج جي دور لاءِ پيغام:

اج بہ جڏهن دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ هزارين انسان ظلم، جبر، ۽ هجرت جو شڪار آهن، شاهہ عبداللطيف جو هي بيت هڪ عالمي آواز جو بنياد رکي ٿو. هي بيت صرف سنڌ جي صحرا جو داستان نہ آهي، پر سڄي انسانيت لاءِ عدل، محبت، ۽ انسان دوستيءَ جي راهہ ڏيکاري ٿو. هي بيت ياد ڏياري ٿو تہ جڏهن وانڍين کي ويرن مان ڪڍي، سندن پيڙا کي پيغام بڻايو وڃي، تڏهن ئي سماج سَرهو ٿئي ٿو تڏهن ئي سَنگھاريون سرهيون ٿين ٿيون.

مسلمانن لاءِ پيغام:

بيت:

ٿَر وُٺا بَر وُٺا، وُٺو جيسلمير،
آگم ڪري آئيون، پائر پَري پير،
لاٿائون لطيف چئي، وانديَن مٿا وير،
سَرها ڪيائين سير، سَرهيون سَنگهاريون ٿيون.

شاهه عبداللطيف ڀٽائي

جو هي بيت محض تاريخي هجرت جو بيان ناهي، بلڪه ان ۾ مسلمانن لاءِ اخلاقي، روحاني، سماجي ۽ سياسي سطح تي گهري رهنمائي سمايل آهي. ڀٽائي جي شاعري دلين جا در کوليندي، انسانن کي انسانيت جو سبق ڏئي ٿي، ۽ ان بيت ۾ مسلمانن لاءِ اهڙا پيغام موجود آهن، جيڪي سندن فڪر، عمل ۽ عقيدي لاءِ روشنيءَ جا مينار آهن.

1.هجرت ۽ قربانيءَ جو پيغام:

"ٿَر وُٺا بَر وُٺا، وُٺو جيسلمير"

مسلمانن لاءِ هي سٽ هجرت مديني جي ياد ڏياري ٿي، جتي رسول اللهﷺ ۽ صحابہ ڪرام ايمان خاطر پنهنجي وطن، مال، ڪاروبار، زمينون ڇڏي فقط الله جي رضا لاءِ لڏي ويا. ٿر (ريگستان) مان جيسلمير وڃڻ، اُن هجرت جو استعارو آهي، جتي حرص، حوصلي، ۽ قرباني جي بُنياد تي نئين سوسائٽيءَ جو بنياد رکيو ويو. مسلمانن کي هتي اهو سبق ملي ٿو ته جڏهن بہ ظلم، ناانصافي، يا عقيدي جي آزاديءَ تي بندشون لڳن، تڏهن ايمان جي سلامتيءَ لاءِ قرباني ۽ هجرت کان نہ گهبرائجي.

2.رحمت جي آمد ۽ نبوي نور جو تذڪرو:

"آگم ڪري آئيون، پائر پَري پير"

آگم مان مراد برساتي موسم آهي استعارو آهي مديني شريف ۾ نبوي آمد جو جنهن جي اچڻ سان سڪل دلن ۾ سڪون جا گل کلن ٿا. مسلمانن لاءِ هي سٽ ياد ڏياريندي آهي تہ نبيﷺ جي آمد فقط تاريخي واقعو نہ، بلڪ هر مسلمان جي حياتيءَ لاءِ هدايت ۽ برڪت جو سرچشمو آهي. جنهن دل ۾ رسول اللهﷺ جي تعليم، سنت، ۽ محبت داخل ٿئي ٿي، اُتي ئي "آگم" جي برڪت نازل ٿئي ٿي.

3.مظلومن جي مدد ۽ عدل جي قيام جو سبق

"لاٿائون لطيف چئي، وانديَن مٿا وير"

لطيف هتي مظلومن جي حالت تي آواز بلند ڪري ٿو. انهن لاءِ "وير" يعني ڏکيو وقت هٽايو ويو، مطلب تہ انهن جي حال تي رحم ڪيو ويو، سندن حق بحال ٿيا. هي سٽ مسلمانن لاءِ وڏو اخلاقي درس آهي تہ جيڪڏهن ڪا قوم، ڪو فرد، يا معاشرو مظلومن جي مدد نہ ڪري، تہ اُهو پاڻ ظالم بڻجي ٿو. اسلام عدل جي تعليم ڏئي ٿو:

''اِنَّ اللّٰهَ يَأۡمُرُ بِالۡعَدۡلِ وَالۡاِحۡسَانِ''

(الله انصاف ۽ احسان جو حڪم ڏئي ٿو)

هتي مسلمانن لاءِ پيغام آهي تہ هو هر حال ۾ حق واري پاسي بيهن، ظلم خلاف آواز اٿارين، ۽ بيواهن، يتيمَن، مسڪينن ماڻهن لاءِ ساهه بڻجن.

4.اجتماعي خوشحالي ۽ عورتن جي مقام جو شعور:

"سَرها ڪيائين سير، سَرهيون سَنگهاريون ٿيون"

شاھ عبداللطيف ڀٽائي سماج جي هر پرت ۾ خوشبو امن، عزت، ۽ وقار جي واڌاري جو تصور ڏي ٿو- "سنگهاريون" يعني مالدار عورتون بہ "سرهيون" ٿيون، مطلب تہ جڏهن معاشرو عدل تي ٻيٺل هجي، تہ فقط ڪمزور نہ پر امير طبقو بہ سک سان رهي ٿو- مسلمانن لاءِ هتي رهنمائي آهي تہ جيڪڏهن معاشرو قرآن ۽ سنت جي تعليم تي هلي، تہ هر درجي جو ماڻهو سک، امن، ۽ خوشحاليءَ جو مزو وٺي سگهي ٿو. عورتن کي عزت، وقار، ۽ سماجي تحفظ ڏيڻ اسلامي سماج جو اهم جزو آهي.

جامع پيغام

ڀٽائي عليہ الرحمہ جي هن بيت مان مسلمانن لاءِ هي اهم درس نڪرن ٿا:

1.ايڪتا ۽ هجرت جي روح: ايمان جي سلامتيءَ لاءِ قرباني کان نہ ڊڄو پنهنجي عقيدي تي قائم رهو.

2.رحمت جي طلب: رسول ﷺ جي سنتن سان حياتيءَ کي سينگاريو، تہ دليون بہ گلزار ٿينديون.

3.عدل جي اهميت: مظلومن جي ساٿ ڏيو ظالمن جي مقابلي ۾ همت سان بيهو.

4.عورتن کي عزت: سماجي سطح تي عورتن کي احترام، تحفظ، ۽ حيثيت ڏيو جيئن سماج ۾ توازن قائم رهي.

آخري لفظ:

شاھ عبداللطيف ڀٽائي جو هي بيت مسلمانن لاءِ روحاني غذا، عملي رهنمائي، ۽ سماجي بيداريءَ جو پيغام آهي. هي بيت چوي ٿو تہ جتي لطيفي فڪر، نبوي سنت، ۽ قرآني حڪمت گڏ ٿين، اُتي ئي ٿر جهڙا ريگستان بہ جيسلمير جهڙن گلشنن ۾ بدلجي سگهن ٿا.

ڀٽائي ۽ پرم پاروڙي

رهي (روحاني تشريح)

"پرم پاروڙيءِ رهي، جنهن ۾ اچي ان !
تہ پڻ ويني ونڌيان، توڙي پونس تن
غافل رک غريب کي، عمر امنجهہ امن
سرتين ساڻ سمن، آهم ائي مينهڙي."

روحاني تشريح

1."پرم پاروڙيءِ رهي، جنهن ۾ اچي ان"

مارئي اتي "پرم" لفظ استعمال ڪيو آهي، جيڪو عزت، لڄ، پاڪدامني، ايمان، يا روح جي سچائي لاءِ استعارو آهي.

"پاروڙيءَ" جو مطلب آهي ڪپڙي جو اوچو ڏاڳو جيڪو ڪپهہ مان ٺاهيو ويندو آهي.اچي ڪپهہ روح جي صفائي، پاڪيزگي ۽ فطري سچائي جي علامت آهي.

مارئي چوي ٿي: "منهنجي پاڪيزه روح،نازڪ خالص، نيڪ ۽ اچي رنگ جيئان بي داغ آهي، تہ مان انهيءَ جي حفاظت ڪنديس."

روحاني لحاظ سان، هي انسان جي ان فطري پاڪائي جي ڳالهہ آهي، جيڪا الله جي طرفان عطا ڪيل آهي.جنهن ۾ روح اچي ڪپہ جيان معصوم آهي. پاروڙي جيان هيءَ پاڪ روحاني سچاڻپ پنهنجي تقدير ۾ اپي آهي، جنهن جي حفاظت سڀ کان اهم آهي.

2."تہ پڻ ويني ونديان، توڙي پونس تن"

مارئي چوي ٿي: ”جيڪڏهن ڪو داغ پوي، نقص اچي، تہ بہ مان پاڻ انهيءَ کي رفو ڪنديس، سئي سان ونڍينديس.“هي جملو توبہ، اصلاح، ۽ روح جي صفائي جي علامت آهي.

مارئي جو عزم اهو آهي تہ: جيڪڏهن منهنجي روح يا زندگيءَ ۾ ڪو ٿئي، تہ مان ان کي اصلاح جي رستي سان درست ڪنديس.هي تصوف جي زبان ۾ ”تزڪيہ نفس“ ۽ ”رجوع الی الله“ جو روح آهي.

3.“غافل رک غريب کي، عمر! منجهہ امن“

مارئي دعاء ڪري ٿي: ”اي عمر! هيءَ غريب معصومڙي، يعني مان، تنهنجي هٿان غافل رهجي وڃان، يعني تنهنجي نظر کان اوجهل، ۽ امن ۾ رهجي وڃان.“ هيءَ دعا اصل ۾ دنياوي لالچ، فتنن، ۽ نفساني خواهشن کان الهي پناهہ جي طلب آهي.

عمر هتي استعاري طور دنيا، شيطان يا آزمائشن جي علامت آهي.مارئي چوي ٿي تہ: ”اي رب! منهنجي پاڪ فطرت کي عمر جي غافل،دنيادار نظر کان بچاءِ، مون کي امن عطا ڪر.“

هي آيتن جو ترجمو محسوس ٿئي ٿو:

’’وَقِنَا فِتْنَةَ الدُّنْيَا‘‘

(اي الله! اسان کي دنيا جي آزمائشن کان بچاءِ)

4.“سرتين سان سمن، آهہ اٿي مينهڙي“

مارئي چوي ٿي تہ: ”مون کي منهنجي سرتين، يعني هم جنس، هم فڪر پاڻ جهڙي پاڪ هستين سان گڏ، مينهن وسڻ جي وقت (ساوڻ جي موسم) ملڻ جو واعدو آهي.“

مينهن هتي وصال، روحاني بهار، يا رحمت جي علامت آهي.

سرتيون = اهڙيون ٿي پاڪ هستيون، وفادار مؤمن،اهل الله مراد آهن

سمن = سان گڏ، گڏجي آهم اٿي مينهڙي = رحمت جي موسم ۾ ملاقات

هي جملو روحاني وصال، جنت جي اميد، يا الهي رضا حاصل ڪرڻ جي تمنا آهي. مارئي چوي ٿي تہ: ”مان اُنهيءَ مينهن جي موسم لاءِ جي رهي آهيان، جتي سيئي پاڪ روح، پنهنجي رب سان ملڻ لاءِ گڏ ٿين.“

مجموعي روحاني پيغام:

هي بيت صوفيانہ اظهار آهي تہ:زندگيءَ ۾ پاڪدامني، ايمانداري ۽ اندروني روحاني صفائيءَ کي ڪپهہ جيان نازڪ سمجهي، ان کي دنيا جي حرص و هوا ۽ لغزشن کان حفاظت ڪرڻ گهرجي.جيڪڏهن ڪا غلطي ٿئي، تہ الله جي طرف رجوع، توبہ ۽ خود احتسابي سان ان کي درست ڪري سگهجي ٿو.

الله کان دعا ڪرڻ گهرجي تہ شيطاني خواهشن، دنياداري جي فريب، ۽ لالچ کان روح کي بچائي. آخر ۾ الله جي رحمت جي برسات ۾ پاڪ روحن سان گڏ وصال جي اميد رکڻ گهرجي.

2.بيت ۽ موجوده دؤر ۾ رهنمائي:

بيان ڪيل بيت ”پرم پاروڙيءَ رهي...“ سر مارئي جو حسين ۽ لاجواب بيت آهي، جيڪو صوفي فڪر، انساني غيرت، روحاني پاڪدامني، ۽ ذاتي وفا جو زنده نقش پيش ڪري ٿو. ان بيت کي جيڪڏهن جديد دور جي تناظر ۾ ڏسجي تہ اها فقط مارئي جي ديس سان وفاداري نہ، پر انسان جي ضمير، عزت، سچائي، ۽ رشتن جي حرمت جو دائمي پيغام آهي، جيڪو اڄ

ٻه ساڳي شدت سان موجود آهي.هي بيت جديد انسان لاءِ رهنمائي جي مشعل بڻجي سگهي ٿو جيڪڏهن ان جي بين السطور معنائن کي سمجهيو وڃي.

ادبي ۽ فڪري ترتيب: جديد دور جي رهنمائي:

1.“پرم پاروڙيءَ رهي، جنهن ۾ اڇي ان“

اڄ جي ڊوڪي دولاب، ماديت، ۽ خودغرضي جي دور ۾، هي سٽ انسان کي سندس ضمير جي سادگي، پاڪيزگي ۽ عزت نفس جي ياد ڏياريندو آهي. ”پرم“ يعني عزت، لڄ، پاڪدامني، جيڪا ڪنهن به شخص جي اخلاقي سڃاڻپ آهي، ۽ ”اڇي ان“ اڄ جي زماني ۾ سچائي، معصومي، ۽ نيڪ نيتي جو استعارو آهي.دور جديد جي اها سڃاڻپ ٿي وئي آهي، جيڪا سوشل ميڊيا، طاقت، پئسي ۽ شهرت جي شور ۾ اخلاقي پستي ٿي رهي آهي.

ڀٽائي عليه الرحمه جو مارئي جي زبان پيغام آهي:

”صاف سچي رستي تي قائم رهجي، ڀلي ساري دنيا رنگين ڏسجي.“

2.“ته ٻه ويڻي ونديان، توڙي پونس تن“

اهو قول، استقامت، واعدي جي پڪائي، ۽ ذاتي ڪردار جي مرمت جي خواهش جو اعلان آهي.اڄ جو انسان جيڪڏهن ڀٽڪي ٻه پوي، ته توبه، اصلاح، ۽ واپسي جي واٽ بند ناهي.موجوده دور جي سماجي گمراهيءَ، جهڙوڪ اخلاق جي گهٽتائي، خاندانن جي ٽٽڻ، يا جذباتي بي حسيءَ جي پسمنظر ۾، هي بيت ٻڌائي ٿو ته:

”جيڪو ٽٽي پوي، تنهن کي ڦٽو نه ڪر، پر رفو ڪر، تعلق هجي يا ضمير.“

3“غافل رک غريب کي، عمر منجهه امن“

هيءَ التجا فقط عمر بادشاهه کان نه، پر هر ان طاقتور سياسي، نفسياتي، يا معاشي قوت کان آهي، جيڪا انسان جي آزادي، سوچ، ۽ سچائيءَ تي وار ڪري ٿي.مارئي وانگر هر سچو انسان چاهي ٿو ته بدنيتي، ظلم، ۽ دنياوي فريبن کان محفوظ رهي.اڄ جي دؤر ۾، ذهني امن سڀ کان وڏي نعمت آهي، ۽ مارئي جو واعدو آهي ته: ”اي مالڪ! ان غريب نفس کي دنيا جي عمرن جي چالاڪين کان بچاءِ.“

4.“سرتين سان سمن، آهم اٿي مينهڙي“

مارئي جو واعدو صرف ظاهري ملاقات جو ناهي، بلڪه اهو وصال روحاني آهي، جنهن لاءِ انسان انتظار ڪري ٿو. ”سرتيون“ انهن دلين جي علامت آهن، جيڪي وفا، ايمان، ۽ سچائيءَ سان ڀريل آهن، ۽ ”مينهڙو“ ان رحمت جي ساعتن جي علامت، جنهن ۾ پاڪ روح ملن ٿا.جديد دور جي اڪيلائپ، تعلقن جي ٽٽڻ، ۽ دلين جي دوري ۾، هي بيت نصيحت ڪري ٿو:“صبر ڪر، سڻائي ٿيندي، ۽ محبتي ملاقاتي ٿيندا.

اختتام:

هي بيت اڄ جي انسان لاءِ هڪ روحاني نقشو اخلاقي نصيحت، ۽ جذباتي توازن پيش ڪري ٿو. اها رهنمائي ڪري ٿو ته عزت نفس کان وڏ ڪا شيءِ ناهي.ان کي مجروح ٿيڻ کان بچاءَ.توبه ۽ اصلاح جي در کي ڪڏهن بند نه سمجهه.ظلم کان بچڻ لاءِ رب سان رشتو مضبوط رک.۽ آخر ۾، محبتن، رشتن، ۽ سچن جذبن جو مينهن ضرور وسندو، شرط وفا، صبر، ۽ سچائيءَ جو آهي. ”مارئي جي بيتن مان، اڄ به ضمير جون زنجيرون ٽٽن ٿيون، ۽ هر دور جي عمر کان آزاديءَ جو آواز اڀري ٿو.“

ڀٽائي رحہ ۽ قضيي ڪربلا جو

ڪاڪا گهڙي اهڙي ايندي آهي، جتي وقت ۽ وٿي جا سڀ فاصلا ختم ٿي ويندا آهن.لفظن جي زبان گُم، ۽ فضا خاموشيءَ جي صدا بڻجي روئڻ لڳي ٿي. اها گهڙي ڪهڙي هئي؟ اها 10 محرم الحرام سنہ 61 هجري جي شام هئي، هڪ اهڙي شام، جيڪا ڪائنات جي احساسن جو انت بڻجي بيٺي.اُها شام، سچ جي سچ جي وڇوڙي جو نشان هئي. جتي روشني لُٽجي ويئي، جتي نبيءَ جو جنتي گل رت ۾ رڱجي ويو. اها شام ڪربلا جي هئي. هڪ اجڙيل ميدان جي، ان ڏينهن وقت جي واچ بند ٿي وئي. گهڙين جي گردش بي معنيٰ لڳي. ڪائنات گردش روڪي ،وٿين فاصلا ختم ڪري ،ماضي، حال ۽ مستقبل هڪ نقطي تي اچي مليا.

اها لمحا فقط حسين رضہ لاءِ نہ، پر انسانيت جي تقدير لاءِ لکي پئي وئي. جتي هڪ طرف ظلم، سازش، ۽ خودغرضي هئي؛ تہ ٻئي طرف سچ، صبر، ۽ شهادت جي سچائي. هوائون، جيڪي سدائين سنگيت بڻجي اينديون آهن، انهيءَ شام ماٺ ٿي ويون. پکي، پرندا، هر شيءِ ۾ عجيب بيچيني ڇانئجي وئي.

دنيا جي سربلند چوٽيون، جن تي غرور جو گمان هوندو، انهيءَ شام جهڪي پيون. چشمہ، جن مان پياسا پيئندا سڪي ويا. ڪربلا جي قضيي جو ذڪر ڪندي ڀٽائي رحمة الله عليہ فرمائي ٿو:

"سَختِيِ شَهادَتَ جِي، نِسوروئي نازُ،
رِندَ پَرُوڙِين رازُ، قَضِيَي ڪَربَلا جو"

هي بيت فقط بيت ناهي، پر ازلي صداقت جو شعر آهي، جنهن ۾ ڪربلا جي فڪر، فلسفي، ۽ فيصلي کي صوفيانہ سچائيءَ سان بيان ڪيو ويو آهي.

سَختيءَ جي شڪل ۾ سُڪون

"سَختِيِ شَهادَتَ جِي، نِسوروئي نازُ" شهيدن لاءِ شهادت فقط هڪ درد ناهي، بلڪہ اها تہ سندن سَندِ فخر، سندن سينو سينگارڻ وارو تاج آهي. جن جو رت وهيو انهن جي چهري تي ناز هو ڇاڪاڻ تہ هو الله جي رضا لاءِ جيئي رهيا هئا.

هي سٽ، آيتِ مبارڪ هن ﴿سُورَةُ البَقَره، آيت 155﴾ جي ترجماني ڪندي لڳي ٿي.

''وَلَنَبْلُوَنَّكُمْ بِشَيْءٍ مِّنَ الْخَوْفِ وَالْجُوْعِ...''

يعني: "اسان ضرور اوهان کي آزمائينداسين، ٿوري خوف، بک، مال ۽ جانن جي نقصان سان... ۽ صبر ڪندڙن کي خوشخبري ڏي."

ڪربلا، هن آيت جي مجسّم صورت بڻجي بيٺي هئي. حسين بن علي رضي الله عنہ ۽ سندن ساٿين پنهنجي سر، صبر، ۽ سچائيءَ سان ان امتحان کي حسن سان ڀوڳيو.

نِسوروناز ،فنا ۾ بقاءَ

شهادت جي سختي، جيڪي دنيا جي نظر ۾ تڪليف آهي، اهلِ حق جي نگاہ ۾ "نِسوروناز" آهي. نہ تڪليف، نہ تردّد، فقط رضا!

ڪربلا جي ميدان ۾ حسين رضي الله عنہ جو اُهو جملو ''اَللّٰهُمَّ اِنِّي رَاضٍ بِقَضَآئِكَ'' انهيءَ بي نياز ناز جو نهايت بلند مثال آهي.

رِندَ پَرُوڙِين رازُ، صوفي سچ جو سرود

"رِند" صوفي طرزِ زندگيءَ جي علامت آهي، جيڪو دنياوي مصلحتن کي لت ڏئي، سچ لاءِ سر ڏئي ٿو. هتي "رِندَ" حسين ۽ سندن ساٿين جا مثال آهن، جن پردو پسي راز سمجهي ورتو.

"پَرُوڙِين رازُ" يعني، اهي جيڪي ڪربلا جي خون ۾ دفن راز کي پڙهي سگهيا، تن کي محبت جي معراج ملي. حسين رضہ جي قرباني رڳو مظلوميت نہ بلڪ حقيقت جي حڪمت آهي.

قضيہ ڪربلا فقط واقعو نہ، وحيءَ جي وضاحت

"قضئي ڪربلا جو" هي لفظ صرف تاريخي الميي جو بيان نہ آهي، بلڪہ اها "سنتِ ابراهيمؑ" جي تجديد، "نصرتِ موسيٰ" جي تڪميل، ۽ "فداء محمديؐ" جي مثال آهي.

هتي حق پنهنجي اعليٰ ترين مقام تي هو ۽ باطل جي خلاف صبر سان بيهڻ ان مان بهترين سبق.

خلاصو: ڪربلا قربانيءَ جو اعلي مثال

ڪربلا فقط ماتم جو نالو ناهي،جو تہ مظلوميت پيش ڪرڻ سان مذهب جو دفاع ڪمزور ٿي ويندو آهي.ان جي برعڪس مزاحمت،اٽل ارادي، معرفت، ۽ محبت جي ميدان جو نالو آهي.جيڪو حسين رضہ وانگر قرباني ڏئي، سو ئي محبوبِ خدا ٿئي ٿو.حسين رضہ يزيدي بدڪارين ڪري بيعت نہ ڪئي اڄ حسيني چوڻ جو ان کي ڪو حق ناهي جيڪو يزيدي ڪردارن جي اتباع ڪري ٿو.پر جيڪو زينب وانگر صبر ڪري، سو ئي صبر جميل جي اعلي تفسير بڻجي ٿو. ۽ هي بيت، اُنهيءَ سياءُ، سياڳي، ۽ سچائيءَ جو قلمي قافلو آهي.

پٽائي ۽ سيوا ڪر سمنڊ جي.روحاني تشريح

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جو بيت:

"سيوا ڪر سمنڊ جي، جت جر وهي ٿو جال
سوين وهن سير ۾، ماڻڪ، موتي، لعل
جي ماسو مليئي مال، تہ پوڄارا پر ٿئين"

اهو صرف هڪ شاعراڻو اظهار نہ پر عشق جي اعليٰ درجي جو روحاني راز معرفت جو ميخانو ۽ حقيقت جي ڳولا ڪندڙن لاءِ چراغِ راهہ آهي. هن بيت ۾ "سمنڊ"، "سيوا"، "جر"، "ماڻڪ"، "مال"، "موتي"، ۽ "پوڄاري" جا لفظ پنهنجي اندر بي پناهہ علامتي معنيٰ رکن ٿا، جيڪي محض ظاهري نظر سان نہ، پر دل جي سچائي ۽ روح جي طلب سان سمجهي سگهجن ٿا.

سمنڊ جي سيوا، طلب جي تپش:

سمنڊ، شاهہ جي شاعريءَ ۾ وجود جي ڪائنات بہ آهي ۽ رب جي ذات جي بيڪراں وسعت بہ. "سيوا ڪر سمنڊ جي" جو مطلب آهي تہ انسان پنهنجي وجودي حدن کي ٽپي، رب جي سمنڊ ۾ پاڻ کي وجهي، عبادت، تپسيا، ۽ روحاني سيوا ذريعي ان حقيقت تائين رسائي حاصل ڪري، جتي هر لهر راز جي زبان هجي، ۽ هر جر محبت جو پيغام.

جت جر وهي ٿو جال،اٿاهہ محبت الاهي:

"جال" مان مراد: تمام گهڻي مقدار.لفظ "جال" هتي مڇي مارڻ جو اوزار يا ڄار جو سامان ناهي، جيئن عام طور تي سمجهيو ويندو آهي. ڀٽائي جي بيتن ۾ علامتي زبان جو استعمال تمام وسيع آهي.پوري وسعت سان پکڙيل ڪا شَي ڪائناتي رحم، فيض، يا رباني نعمتن جو وڏو ذخيرو "جت

جر وهي ٿو جال" - يعني "جتي وهڪرو وهندو رهي ٿو مطلب هي آهي تہ سمنڊ جي ان گھرائيءَ ۾ رباني فيض، الاهي نعمتون، روحاني خزانا تمام گھڻا آهن. بس شرط آهي تہ تون سيوا ڪر، پاڻ کي وقف ڪر، طلب رک، محنت ڪر. جال اهو استعارو بہ آهي جنهن سان طالب پنهنجي دل ۾ رب جي محبت پيوست ڪري، سمنڊ مان موتي (وصال، سچائي، معرفت) حاصل ڪري ٿو.

ماڻڪ، موتي، لعل، دل ۾ روشنيءَ جا رتن:

"سوين وهن سير ۾ ماڻڪ موتي لعل" اهي انسان جي اندر لڪيل روحاني خزانہ آهن، جيڪي فقط الله جي محبت سان، ان جي معرفت سان، ۽ قرب جي عطا سان نصيب ٿين ٿا. هتي ماڻڪ، موتي، لعل، اهي ئي ناياب رتن آهن، جيڪي فقط ان دل کي ملن ٿا، جيڪو رب جي ذڪر، فڪر، ۽ ذوق سان چمڪي ٿو. هر سير، هر وهڪرو زندگيءَ جي منزل آهي. ۽ هر سفر، هڪ امتحان. انهيءَ سفر ۾ جيڪڏهن رب جي محبت جو صرف هڪ ذرو، هڪ جهلڪ، يا وصال جو هڪ لمحو بہ نصيب ٿي وڃي، تہ اهو ماڻڪ موتيءَ کان بہ قيمتي آهي. دنيا جي دولت، بادشاهي، شهرت، سڀ ڪجھ ان هڪ لمحي جي سامهون فقير بڻجي بيهي ٿو.

ماسو، مال، ۽ پوڄاري ٿيڻ جي حقيقت:

"جي ماسو مليئي مال، تہ پوڄارا پر ٿئين" هتي "ماسو" محبت جو خالص لمحو آهي، رب سان وصال جي هڪ رمق آهي. اهو وصال ڪڏهن سج جي ڪرن وانگر اکيون چڪائي لڪجي وڃي ٿو تہ ڪڏهن طوفان جي واءُ وانگر اچانڪ اچي سيني وسوسن کي اڏاري ڇڏي ٿو. جيڪڏهن انهيءَ الاهي سمنڊ مان رب جي محبت جو فقط هڪ ذرو ملي وڃي، تہ انسان فاني نہ،

پر باقي ٿي وڃي ٿو. اهو ئي انسان، پوءِ حقيقي "پوڄاري" ٿي وڃي ٿو. يعني رب جي قرب جو وارث، حقيقت جو دوست، ۽ عشق جي امانتدار.

وصال، محبت ۽ حضوري ۔ دنيا ومافيها کان قيمتي شي:

خدا جو وصال، فقط زبان سان نہ، پر دل سان ملندو آهي. جڏهن دل جي دنيا ۾ محبوب جو نور وسامي ٿو تہ دنيا جي هر شيءِ جو رنگ ڦڪو ٿي پوي ٿو. دولت، رتبو عزت، علم، عقل، سڀ ان وحدت جي حضور ۾ سجدا ڪن ٿا. حضوري، جنهن ۾ عاشق ۽ معشوق وچ ۾ ڪو پردو نہ رهي، سڀ کان وڏو لعل آهي. ان جي سامهون ڪائنات جي بادشاهي بہ خاڪ برابر آهي.

شاهہ ڀٽائي عليہ الرحمہ جو پيغام آهي:

جهد، جفا، سيوا، ۽ تسليم ذريعي رب جو قرب حاصل ڪر. سمنڊ جي سيوا فقط هڪ رسم نہ آهي، بلڪ اها فنا في الله ٿيڻ جي راهہ آهي. ان راهہ تي هلڻ سان دل جي خزانن جا دروازا کلن ٿا، محبت جي هير لڳڻ شروع ٿئي ٿي، ۽ انسان دنيا جي قيدن مان آزاد ٿي، رب جي حضوريءِ ۾ مست ٿي وڃي ٿو.

نتيجو: سيوا، سچائي، ۽ وصال

اڄ جي دور ۾، جتي دنيا جي خواهشن، چمڪ، ۽ ماديت انسان جي دل کي بي نور ڪري ڇڏيو آهي، شاهہ لطيف جو اهو بيت هڪ جڳمگ مينار وانگر آهي، جيڪو روح جي واٽ ڏيکاري ٿو. اسان کي گھرجي تہ پنهنجي دل ۾ الاهي سيوا ڪري جتي جر جال وهي ٿو ان معرفت جي سمنڊ ۾ لهي، جتي رب جو نور لهرن ۾ روشني ڏئي رهيو آهي. جتي رب جي وصال، محبت، ۽ حضوري جو فقط هڪ "ماسو" بہ ملي وڃي، تہ انسان سدائين لاءِ سڪون، سچائي، ۽ سلامتيءَ جو پوڄاري بڻجي وڃي ٿو.

2. بيت جو اجمالي تجزيو:

شاھہ عبداللطيف ڀٽائي پنھنجي بيت:

"سيوا ڪر سمنڊ جي، جت جر وھي ٿو جال
سوين وھن سير ۾، ماڻڪ موتي لعل
جي ماسو مليئي مال، تہ پوڄارا پر ٿئين"

۾ عام زندگي جي علامتن ذريعي، عشقِ الھي، روحاني ڳولا ۽ حقيقت جي شعور کي اھڙي اڻ مٽ شاعراڻي پختگيءَ سان پيش ڪيو آھي، جيڪا پڙھندڙ جي دل ۽ روح ۾ ھڪ سڪ، ھڪ سڏ پيدا ڪري ڇڏي ٿي.

سمنڊ، رباني محبت جو بحرِ بيڪران:

ھتي "سمنڊ" فقط پاڻيءَ جو وڏو ذخيرو نہ، پر الله جي محبت، قرب ۽ وصال جي بي انداز وسعت جي علامت آھي. اھا وسعت، جيڪا عقل سان نٿي ماپي سگھجي، ۽ صرف سچي دل، سيوا، ۽ سوز سان حاصل ڪري سگھجي ٿي. سمنڊ جي اڻٽڪ ڇولين وانگر، الله جي محبت جو وھڪرو بہ بي رُڪاوٽ، مسلسل ۽ بي حساب آھي. پر ان مان فيض وٺڻ لاءِ انسان کي "سيوا" ڪرڻي پوي ٿي - يعني پاڻ کي فنا ڪري، پنھنجي ھستيءَ جي ھوڏ کي سمنڊ ۾ وجھڻو پوي ٿو.

جال، گھرو پاڻي لامحدود معرفت الاھي:

"جت جر وھي ٿو جال" مان مراد آھي تہ ان گھري پاڻي جو استعارو آھي، جيڪو پنھنجي خالق جي قرب حاصل ڪرڻ لاءِ غوط زن ٿئي ٿو. اھا تمنا ئي تلاش بڻجي، آخرڪار ان مقام تي وٺي وڃي ٿي، جتي رب جي معرفت محبت جا رباني خزاني مخفي آھن.

ماڻڪ، موتي، لعل، الله جي معرفت، قربت، ۽ حضوري:

"ماڻڪ موتي لعل" انھن قيمتي شين جا استعارا آھن، جيڪي انسان کي فقط دنيا جي قيمتن ۾ نہ، پر روح جي بلندين ۾ حاصل ٿين ٿا. ھتي اھي ھيرا، اصل ۾ الله جي معرفت، قربت، حضوري، رضا، ۽ سڪون جا انمول رتن آھن، جيڪي صرف انھن کي ملن ٿا، جيڪي سمنڊ جي سيوا ۾ پنھنجو پاڻ وساري ڇڏين ٿا.

ماسو مليئي مال، محبت جي ذري جي عظمت:

"جي ماسو مليئي مال" ھتي "ماسو" ھڪ تمام معمولي، انتھائي ننڍڙي حصي جو استعارو آھي. پر اھو معمولي حصو جيڪڏھن الله جي محبت جي جھلڪ، وصال جو لمحو يا معرفت جو نور آھي، تہ اھو ئي انسان لاءِ سڀ کان وڏو مال، سڀ کان قيمتي خزانو بڻجي وڃي ٿو.

اھو بيت انسان کي اھو پيغام ڏئي ٿو تہ

جيڪڏھن رب جي محبت مان فقط ھڪ ذرو، ھڪ ماسو، يا فقط ھڪ تجلي بہ نصيب ٿي وڃي، تہ پوءِ انسان جي زندگي ڪامياب، مقدس، ۽ پوڄاريءَ جي مقام تي فائز ٿي سگھي ٿي.

نتيجو: سيوا جو سفر، وصال جو انعام:

شاھہ ڀٽائي عليہ الرحمہ جي ھي بيت اسان کي تعليم ڏئي ٿو تہ روحاني سفر جي ڪاميابي لاءِ "سيوا" يعني عبادت، اخلاص، قرباني، ۽ تلاش ضروري آھي. الله جي محبت جو سمنڊ بي انداز آھي، پر انھيءَ مان خزانو فقط انھن کي ملي ٿو جيڪي صدقِ دل سان پنھنجو وجود ان ۾ وجھن ٿا.۽ جيڪڏھن انھيءَ الاھي بحرِ محبت مان صرف ھڪ "ماسو" ھڪ لمحو ھڪ

احساس، هڪ روشنيءَ جي جهلڪ به حاصل ٿئي، ته اهو ئي انسان جي قسمت جو ورق بدلائي، ان کي فاني مان باقي، غلام مان پوڄاري، ۽ طالب مان محبوب بڻائي سگهي ٿو.

اچو ته دل کي الاهي سمنڊِ جي خدمت ۾ پيش ڪريون، جيئن ڪنهن ڏينهن خدا جو هڪ ذرو، اسان جي اندر جو وجود روشن ڪري وجهي.

شاهه ڀٽائي ۽ الا ڏاهي م ٿيان

(روحاني راز)

شاهه عبداللطيف ڀٽائي، سنڌ جي روحاني افق تي چمڪندڙ ستارو، پنهنجي بيتن ذريعي نه فقط شاعري جي شاندار دنيا جو خالق آهي، پر هڪ اهڙو فڪر به پيش ڪري ٿو جيڪو انسان جي اندر تائين لهڻ جو حوصلو رکي ٿو. سندس بيت:

"الا ڏاهي م ٿيان، ڏاهيون ڏک ڏسن

مون سان مون پرين، ڀورائي ۾ ڀال ڪيا"

هن بيت جي ڀيٽ ۾ ڀٽائي عقل ۽ دانائيءَ جي حدن کان اڳتي نڪري، اُهو راز کولڻ ٿو چاهي، جيڪو انسان جي روح ۽ رب جي رشتو کي بيان ڪري ٿو. ڀٽائي هتي ڪنهن عام دانائيءَ، عقل جي حوصلي يا فڪر جي زور جي نفي نه ٿو ڪري، پر هڪ خاص قسم جي "خود ساخته دانائي"، "فخر آميز علم"، ۽ "ظاهر پرست ذهانت" کان خبردار ٿو ڪري. هو چوي ٿو ته گهڻو علم، گهڻي عقل، گهڻي ڳولا... اڪثر انسان کي رب کان پري ڪري ڇڏيندي آهي، ڇاڪاڻ ته هو پنهنجي هوش، فهم ۽ منطق تي فخر ڪرڻ لڳي ٿو. شاهه ڀٽائي چوي ٿو ته: "ڏاهيون ڏک ڏسن" علم، عقل، منطق جي راهه ۾ سچ جي رستي روڪ ڪيا وڃن ٿا. "الا ڏاهي م ٿيان" اي انسان! ڏاهو ٿيڻ جي دعوي نه ڪر، رب جي بارگاهه ۾ سوالن جا سوال تن کان ٿيندا.

قرآن مجيد ۾ پڻ الله پاڪ فرمائي ٿو:

''إن السمع والبصر والفؤاد كل أولئك كان عنه مسؤولا''

(سوره الإسراء: 36)

يعني: ٻڌڻ، ڏسڻ ۽ دل سڀ ڪان پڇا ڪئي ويندي. اهو ئي فڪر ڀٽائي جي بيتن مان ظاهر ٿئي ٿو. هو انهيءَ حقيقت ڏانهن توجه ٿو ڏياري ته جن ماڻهن کي دنيا سياڻو سمجهي ٿي، انهن تي الله جو امتحان به سخت هوندو. ڇاڪاڻ ته سندن علم، سندن عقل، سندن فڪر سڀ انهن جي عمل جي حساب ۾ ايندا. علم جي نور ۾ جي عمل نه آهي، ته اهو روشني نه،دوزخ جي باهه بڻجي پوي ٿو. ٻئي طرف، ڀٽائي جي ٻئي اکرن مان اِهو به مفهوم نڪري ٿو ته:

"مون سان مون پرين، پورائي ۾ پال ڪيا"

يعني سادگيءَ سان، بي لوث دل سان، محبت جي گُهر سان، رب پاڻ سان محبت جو انداز اختيار ڪيو آهي. يعني جيڪو ماڻهو پاڻ کي بي نياز، سادو، عاجز ۽ رب جو محتاج سمجهي ٿو اهو ئي محبوب ٿيندو. جيئن قرآن ۾ آهي:

''وَعِبَادُ الرَّحْمَٰنِ الَّذِينَ يَمْشُونَ عَلَى الْأَرْضِ هَوْنًا''

(سوره الفرقان: 63)

رحمان جا بندا اهي آهن، جيڪي زمين تي عاجزي سان هلن ٿا. شاهه ڀٽائي جي بيت جو روحاني پيغام ڏئي ٿو ته رب جي قربت ساده دلين، عاجزي اختيار، بنا فخر جي انسانن لاءِ آسان آهي. اڄ جي دور ۾ جتي تعليم، ڊگريون ۽ "علمي برتري" کي فخر جي حيثيت حاصل آهي، اتي ڀٽائي جو هي بيت روحاني جهلڪ پيش ڪري ٿو ته "خبردار! علم جي دعويٰ سان نه، عمل جي عاجزيءَ سان رب راضي ٿيندو". اهو مضمون فقط انهن لاءِ نه، جيڪي روحاني راهه تي آهن، پر انهن لاءِ به آهي، جيڪي علم جي شعاعن ۾ مغرور ٿي ويا آهن. ڀٽائي جو بيت ٻڌائي ٿو ته علم لاءِ اخلاص، فهم لاءِ

عاجزي ۽ دانائي لاءِ رحمت گهرجي. اڄ جڏهن اسان تعليم يافته هجڻ جو تمغو سينو تي لڳائيندا آهيون، تڏهن ڀٽائيءَ جي اها صدا اسان جي ڪنن ۾ آواز ڪري ٿي:

"الا ڏاهي م ٿيان، ڏاهيون ڏک ڏسن"

علم اُهو ناهي جيڪو سوال وڌائي، علم اُهو آهي جيڪو جواب بڻجي، انسان کي نرم ڪري، رب جي حضور عاجز بڻائي. تنهنڪري، اڄ جي استاد، شاگرد، عالم، اديب، ۽ هر باشعور انسان کي ڀٽائي جي هن فڪر سان پاڻ کي پرکڻ گهرجي. ڇا اسان جو علم اسان کي رب جي ويجهو وٺي پيو ٿو وڃي، يا فقط دليلن جي جنگ ۾ پوئتي ڌڪيندو ٿو وڃي؟ ڇا اسان سياڻپ جي فخر ۾ بي نياز ٿي ويا آهيون؟ يا عاجزيءَ جي رمز سان رب جي قرب ۾؟ سچ ته ڀٽائي جو بيت هر ان دل لاءِ آهي، جيڪا حقيقت جي طلبگار آهي، ۽ رب جي قرب جي آرزومند آهي.

"الا ڏاهي م ٿيان، ڏاهيون ڏک ڏسن..."

اسان سڀني لاءِ رب جي ياد جو هڪ نرالو سبق

2. بيت جو انساني اخلاق تي اثر:

اڄ جو انسان، جيڪو پاڻ کي سياڻو سمجهي ٿو، هو شايد سڀ ڪجهه ڄاڻي ٿو پر پاڻ کي نه سڃاڻي سگهيو آهي. جنهن کي پنهنجي چالاڪي، هشياري، ۽ ظاهري ذهانت تي فخر آهي، اهو حقيقت ۾ عقل جي آئيني جي خاني ۾ پنهنجي نفس جو عڪس ڏسي ٿو، خدا جو نور نه. سچ ته هي زمانو علم جي رفتار سان هلي ٿو پر افسوس! علم جي سفر ۾ انسان دل جي سڪون کان محروم، توڪل جي روشنيءَ کان وانجهيل، ۽ تقدير جي قبوليت کان بيگانه ٿي ويو آهي.

خودفريبيءَ جي قيد:

جيڪو پاڻ کي عقلِ ڪل سمجهي ٿو جيڪو هر نقصان کي پنهنجي حڪمت سان فائدي ۾ بدلڻ جو فَن ڄاڻي ٿو جيڪو ڳالهائڻ جو فنڪار، چالاڪيءَ جي چهڪن ۽ فائدي جي فڪر سان جيون جي جنگ کٽڻ ٿو چاهي، سو اصل ۾ نه سُڌ آهي، نه سڌاري جو طلبگار. اُهو انسان الله تي ڀروسو نٿو ڪري، بلڪ پنهنجي دماغي دائري کي ئي خدائيءَ محور ٿو سمجهي.اُهو انسان سمجهي ٿو ته قسمت ڪو ڪاتب ناهي، هو ئي قلم جو قابض آهي. تقدير کي آڱرين جي اشاري سان هلائڻ ۽ پنهنجي تقدير پنهنجي هٿن سان لکڻ چاهيندو آهي.

مال دولت کي معبود بڻايل ماڻهو:

اُهو مال کي محروميءَ جي مرهم ٿو سمجهي، دولت کي دردن جو دارو ٿو سمجهي،سون کي سڪون، ۽ چاندي کي چين ٿو سمجهي پر هو وساري ٿو ته دل جي بيماريءَ جو علاج بينڪ جي بيلينس ۾ ناهي. سڪون ڪيس نه سرمائي مان ملندو، نه انجي سگهه مان،سڪون صرف اُنهيءَ لمحي ۾ آهي، جتي دل رب جي رضا تي راضي هجي.

حسد، بغض، نفرت، علمي لباس ۾ لڪل بيماريون:

اُهو ماڻهو جيڪو پاڻ کي عقل مند سمجهي، پر ٻين جي ڪاميابيءَ سان اندر ئي اندر سڙي ٿو جيڪو ٻين جي نعمتن تي حسد ڪري ٿو جيڪو زهر زباني سان ڪنهن جي دل ڏاريندو ٿو رهي،اُهو اصل ۾ توڪل کان خالي، ۽ روحانيت کان ويران ٿئي ٿو. هو ٻين جي روشنيءَ سان پنهنجو انداهو ٿو سمجهي، بلڪ اُن روشنيءَ کي وسائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو.هن جي اک ۾

نور ناهي، صرف ناز آهي.هن جي زبان تي دعا ناهي، فقط دعويٰ آهي. هن جي دل ۾ سڪون ناهي، فقط سازش آهي.

روحاني سبق:

اُهو ئي انسان الله جو دوست آهي،جيڪو عقل رکي، پر ان تي مغرور نه هجي، جيڪو ڳالهائي، پر نرم لهجي سان، جيڪو کٽي، پر ڪنڌ جهڪائي، جيڪو روئي، پر رُخ رب ڏانهن ڪري.

شاهه ڀٽائي چيو هو:

”ڏاهيون ڏک ڏسن“

يعني عقل کان اڳ عاجزي، علم کان اڳ عمل، چالاڪي کان اڳ چپ، ۽ قوت کان اڳ قناعت.

انجام:

اڄ جي اڪثر ماڻهن جو الميو اهو آهي ته: اُهي عقل کي عبادت، چالاڪي کي سياڻپ، فائدي کي فلاح، ۽ دولت کي ديوتا سمجهن ٿا. پر سچ ته فقط انهيءَ دل کي ملي ٿو جيڪي الله جي فيصلي تي راضي، انسانن سان محبت ڪندڙ ۽ توڪل سان زندگي گذارڻ جي سگهه رکن ٿا.

اڃو ته پاڻ کي سياڻو سمجهڻ جي سُور مان نڪري،سادي دل، صاف نيت، ۽ سچي رب تي توڪل سان زندگي گذاريون. ڇو ته عقل جو غرور، قسمت جي تقدير آڏو ريت وانگر وکري وڃي ٿو ۽ الله تي توڪل، ڪنڊن جي ڪاهن ۾ به گلن جو گلاب بڻجي مهڪي ٿو. خدا جو قرب، اُن کي ٿو ملي، جيڪو پنهنجو پاڻ کي خُدا جو ٻانهو سمجهي ٿو.

شاهہ ۾ توبهہ جنين تن ۾

توبهہ جنين تن ۾، اندر تن انفال
يونس رکي جان ۾، کيائون حقيقت حال
جي وڏا هود وصال، سي ئي سانيي ساريان

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي، سنڌ جي روحاني ادب جو آفتاب، نہ رڳو شاعر هو پر عارف، صوفي، درويش ۽ ڌرتي جو دردمند فڪر هو. سندس شاعري فقط قافين ۽ رديفن جي سونهن نہ، پر ان ۾ فڪر، فلسفو ۽ انسانيت جو پيغام سمايل آهي. ڀٽائي جي بيتن مان نڪرندڙ صوفياڻو پيغام، انسان جي انفرادي سڌاريءَ سان گڏوگڏ اجتماعي ڀلائيءَ لاءِ بہ هڪ روشنيءَ جو مينار آهي.

شاهہ عبداللطيف جو صوفياڻو فڪر وحدت الوجود، الهي عشق، سچائي، توبهہ، عاجزي ۽ خدمت خلق تي مبني آهي. هو انسان کي پاڻ جي سڃاڻپ، خود احتسابي، ۽ روحاني واڌاري طرف وٺي وڃي ٿو. سندس بيت فقط شاعراڻو اظهار نہ، پر دل جي صفائي، اخلاق جي سڌاري، ۽ زندگيءَ جي اصلي مقصد جي سڃاڻپ جو وسيلو آهن. هو پنهنجي شاعريءَ ۾ سورمين جي علامتي ڪهاڻين وسيلي اهو سيکاري ٿو تہ محبت، وفاداري، صبر، ۽ قرباني ئي انساني عظمت جا اصل قدر آهن. سهڻيءَ جي سچائي، سسئيءَ جو صبر، مارئيءَ جي وفاداري، نوريءَ جي عاجزي ۽ مومل جي تڪليفن ۾ لطيف اُن انسان جي تلاش ڪري ٿو جيڪو خدمت، اخلاص ۽ حق لاءِ جيئي ٿو.

لطيف جو معاشرو عدل، برابري، صبر، قرباني، ۽ محبت تي قائم آهي. سندس شاعري نفرت، فرق، خودغرضي، ظلم، ۽ تڪبر جهڙين سماجي

بيمارين جو علاج پيش ڪري ٿي. هو فرد کي انفرادي سڌاريءَ جي تلقين ڪري ٿو تہ جيئن سماج سڌري. فرد جي دل جي اصلاح کان وٺي قوم جي سرشتي جي سنوار تائين، لطيف جو ڪلام مسلسل هڪ سڏ آهي.

شاهہ لطيف جي بيتن ۾ قرآني فڪر، نبوي اخلاق، ۽ صوفيانہ روح جي خوشبو آهي. هو انسان کي دعوت ڏئي ٿو تہ پاڻ سان، رب سان، ۽ خلق خدا سان سچو ٿي، مخلصي، محبت، ۽ خدمت جي رستي تي هلجي. سندس هي بيت هن پيغام کي ڀرپور نموني سان بيان ڪري ٿو.

اڄ جي دور ۾، جڏهن خودغرضي، فرقن، بيچيني، ۽ بي انصافي جو دور دورو آهي، شاهہ لطيف جي شاعري روحاني آٿت، اخلاقي اصلاح، ۽ سماجي سڌاريءَ لاءِ دائمي ذريعو بڻجي اڀري ٿي. هو انسان کي ياد ڏياري ٿو تہ نہ فقط لفظن سان، پر عمل، مثال، ۽ صداقت سان انسانيت جي خدمت ڪري سگهجي ٿي. شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جو پيغام هر دور لاءِ آهي، ۽ اڄ بہ سندس بيت انسان جي اندر جي روشني ۽ سماج جي ڀلائي لاءِ هدايت جو چراغ آهن.هي بيت هڪ صوفيانہ فڪر جو نچوڙ آهي، جنهن ۾ روحاني سفر جا ٽي اهم مرحلا بيان ڪيا ويا آهن:

(1)توبهہ، سورت انفال، (2)حقيقت، سورت يونس، (3) وصال، سورت هود سان. اچو تہ ان بيت کي قرآني تعليم، صوفيانہ حڪمت، ۽ روحاني تجربن جي روشنيءَ ۾ تفصيل سان سمجهون:

1.توبهہ جنين تن ۾ اندر، تن انفال

سورت انفال سان تعلق:

سورت انفال، جنگ بدر بابت آهي، جيڪا ظاهري طور تہ هڪ تاريخي جنگ هئي، پر باطني طور اهو انسان جي نفس سان جنگ جو

استعارو آهي. توبه جڏهن دل جي گهرائين مان نڪري ٿي، تہ اها انسان جي اندروني ”ميدان بدر“ شروع ڪري ٿي.جتي هو پنهنجي خواهشن، غرور، حسد، رياڪاري ۽ خودغرضيءَ خلاف وڙهي ٿو.

صوفيانہ نڪتو:

انسان جو وڏو دشمن سندس نفس آهي، ۽ ان سان جنگ ڪرڻ لاءِ توبه ئي انفال بڻجي ٿي.سچي توبه انفال جي جذبن کي جنم ڏئي ٿي: يقين بالله، قربانيءَ جو جذبو الٰهي مدد تي ايمان، نفساني بتن جي شڪست.

خلاصو:

جيڪو دل جي اندر سان توبه ڪري ٿو، ان جو نفس انفال جي روحاني معرڪي ۾ غالب اچي ٿو.

2.يونس رکي جان ۾، ڪيائون حقيقت حال

سورت يونس سان تعلق:

سورت يونس ۾ حضرت يونس عليہ السلام جو قصو موجود آهي، خاص طور تي سندس ندامت، دعا ۽ الله سان تعلق جو ذڪر. حضرت يونس جڏهن مڇي جي پيٽ ۾ هئا، تہ هن چيو:

”لَا إِلَٰهَ إِلَّا أَنتَ سُبْحَانَكَ إِنِّي كُنتُ مِنَ الظَّالِمِينَ“

(سوره ال أنبياء: 87)

اها دعا پنهنجي ظلم جو اعتراف ۽ سچي توبه جو نمونو آهي، جنهن ذريعي حقيقت سان وڙهڻ شروع ٿئي ٿي.

صوفيانہ نڪتو:

جڏهن انسان پنهنجي غلطي مڃي ٿو تڏهن ئي سندس اندر ۾ ”حقيقت جو حال“ جاڳي ٿو. يونس عليہ السلام جو پيٽ ۾ هجڻ، انسان جي ”باطني قيد“ جي علامت آهي، ۽ ان مان نجات صرف خالص توبه ۽ صدق دل سان ئي حاصل ٿئي ٿي.

خلاصو:

جڏهن توبه سان اندر روشن ٿئي ٿو تڏهن ئي انسان ”حق“ جي سڃاڻپ ڪري ٿو ۽ حقيقت جو نور جان ۾ سمايل ٿئي ٿو.

3.جي وڏا هود وصال، ڏي ئي سانپي ساريان

سورت هود سان تعلق:

بيت جو گرامري ڍانچو دعائيہ جملي تي ٻڌل آهي، جتي "فعلِ امر" (ڪرين) ٻنهي سٽن جي پُڇاڙيءَ تي موجود آهي.فاعل ظاهري نہ، بلڪ "سائينم" ذريعي پويان موجود آهي، جيڪو دعائيہ فضا ۾ سمجهيو وڃي ٿو. جملن جي ترتيب، رديف، قافيي ۽ قيدن (زمان، مڪان) جي استعمال سان لطيف ٻوليءَ جي گرامري خوبصورتي کي بہ ادب جي قالب ۾ بند ڪيو آهي.

ڀٽائي جي ڪلام ۾ تشبيهون، استعارا:

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي، سنڌ ڌرتيءَ جو درويش شاعر، صرف شاعر نہ، پر فڪر، فن، ۽ فلسفي جي تڪميل جو نالو آهي. سندس ڪلام نہ رڳو روح جي رهاڻ، پر ٻولي جي فني وڄ واپار جو ڀرپور مثال آهي. ڀٽائي جي بيتن ۾ جتي روحاني رنگ نظر اچي ٿو اُتي ئي زبان جي زينت لاءِ فنّي صنعتن جو سونهار منظر بہ سامهون اچي ٿو. خصوصاً تشبيهہ، استعارو ۽

تجنيسِ حرفي جهڙا فني حربا، سندس ڪلام کي شاعريءَ جي بلند ترين منزل تي فائز ڪن ٿا.

تشبيهون:

تصويرن جي شاعري:

شاهہ عبداللطيف جي بيتن ۾ تشبيهون اهڙي تہ لطافت سان پريون پيون آهن، جڻ هر لفظ پنهنجي اوسي پاسي تصوير جو پس منظر پاڻ سان کڻي هلي ٿو. تشبيهون صرف فني ڏيان جو نتيجو نہ، پر داخلي وارداتن جو اظهار آهن. ڀٽائي جتي محبوب جي انڌي محبت کي بيان ڪري ٿو اُتي تشبيهن جي ذريعي جذبن کي انسان جي دل تائين رسائي ٿو.

مثال:

سور مَ ڏي ڏوڻ آءِ آهيان اڳيهي ڪاري،
جا پر پاڻي لوڻ،سا پر منهنجي جندڙي

سسئي جو اندر وڃوڙي جي درد ۾ ڪهڙي طرح ڳري رهيو هو سا ڳالهہ ٻڌندڙن جي ذهن تي پورو اثر ڪري نٿي ڪري سگهي پر شاهہ صاحب جڏهن پاڻي ۾ لوڻ پوڻ جي حالت سان جڏهن بيت ڪري ٿو ڏيکاري،تڏهن ٻڌندڙن جي ذهن تي آساني سان اٽي سگهي ٿو تہ سسئي جو اندر ڪهڙي طرح درد ۾ ڳرندو ٿي ويو.

استعارا: فڪر جو فنّي فسُون:

شاهہ عبداللطيف استعارن جي دنيا جو پڻ حڪمران آهي. هو لفظن کي فڪر جي پردي ۾ لڪائي پيش ڪري ٿو. سندس بيتن ۾ استعارا اهڙا لطيف ۽ معنويت سان ڀرپور آهن، جو هر بيت پڙهڻ کان پوءِ انسان نئين

فڪر جي دريءَ وٽ پهچي بيهي ٿو. ڀٽائيءَ وٽ ”سمونڊ“، ”منڊل“، ”جُهوپڙي“، ”سپ“، ”ٻار“، ”ماڻڪ“، ۽ استعارن جي روپ ۾ پيش ٿين ٿا.

مثال:

ماڻڪ مٽ سندوم اونداهيءَ ۾ سوجهرو
حشر ويل حساب ۾ ڇڏي نا ويندوم
ساريو سڏ ڪندوم ڪوهيارو ڪيچَ ڌڻي

ماڻڪ جي اصل معنيَ آهي هيرو جيڪو ڪاڻين جبلن مان لڀندو آهي.پر شاهه صاحب ماڻڪ لفظ کي اڌاري معنيَ وٺي ڏني آهي.زبردست روحاني هستي خود رب جي ذات ڇئجي يا شافع الامت صلي الله عليہ وسلم جي پاڪ هستي.جيئن هيرو اونڌاهي ۾ سوجهرو ڪندو آهي تيئن معشوق حقيقي بي ايماني جي اوندهه کي ايمان جي نور سان دفع ڪندو.

تجنيس حرفي

لفظن جي وڃندڙ وڻڪار:

شاهه عبداللطيف جي ڪلام ۾ تجنيس حرفي جو استعمال بہ فن جو اعليٰ درجو رکي ٿو. تجنيس، يعني هڪجهڙا آواز وارا لفظ، جيڪي معنيٰ ۾ مختلف هجن، پر پڙهڻ يا ٻڌڻ وقت شاعريءَ کي سر ۽ ساز عطا ڪن. ڀٽائي هن فني صنعت کي رڳو رَٽُ جو رانيو نہ، پر فڪر جو فريم بڻايو.

مثال:

ناڻي ناهه ڪڪوهه ڪي ملڻ مهانگو منڊ
سنباهج سيد چئي،ڪاڻ ڪارڻ ڪنڌ
هي تنهين جو هنڌ،ماڻن پاس مرن جي

پهريان بہ لفظ ن جي شروعات وارا وري بہ لفظ ڪ وارا وري ٿي لفظ م وارا وري بہ لفظ س وارا ۽ ٿي لفظ ڪ وارا اها آهي تجنيس حرفي.

فن جو فڪر سان سنگم:

شاهه عبداللطيف جي بيتن ۾ تشبيهون محض منظر نگاري ناهن، استعارا محض فن ناهن، ۽ تجنيس محض رَس ناهن. بلڪ اهي ٿئي فني خوبصورتيون، فڪر، فلسفي، ۽ عشق جي اظهار لاءِ وسيلو آهن. لطيف جي زبان فني آهي، پر ان فنيت ۾ ايمان جي رچاءُ، عرفان جي خوشبو ۽ عشق جي چمڪ موجود آهي.

هو جتي سچل جيان سڌن لفظن ۾ وڙهي نٿو اُتي بيتن جي استعاري رنگن سان دلين ۾ دير تائين رهجي وڃي ٿو. سندس تشبيهون صرف نڪور منظر ناهن، پر عاشق جي اَٽت، محبوب جي شان، فراق جي چنڪار ۽ وصال جي وجداني گُونج آهن.

اختتامي صدا:

شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي شاعري سنڌي ادب لاءِ صرف معنوي خزانو نہ، پر فني اُستاد بہ آهي. هن جا بيت پڙهندڙ کي زبان جي صناعن سان بہ آشنا ڪن ٿا. تشبيهون، استعارا، تجنيس حرفي ۽ ٻيون صنعتون، سندس فڪر جو روپ، ۽ زبان جو سونهن بڻجي سامهون اچن ٿيون. ڀٽائيءَ جو ڪلام سونهن جي سائنس آهي، جتي هر لفظ نظم جي نغمي سان ڳالهائي ٿو ۽ فن پنهنجي اوج تي موجود نظر اچي ٿو. اهو ئي شاهه لطيف جو اصل ڪمال آهي ,فڪر جو فن سان سنگم.

ڀٽائي ۽ نيٽ چڱائي نٽ

روحاني تشريح

صوفي سوچ جي سونهري سندرتا سنڌي بيتن ۾ اهڙي ريت سمائجي وئي آهي، جيئن گلاب جي پنکڙين ۾ خوشبو. هي بيت:

”نيٽ چڱائي نٽ، ڪرهو ڪنگو ريٽ تي.

چانگي رکيو چت، پرمل جي پساھ تي.“

نہ فقط لطيفي لهجي جو لوچ رکي ٿو، پر مسلمانن جي زندگيءَ لاءِ روحاني رهنمائي جو راهبر بہ بڻجي ٿو.

نيٽ چڱائي نٽ.نافرمانيءَ جي نشاني.

”نيٽ“ يعني مضبوط رسي، جيڪا اٺ کي قابو ڪرڻ لاءِ هوندي آهي، انهيءَ جو چڱڻ جو مطلب آهي تہ ڪنٽرول وڃائجي ويو. مسلمان لاءِ هي حصو نصيحت ڪري ٿو تہ جيڪڏهن هو نيٽ کي نفس تي ڪونہ وجهندو، تہ اهو روزمره جي زندگيءَ ۾ نت نافرمانيءَ تي لهي پوندو.مسلمان لاءِ لازمي آهي تہ نيٽ جي رسي کي ڇڏي نہ ڏئي، ڇو تہ اها ئي سندس روحاني رخ سنڀالي ٿي.

ڪرهو ڪنگو ريٽ تي، خواهشن جي کوهن ۾

”ڪنگو ريٽ“ هڪ اهڙو ميدان آهي، جتي اٺ آزاد، بي هدف گهمن ٿا. اهڙيءَ ريت، جيڪڏهن مسلمان پنهنجي نفساني خواهشن جي ڪري ڪنٽرول وڃائي ڇڏي، تہ هو بہ دنيا جي رنگينين، فريبن، ۽ گناهن جي ”ڪنگو ريٽ“ ۾ بي سمت ٿي وڃي ٿو. قرآن چوي ٿو:

’’أَفَرَأَيْتَ مَنِ اتَّخَذَ إِلَٰهَهُ هَوَاهُ‘‘

”ڇا تو ان شخص کي ڏٺو جنهن پنهنجي خواهش کي ئي معبود بڻايو؟“

(الفرقان: 43)

يعني خواهش پرستي، گمراهہ جي ڪنگو ريٽ تي وڃڻ برابر آهي. چانگي رکيو چت، ارادي جي اصلاح ”چانگي“ اٺ جو سڌريل، وفادار قسم آهي، جيڪو حڪم مڃيندو آهي. مسلمان لاءِ اها تعليم آهي تہ دل (چت) کي مضبوط، مستقل، ۽ الله جي حڪمن تي قائم رکيو وڃي. قرآن حڪيم ۾ آهي:

’’وَاصْبِرْ نَفْسَكَ مَعَ الَّذِينَ يَدْعُونَ رَبَّهُم‘‘

”پنهنجي نفس کي انهن سان گڏ رک، جيڪي رب کي ياد ڪن.“

(الڪهف: 28)

هيءَ آيت مسلمان کي صبر، نيت جي سڌ، ۽ روح جي تربيت جي ترغيب ڏئي ٿي. پرمل جي پساھ تي، پاڪ رزق، پاڪ نيت، پاڪ عمل ”پرمل“ خوشبودار ول گاهہ آهي، جنهن جي ”پساھ“ مطلب پاڪيزه رس. مسلمان لاءِ اهو پيغام آهي تہ هو حرام حوس جي حرارت نہ، بلڪ حلال رزق جي رس تي قناعت ڪري. حديث ۾ آهي:

”إن الله طيب لا يقبل إلا طيباً“

”الله پاڪ آهي، ۽ پاڪ ئي قبول ڪري ٿو.“ (صحيح مسلم)

يعني پرمل جي پساھ جيان پاڪ عمل، پاڪ ارادي سان ئي الله جي بارگاهہ ۾ قبول ٿين ٿا. نافرمانيءَ کان نجات لاءِ نيٽ مظبوط .ڪرهو ڪنگو ڪنٽرول، ڪيفيت ،خواهش پرستيءَ جي ڪري زندگيءَ جي بي ڪنٽرولي ڪيفيت. چانگي، چت، چاهت، چرپر ،دل جي چاهتن کي سنڀالڻ جي سگهہ. پرمل، پساھ، پاڪ، پيروي، پاڪ رزق، پاڪ نيت، ۽ رسول جي پيروي.

نتيجو: بيت جو اسلامي پيغام:

هي بيت مسلمانن کي اهو سيکاري ٿو ته:

1.نيٽ جي رسي مضبوط رکو.

2.نفس جي نافرمانيءَ کان بچو.

3.خواهشن جي ڪنگو ريٽ تي بي مقصد نه گهمو.

4.پاڪيزگيءَ واري ”پرمل جي پساھ“ يعني سچي نيت ۽ حلال رزق تي ڌيان ڏيو.

5.چانگيءَ وانگر سڌريل چت سان رب جي رضا حاصل ڪريو.

اڄ جي مسلمان کي گهرجي ته هو بيتن جي پٽڪندڙ اٺن مان نفساني سبق سکي، پنهنجي حياتيءَ جي نيت کي ”پرمل پساھ“ جي پاڪيزگيءَ سان سنوارڻ جي ڪوشش ڪري. ڇو ته نفس، نيٽ کان آزاد ٿيندو ته انسان نه الله جو قرب حاصل ڪري سگهي ٿو نه پاڻ سان صلح.

2“نيٽ، نفس ۽ نيت: بيت جي روحاني تشريح:

دنيا جي ڏونگرن ۾ گهمندڙ اٺ وانگر انسان جو نفس به ڪڏهن قابو ۾ نٿو رهي، ته ڪڏهن ارادي جي رسيءَ سان ٻڌي، راھ حق ڏانهن وٺي سگهجي ٿو. سنڌي شاعريءَ جو هي بيت،“نيٽ چنائي نت، ڪرهو ڪنگو ريٽ تي.چانگي رکيو چت، پرمل جي پساھ تي.“ظاهري طور تي اٺن جي ڳالھ ڪري ٿو پر حقيقت ۾ روح جي رسي، نفس جي نافرماني، ۽ نيت جي نرميءَ جو نقشو پيش ڪري ٿو.

نيٽ چنائي نت، نافرمانيءَ جي نوڙت

”نيٽ“ مضبوط چمڙي جا رسا، جيڪي اٺن کي قابو ڪرڻ لاءِ استعمال ٿيندا آهن. انهن جي چنڻ جو مطلب آهي ته انسان پنهنجو پاڻ تي ضبط وڃائي ويهي ٿو. ”نت“ يعني روزانو جي روش ۾، جيڪڏهن انسان

نفساني خواهشن جي واهڙ وهڪري ۾ پنهنجي نيت جي رسي ڇڏي ڏي، ته اها هر روز، هر پل، روحاني خساري جي راھ ٻڌجي وڃي ٿي.

هتي شاعر نافرمان نفس جي نشاندهي ڪئي آهي، جيڪو نيٽ چني، بي راھ ٿي، ڪنگو ريٽ تي وڃي ٿو.ڪرهو ڪنگو ريٽ تي، حواس، ۽ حيراني ”ڪنگو ريٽ“ ائين سمجهڻ گهرجي، جيئن ڪنهن وڏي پيٽ يا ميدان ۾ اٺ آزاد گهمندا رهن. اهو ئي ميدان دنيا آهي، جتي خواهشون، هواءِ نفس، ۽ دنيادار به اٺ وانگر ماڻهوءَ کي بي هدف گهمائين ٿا. ”ڪرهو“ جو مطلب آهي بيقابو، بيپرواھ. يعني جڏهن انسان نفس جي اٺ کي نيت جي نيٽ کان آزاد ڪري ڇڏي ٿو، ته اهو ڪنگو ريٽ تي بي مقصد گهمڻ لڳي ٿو ،جنهن جو مطلب آهي حيراني، غفلت، ۽ روح جي رڳو رلڻ.

چانگي رکيو چت ،نيت جي نرميءَ سان نفس جي واپسي“چانگو“ به اٺ جو قسم آهي، پر اهو اٺ گمراھ ناهي،سڌاريل آهي. جڏهن شاعر چوي ٿو ته ”چانگي رکيو چت“، ته هتي نيت، ارادو ۽ روحاني سڌ جي ڳالھ ٿي رهي آهي. اهو بيت اسان کي سيکاري ٿو ته جڏهن انسان چت (دل، نيت، توجه) کي چانگيءَ وانگر سڌريل،اطاعت ڪندڙ ۽ پڪو رکي ٿو، ته پوءِ هو گمراهيءَ کان واپس اچي سگهي ٿو.

پرمل جي پساھ تي، پاڪ نيتن جي پوڄا.

”پرمل“ هڪ خوشبودار ول گاھ آهي، جنهن جو رس پاڪيزگي، سڪون، ۽ روحاني سرور جو استعارو آهي. ”پساھ“ يعني رس، پيڻ، يا پوڄا. بيت جو اهو حصو سمجهائي ڏئي ٿو ته انسان جو نفس تڏهن قابو ۾ اچي ٿو جڏهن هو نفساني گهمڻ ڦرڻ ڇڏي، نيت کي پاڪ ڪري، روحاني خوشبوءَ جهڙي طهارت تي ڌيان ڏئي. يعني دل کي الله جي ياد، رسول جي سنت، ۽ قرآن

جي هدايت سان آراستہ ڪري. نيت، نت، نفس، نيت: نفس جي نافرمانيءَ کان نيت جي نرميءَ تائين جو سفر. ڪرهو ڪنگو قابو ڪوشش: بي قابو نفس کان قابو واري ڪوشش تائين جو پيغام. چانگي، چت، چاهت، چرپر: دل جي چاهت کي چرپر کان بچائڻ جو سبق. پرمل، پساهہ، پاڪ، پوڄا: پاڪ نيتن جي پوڄا، ۽ روح جي خوشبوءَ جي طلب.

نتيجو:

هي بيت صرف اٺن جو ذڪر ناهي، بلڪ انسان جي نفس، نيت، ۽ نجات جو نقشو آهي. شاعر هڪ بي قابو اٺ جي روپ ۾ انسان جي نفس کي پيش ڪري ٿو جيڪو جيڪڏهن نيت ڇني ڇڏيندو تہ ڪنگو ريت تي بي مقصد گهمندو. پر جيڪڏهن چانگيءَ وانگر چت ۾ ارادو رکي، پرمل جي پساهہ تي ڌيان ڏئي، تہ پوءِ روح جي راهہ، سڪون ۽ سچ جي راهہ بڻجي سگهي ٿي.هي بيت شاهہ لطيف جي بيتن جيان، عام لفظن ۾ خاص پيغام آهي: نفس جي ڪنگو ريت کان نجات جو رستو صرف نيت جي نيٿ ۾، ۽ روح جي پرمل پساهہ ۾ لڪل آهي.

2:ڀٽائيءَ جي استعارن جا روحاني راز:

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي عليہ الرحمہ صرف شاعر نہ، پر روح جي راهبر، نيت جي ناخدا، ۽ عقيدي جي عارف هو. سندس ڪلام ۾ جيڪي استعارا، علامتون، شهري حوالا، سورميون، قصا، جبل، درياهہ، بادل، واءِ، اُٺ، هجرت، ۽ وصال جا منظر آهن، اهي صرف لفظن جا فسانا نہ، پر اندر جي اصلاح جا ارمان آهن.

جيئن پاڻ فرمايو:

"جي تو بيت پانيان، سي آيتون آهن،
نيو من لائين، پريان سندي پار ڏي"

هي بيت، ڀٽائي جي فڪر جو فطري ترجمان آهي، جتي بيت آيت بڻجي ٿو ۽ شاعري آخرت جي پيغام جي پوشاڪ پائي بيهي ٿي.بيت آيت بڻجي ٿو. لفظ "بيت" جي "آيت" سان صرف ظاهري آواز جي مشابهت نہ، بلڪ باطني معنائن جا اسرار آهن. جيئن قرآن جي آيت ظاهر ۾ بيان پر باطن ۾ هدايت آهي، تيئن ڀٽائيءَ جا بيت ظاهري طور عشق جو آواز پر باطني طور آخرت جو آئينو آهن. بيتن جي بلنديءَ مان هدايت جي حقيقتن جو هجري منظر صاف نظر اچي ٿو.بيت، بندگي جي زبان آهي،آيت، الله جو فرمان آهي، پر ٻنهي ۾ نور، نجات، ۽ نيت جي ساڳي سچائي سمايل آهي.سورميون: سماج جو استعارو، روح جو اشارو.

ڀٽائيءَ جي سورمين، سسئي، مومل، مارئي، نوري، سوهڻي ،صرف عشق جون عورتون نہ آهن، پر انهن جي رمز ۾ صبر، سچ، استقامت، سڪ، ۽ سرشتي جا اهڃاڻ آهن.سسئي: صبر جو استعارو، جيڪا جبل ۽ درياهہ عبور ڪري محبوب جي طلب ۾ هلي.مارئي: وطن جو وفادار ،پر دنياوي محلن جي مقابلي ۾ پنهنجي پاڪ مٽيءَ کي ترجيح ڏئي.نوري: نموني واري نيت، جيڪا محل ۾ رهي بہ عاجزيءَ جي عطر سان سرشار رهي.اهي سڀ عورتون سندس شاعراڻيون خوبين ۾، قيامت جي ڪاميابيءَ جا پيغام بڻجي وڃن ٿيون.شهر، جبل، واهيون: استعارن جو سفر.ڀٽائيءَ جي بيتن ۾ آيل شهر ڪابل، سمر قند، دهلي، قنڌار، صرف جاگرافيائي نقشہ نہ آهن، بلڪ اندر جي انڌاريءَ مان نڪري روشنيءَ طرف هلڻ جا نشان آهن. مڄ،دنيا جي تڪليفن جي تپش،قنڌار،آرزوئن جو آخر، روم ۽ دهلي،دنياداريءَ جا ڏوڪو

ڏيندڙ ڏس. اهي سڀ نالا، انهيءَ ابدي اميد جي ايمان وارا اشارا آهن، جتي ڀٽائي آخرت ڏانهن اک کڻڻ سيکاري ٿو.

اُٺ، واءُ، بادل: وقت، وس، ۽ واپسيءَ جا واهه

ڀٽائي جي بيتن ۾ اُٺ فقط قافلي جو جانور نه، بلڪ نفس جو نشان، نفساني خواهش جو اٿاهه آهي، جنهن کي سنڀالڻ جي تلقين ڪري ٿو. نيٺ چنجي ته نفس دبجي، وايون وڄن ته نصيحت اچي، بادل برسڻ لڳن ته رحمت جي رمزون کلي پون. اهي سڀ فطري فڪري فسانا، حقيقت جي حد تائين روحاني رهنمائي ڪن ٿا. ڀٽائي جي ڪلام جو ادبي جمال ۽ روحاني جلال هڪبئي سان ٻاڪر پائي بيٺو آهي: بيت، باري، بندگي، بقا آيت، ارادو، ايمان،آخرت. سورمي، سفر، سڪ، سرهائي. شهر، شوق، شجاعت، شناسائي. اهي لفظ رڳو تڪرار نه، پر معنيٰ جا مينار آهن، جيڪي صوفيانه فڪر جي سان زندگيءَ کي نئون لَيک ڏين ٿا.اخلاقي ۽ روحاني پيغام ڀٽائيءَ جي بيتن جو اصل مقصد صرف ترنم سان پڙهڻ نه، بلڪ معنويت آهي. هو چاهي ٿو ته انسان ظاهري عشق مان باطني عشق ڏانهن وڌي، دنيا جي ڏوکن کان نڪري، ديني ڏيان ڏانهن وڌي،۽ بيتن جي ٻوليءَ مان آيتن جي اصل سڌ ٻڌي. هو اسان کي سيکاري ٿو ته: ”جي تون بيت کي رڳو نظم سمجهين، ته تون روحاني راهه وڃائي ويهين ٿو.پر جيڪڏهن تون ان کي آيت سمجهين، ته توکي آخرت جو امان ملي ويجي“

نتيجو:

بيتن ۾ آخرت جو آواز شاهه لطيف جي ڪلام جي هر سٽ، هر صوت، ۽ هر استعارو انسان کي اهو سيکاري ٿو ته هيءَ حياتي امتحان آهي، عشق عبادت آهي، ۽ وصال آخرت جي انعام آهي. اُهو ئي ڀٽائيءَ جو بيت جو

مقصد آهي، جنهن ۾ لفظن جي لڙيءَ ۾ هدايت لڪل آهي، ۽ شاعري جي پردي ۾ پنهان حقيقت آهي. اڄ جو مسلمان جيڪڏهن ڀٽائيءَ جي بيتن کي فقط سازسان نه، بلڪ سوزسان سمجهي، ته ڪيس آيتن وانگر هدايت ملندي، ۽ پريان (الله) جي پار (رضا) ڏي راهه کلي پوندي.

شاهہ ۾ وڏيري هياس چنيسر جي راڄ ۾

وڏيري هياس چنيسر جي راڄ ۾، دائيين، بائيين، دربانن، پر ۾ تي پڇياس،
دهلين، دمامين، نقرين، تي وچ ۾ وهارياس،
هئيس دادلي دوس جي ڪٺي هلڪي هار ڪياس
تنهان پوءِ ٿياس ڪانياري ڪانڌ جي

هي بيت رڳو قصو نہ آهي پر روحاني فلسفي جو فصيح فڪر آهي. ظاهر ۾ تہ هي سٽن ۾ راڄ، رتبو رسمن ۽ رونقن جو رنگ ڏسڻ ۾ اچي ٿو پر باطن ۾ وصال حقيقي جي وهڪري جو وجدان سمايل آهي.

وصال، وجود جي وک آهي، جيڪو واعدي جي وفا آهي. وصال حقيقي ۾ دنيا جي دولت، راڄ جا رشتا، ۽ رتبي جون رعنائون سڀ وسري وڃن ٿيون. جيئن بيت ۾ ”دايين، بايين، دربانن“ جو ذڪر آهي، تيئن دنيا جي عارضي آرائش بہ ساڳي آهي، جيڪي وقتي سلامي ڏين ٿيون پر دائمي عزت نہ ڏين ٿيون. وصال حقيقي ان کان الڳ آهي. اهو دل جي دروازي تي رب جي رحمت جي دستڪ آهي.

بيت جي هر سٽ، وصال جي وحدت ڏانهن اشارو ڪري ٿي. ”دهلين، دمامين، نقرين“ رڳو ساز ۽ سنگيت جا نالا نہ آهن، پر دنيا جي رنگ رليون ۽ خوشيون آهن، جيڪي دل کي ڪجهہ لمحن لاءِ وندرائن ٿيون، پوءِ ويران ڇڏي ڏين ٿيون. پر وصال حقيقي جو ساز روح ۾ اهڙو سر ڇيڙيندو آهي جيڪو قيامت تائين ختم نہ ٿيندو. اهو ئي وصال آهي جيڪو قرآن پاڪ ۾ ''أَلاَ بِذِكْرِ اللهِ تَطْمَئِنُّ الْقُلُوبُ'' جي صورت ۾ بيان ٿيو آهي.

”هئيس دادلي دوس جي ڪٺي هلڪي هار ڪياس“ هتي دوستن جو هار، دنيا جي محبتن ۽ تعلقن جي علامت آهي، جيڪي هڪ وقت تائين سنگتي رهن ٿا، پوءِ ڏار ٿي وڃن ٿا. پر وصال حقيقي جو هار، رب جي قرب ۽ محبت جو هار آهي، جيڪو نہ هلڪو آهي، نہ لڏندڙ آهي، پر هميشہ لاءِ قائم آهي.

جڏهن شاعر چوي ٿو: ”تنهان پوءِ ٿياس ڪانياري ڪانڌ جي“ تہ اهو فقرہ رڳو دنياوي بدنامي يا بي عزتي جي معنيٰ نٿو ڏئي، پر اهو هڪ صوفيانہ رمز آهي. جنهن وقت عاشق حقيقي محبوب لاءِ پنهنجو سڀ ڪجهہ قربان ڪري ٿو تہ دنيا کيس ڪانياري ڪري ٿي، پر حقيقت ۾ اهو ئي وصال جو لمحون آهن جتي عاشق فنا في الله ٿي وڃي ٿو.

وصال حقيقي ۾ دنياوي راڄ ۽ رشتا بي معنيٰ ٿي وڃن ٿا. چنيسر جي راڄ وانگر هر انسان وٽ بہ عارضي راڄ آهي. ڪڏهن شهرت، ڪڏهن عزت، ڪڏهن طاقت. پر اهي سڀ وصال حقيقيءَ جا بدلا نٿا بڻجن. وصال جو سچو صلو اهو آهي جڏهن دل ۽ رب جو رشتو قائم ٿئي.بيت جي لفظن جو بہ پنهنجو روحاني رنگ آهي:

دايين، بايين، دربانن، دنياوي دارا و رسمن جا دربان، جيڪي چند گهڙين جا ساٿي آهن.

دهلين، دمامين، نقرين، دنيا جا ڏوڪا، دمادم لهرائيندڙ ساز ۽ نقرين وانگر چمڪندڙ پر بي بقا زينتون.

دادلي دوس، دوستي ۽ دنيا جا لاڏلا لاڳاپا، جيڪي آخرڪار عيوض وٺي ڇڏين ٿا.

ڪانياري ڪانڌ جي، اصل محبوب جي قرب ڪان پري ٿيڻ ۽ بي عزتي ۾ عزت ڳولهڻ جو استعارو.

هن سڄي بيان مان اهو نتيجو نڪري ٿو تہ وصال حقيقي ئي آهي جيڪو عزت کي دائمي بڻائي ٿو، روح کي سرسبز ڪري ٿو ۽ دل کي امن ڏئي ٿو. باقي سڀ وصال، چاهي دنيا جا هجن، دوستي جا هجن يا دولت جا، سڀ عارضي ۽ ناپائيدار آهن.

نتيجو:

حقيقي عشق جي روشني ۾ هن بيت جي تشريح اسان کي اهو سيکاري ٿي تہ دنياوي محفلون، موسيقي، عزت ۽ هار سڀ فاني آهن، پر رب سان وصال دائمي آهي. جيڪو وصال حقيقي کي ڳولي ٿو اهو ئي سچو راڄ رکي ٿو ۽ اهو ئي عزت ۾ هميشہ لاءِ قائم رهي ٿو.

پنڌائي ۽ اٺ ويري، اوٺار ويري

(1) بيت جي استعارن جي معنوي تشريح

اٺ ويري، اوٺار ويري،ويري ٿيڙم دير.
چوٿون ويري واء ٿيو،جنهن لٽيا پنهون جا پير.
پنجون ويري سج ٿيو،جنهن اولهي ڪئي اوير،
ڇهون ويري ڇپر ٿيو،جنهن سنوان ڪيا نہ سير.
ستون ويري چنڊ ٿيو،ڪڙيو نہ وڏي وير.
واهيري جي وير،چلون ڪريان ڇپرين.

شاعر جڏهن پنهنجي دل جي ڏک کي بيان ڪرڻ لاءِ لفظن جو سهارو وٺي ٿو، تڏهن هو صرف واقعا نٿو ٻڌائي، پر انهن کي اهڙيءَ صورت ۾ پيش ڪري ٿو جو هر لفظ هڪ داستان بڻجي وڃي. هن بيت ۾ بہ ساڳيو منظر آهي؛ جتي شاعر پنهنجي ”ويرين“ کي ظاهري شڪل ۾ نہ پر استعاري روپ ۾ پيش ڪري ٿو، جيئن هر عام مسافر، هر جلاوطن، هر جدائيءَ جو ماريل شخص پنهنجي اندر سان ڳالهيون ڪري.

پهريون ويرِي.... اُٺَ

اُٺَ، جيڪو صحرا جو ساٿي آهي، پر هتي شاعر لاءِ ساٿي ناهن، بلڪ ساڙي رهيا آهن. اُٺَ هتي اُن مسافت جي علامت آهن جيڪا بي دريغ هلي ٿي، پر منزل نٿو ڏيکاري. ائين جڻ تہ شاعر چوي ٿو: ”تون منهنجو ساٿي نہ، پر منهنجو صبر آزمائيندڙ آهين.“

ٻيون ويرِي....اوٺارَ

اوٺارَ يعني اُٺَ هلائيندڙ هتي ظاهري طرح قافلي جو رهنما آهي، پر شاعر جي دل ۾ هو ڏار ڪرڻ وارو آهي. اهڙو شخص جيڪو محبوب کان جدا ڪري، منزل کان گمراهہ ڪري، ۽ همت کي هلڻ کان روڪي ڇڏي.

ٽيون ويرِي...ڏيرَ

ڏير، محبوب جي پاءُ جي صورت ۾، اڪثر ڳوٺاڻن روايتن ۾ مذاق جو ذريعو هوندو، پر هتي ڏير جدائيءَ جي نشاني آهي؛ اهو ماڻهو جيڪو محبت جي راهہ ۾ بي سبب اوٽ بڻجي بيهي وڃي.

چوٿون ويرِي ...واءُ

واءُ، جيڪا سفر ۾ ٿڌاڻ آڻڻ بدران اُج وڌائي ٿو. شاعر لاءِ اها هوا بہ دشمن آهي، جيڪا ريت اڏائي محبوب جا نقشِ قدم بہ مٽائي ڇڏي ٿي. ائين جڻ محبت جي پيرن جا نشان بد قسمت هوا ڪٽي وئي.

پنجون ويرِي ... سِج

سِج، جيڪو رستي کي روشن ڪرڻ گھرجي ها، پر هتي ”جلد لهي ويو“ آهي. مطلب تہ اميد جو اُجالو، زندگيءَ جو ساٿ، وقت کان اڳ ختم ٿي ويو. جدائيءَ جي راهہ ۾ شام جلد اچي وئي، ۽ منزل اجا پري رهجي وئي.

ڇهون ويرِي ... ڇَپَرُ

ڇَپَرُ، ڇانو ۽ آسرو ڏيڻ لاءِ هوندو آهي، پر هتي ڇانو بہ نااميديءَ ۾ بدلجي وئي. ڪو پناهگاهہ، ڪو ساٿ، ڪو ٽڪ مٿائڻ جو هنڌ بہ نہ مليو. محبت جي مسافر لاءِ هر آسرو بہ اجاڙ ٿيو.

ستون ويرِي...چَنڊُ

چَنڊُ، رات جو ساٿي، پر هتي ”ڪڙيو نہ وڏِيءَ وير“ يعني دير سان اڀريو. اميد جي چانڊوڪي، جيڪو مسافر جي دل کي راحت ڏئي، دير سان مليو. اُفق تي چمڪڻ ۾ بہ محبت جي قسمت کي انتظار جو ڏُک پريو تحفو مليو.

معنيٰ جي مٽاڻ:

هي سڀ استعارا شاعر جي دل جي اندروني ويرانگيءَ جا آئينہ آهن. اُٺَ ۽ اوٺارَ سفر جي ڪنور حقيقت، ڏير ۽ واءُ سماجي رڪاوٽن، سِج ۽ چَنڊُ وقت ۽ اميدن جي بي وفائي، ۽ ڇَپَرُ پناهگاهہ جي کوٽ جي علامت بڻجي شاعر جي احساس کي اونهو ڏيکاريو آهي.

بيت ۾ ”ويري“ جو بار بار اچڻ، لفظن جي لهر پيدا ڪري ٿو. اُٺَ ويرِي، اوٺارَ ويرِي، واءُ ويرِي، واهيري جي وير... هي ورجاءُ رڳو شعري صناعت ناهي، پر جذبات جو اوج آهي، جتي هر ”ويري“ دل جي ڌڙڪن وانگر ورجائي ٿو. ساڳئي وقت ”وير“، ”ويري“، ”ويرَ“ جو صوتي ميل، هڪ موسيقي پيدا ڪري ٿو جيڪا بيت کي ڳائڻ جهڙي سونهن ڏئي ٿي.

نتيجو:

شاهہ ڀٽائي عليہ الرحمہ جو هي بيت رڳو سفر جو ذڪر ناهي، پر محبت جي راهہ ۾ ايندڙ هر رنڊڪ جو اقرار آهي. شاعر لاءِ اُٺَ بہ دشمن، واءُ بہ دشمن، وقت بہ دشمن، ڇانو بہ دشمن. جدائيءَ جو هر پل نئون ويرِي بڻجي بيٺو آهي. هي بيت ٻڌائي ٿو تہ محبت جي سفر ۾ سڀ کان وڏو ساٿي صبر آهي، ۽ سڀ کان وڏو دشمن...وقت.

(2) بيت جي صوفيانہ تشريح:

جيئن تہ شاھہ عبدللطيف ڀٽائي صوفي شاعر ھئا ۽ سندن سارو ڪلام صوفيانہ رمزن سان ڀريل آھي اچو تہ ھاڻي ھن بيت کي صوفيانہ معنيٰ ۾ پڙھون، جتي ھر استعارو رڳو دنياوي محبت جو نہ، پر انسان جي الله تائين سفر جو علامتي عڪس بڻجي ٿو.

اُٺَ ويرِي، اوٺارَ ويرِي.

صوفيانہ راھہ ۾ ھر مسافر کي، جنھن کي اھلِ دل سالڪ سڏين ٿا، پنھنجي رب تائين پھچڻ لاءِ ھڪ ڏکيو ۽ ڏکيو سفر طئي ڪرڻو پوي ٿو- اھو سفر رڳو جسماني نہ، پر روحاني آھي، جتي ھر موڙ تي ھڪ نئين آزمائشي درياھہ، ھر پُل تي ھڪ نئون پل صراط بيٺو ھوندو آھي.

پھريون ويرِي ...اُٺَ

سالڪ جي سفر ۾ اُٺَ نفس جي علامت آھي، جيڪو ظاھر ۾ مسافر کي کڻي ٿو پر اندر ۾ بار بڻجي ٿو- نفس اھڙو ساٿي آھي جيڪو ھلڻ ۾ مدد نہ پر منزل کان روڪ ڪري ٿو. چاڪاڻ تہ اھو دنيا جي خواھشن ۾ ڀريو پيو آھي.

ٻيون ويرِي ...اوٺارَ

اوٺارَ ھتي دنيا جا رھنما آھن، جيڪي بظاھر واٽ ڏيکارين ٿا، پر حقيقت ۾ روحاني رستو وساري ڇڏين ٿا- اھو ڪو ماڻھو ٿي سگھي ٿو، ڪو فڪر، يا ڪو رسم و رواج، جيڪو سالڪ کي حق جي شاھراھہ کان ھٽائي دنيا جي بازار ۾ ڦيرائي ڇڏيندو آھي.

ٽيون ويرِي....ڏيرَ

ڏيرَ، ھتي پنھنجي ئي قبيلي، پنھنجي ئي قوم يا پنھنجن مان اُڀرندڙ مخالف آھن، جيڪي انسان کي ”واپسي“ جو آواز ڏين ٿا، يعني سفر ڇڏي پنھنجي پراڻي دنيا ڏانھن موٽي اچڻ جي تلقين ڪن ٿا، صوفيانہ سفر ۾ پنھنجا بہ بيگانا ٿي وڃن ٿا.

چوٿون ويرِي...واءُ

واءُ، يعني دنيا جون غفلت ڀريون ھوائون، جيڪي دل ۾ بدلائو آڻين ٿيون، ۽ يادِ حق جا نقشَ بہ مٽائي ڇڏين ٿيون، جڏھن سالڪ جي دل ۾ الله جي ياد جا نشان ھوندا آھن، دنيا جي ھوا انھن کي ريتيءَ ۾ لڪائي ڇڏيندي آھي.

پنجون ويرِي...سِج

سِج، جيڪو معرفت جو اُجالو آھي، پر ھتي جلد لھي وڃڻ جو مطلب آھي تہ سالڪ جي اندروني روشني گھٽجي وئي، شوق ٺڪجي پيو، عشق جو اُجالو زوال پذير ٿي ويو ۽ سفر اڌ ۾ بيھي رھيو.

ڇھون ويرِي....ڇَپَرُ

ڇَپَرُ، جيڪو آرام ۽ آسري جي علامت آھي، پر سالڪ لاءِ اھا بہ آزمائش آھي- ڇوتہ روحاني راھہ ۾ ھر آرام جو لمحو غفلت ۾ بدلجي سگھي ٿو ڪو بہ ڇانو، ڪو بہ خالي آسرو، منزل کان ويھارڻ وارو دشمن بڻجي ٿو.

ستون ويرِي....چَنڊُ

چَنڊُ ھتي روحاني فيض جو استعارو آھي، جيڪو رات جي اونداھيءَ ۾ روشني ڏئي ٿو، پر جڏھن اھو بہ دير سان اڀري، سالڪ انتظار جي امتحان ۾ گھڻو وقت گذاري ٿو. عشقِ الھيءَ ۾ انتظار بہ عبادت آھي، پر دل تي بار بہ آھي.

روحاني معنيٰ جو مرڪز

هي بيت ٻڌائي ٿو تہ سالڪ جي راهہ ۾ دشمن ڪير آهن؟ نفس، دنيا جا غلط رهنما، پنهنجا ماڻهو جيڪي روڪين ٿا، دنيا جون هوائون، اندروني روشنيءَ جو گهٽجڻ، آرام ۽ غفلت، ۽ روحاني فيض ۾ ديراهي سڀ "ويري" آهن. صوفي چوي ٿو:"منهنجو اصل ويرِي ڪو ٻاهر وارو نہ، پر اندر جو نفس ۽ وقت جون غفلتون آهن."

شاهہ عبدللطيف ڀٽائي جي "ويري" جو ورجاءُ، صرف هڪ لفظ جو تڪرار نہ، پر سالڪ جي دل جي ڌڙڪن آهي- "ويري" جي هر مشڪل ۽ جدائيءَ جو درد بہ ورجائي ٿو ۽ سالڪ جي زبان تان صبر جون دعائون بہ ورجائن ٿيون.

"اُٺَ ويرِي، اوٺارَ ويرِي، ڏير ويرِي، واءُ ويرِي..." اهڙي تڪرار سان بيت هڪ ذڪر بڻجي وڃي ٿو جيڪو هر بار ذڪر سان دل ۾ حق جو پيغام پيدا ڪري ٿو.

نتيجو:

روحاني سفر ۾ سڀ کان وڏو ويرِي پنهنجو اندر آهي، ۽ سڀ کان وڏو ساٿي بہ پنهنجو اندر آهي، جيڪو نفس کي قابو ڪري، دنيا جي هوا کي رد ڪري، ۽ فيض جي چنڊ جو انتظار صبر سان ڪري، اهو ئي رب جي منزل تي پهچي سگهي ٿو.

(3)روحاني سفر ۾ آزمائش:

شاهہ ڀٽائي عليہ الرحمہ جو هي بيت، بظاهر هڪ مسافر جي شڪايت آهي، پر حقيقت ۾ اها هڪ روحاني مسافر جي منزل تائين پهچڻ

جي آزمائشي راهہ جي تصوير آهي، قرآن مجيد بہ انسان جي زندگيءَ کي هڪ امتحان جو سفر سڏي ٿو جتي هر موڙ تي آزمائشون بيٺل آهن.

1.اُٺَ ويرِي...نفس جي خواهشون:

اُٺَ، صوفيانہ معنيٰ ۾ نفس جو استعارو آهي، جيڪو انسان کي ڪٺي ٿو بہ، پر پنهنجي خواهشن جي طرف ڇڪي ٿو.

قرآن پاڪ فرمايو:

"ڇا تون ڏٺو آهي، جنهن پنهنجن خواهشن کي پنهنجو معبود بڻايو؟"

(الفرقان: 43)

سالڪ لاءِ سڀ کان وڏو دشمن، نفس آهي، جيڪو ڪيس الله کان پري ڪري ٿو.

2.اوٺارَ ويرِي..گمراهہ ڪندڙ رهنماء:

اوٺارَ هتي اهڙن ماڻهن جي علامت آهي، جيڪي ظاهر ۾ راهہ ڏيکارين ٿا، پر حقيقت ۾ غلط واٽ تي وٺي وڃن ٿا.

قرآن ۾ الله فرمايو:

"ٻين رستن جي پيروي نہ ڪريو نہ تہ اهي توهان کي الله جي رستي کان جدا ڪري ڇڏيندا."

(الأنعام: 153)

3.ڏيرَ ويرِي ...پنهنجن مان آزمائشون:

ڏيرَ، محبوب جي پاءُ جي صورت ۾ هتي انهن ويجهن ماڻهن جي علامت آهي، جيڪي پاڻ محبت ۽ حق جي رستي ۾ روڪ بڻجن ٿا-

قرآن ٻڌائي ٿو:

”بيشڪ، توهان جي زالن ۽ اولاد مان بہ توهان جا دشمن آهن، تنهنڪري انهن کان بچو.“

(التغابن: 14)

4.واءُ ويرِي..دنيا جي غفلت

واءُ، اها غفلت پري دنيا آهي، جيڪا دل مان الله جي ياد جا نشان مٽائي ڇڏيندي آهي.

قرآن چوي ٿو:

”ان جي پيروي نہ ڪر، جنهن جو دل اسان جي ياد کان غافل ڪيو ويو.“

(الڪهف: 28)

5.سِج ويرِي...وقت جو زوال

سِج، جيڪو زندگيءَ جو اُجالو آهي، پر هتي جلد لهي وڃڻ، زندگيءَ جي مختصر هجڻ ۽ موقعي جي وڃڻ جو استعارو آهي.

قرآن ياد ڏياري ٿو:

”زماني جي قسم، بيشڪ انسان نقصان ۾ آهي.“

(العصر: 1_2)

6.ڇَپَرُ ويرِي .عارضي آسرا

ڇَپَرُ، دنيا جا عارضي سهارا آهن، جيڪي سالڪ کي منزل کان روڪين ٿا.

الله پاڪ چوي ٿو:

”هي دنيا جي زندگي رڳو ڌوڪي جو سامان آهي.“

(آل عمران: 185)

7.چَنڊُ ويرِي..روحاني فيض ۾ دير...

چنڊ، هدايت جي روشني آهي، پر دير سان اڀرڻ معنيٰ تہ سالڪ کي آزمائش ۾ وڏيڪ وقت گذارڻو پوي ٿو.

الله فرمايو:

”صبر ڪر، ۽ تنهنجو صبر الله جي مدد سان آهي.“

(النحل: 127)

جامع مطلب:

شاهہ عبدللطيف ڀٽائي جي بيت ۾ بيان ڪيل سپ ويرِي، قرآن جي اصولن مطابق سالڪ جي راهہ ۾ بيٺل حقيقي دشمن آهن:

نفس جي خواهشون،غلط رهنما،پنهنجن مان آزمائشون دنيا جي غفلت،وقت جو ضايع ٿيڻ،عارضي سهارا هدايت ۾ دير، اهي سڀ گڏجي انسان کي الله جي منزل کان پري رکن ٿا. پر قرآن جو پيغام اهو آهي تہ صبر، استقامت، ۽ الله تي ڀروسو سالڪ کي منزل تائين پهچائي سگهي ٿو.

(3) ويرين جي ويران واٽ ۽ مسلمان لاءِ محبت جو پيغام:

شاهہ عبدللطيف جو بيت، صرف لفظن جي لڙي نہ، پر زندگيءَ جي راهہ تي رکيل هڪ روشن ڏيئو آهي، جيڪو مسافر کي روشنيءَ جو رستو ڏيکاري ٿو. هتي شاعر جا ويرِي صرف دنياوي دشمن نہ آهن، پر اهي هر اهڙا روڪيندڙ عنصر آهن، جيڪي ڪنهن بہ مسلمان جي الله تائين سفر کي ڏکيو ڪن ٿا.

پهريون ويرِي ...اُٺَ

ظاهر ۾ اُٺَ قافلي جو ساٿي آهي، پر هتي اها نفس جي نافرمانيءَ جي علامت بڻجي ٿو- مسلمان لاءِ سڀ کان وڏو ويرِي سندس پنهنجو نفس آهي، جيڪو خواهشن جي غلط رستي تي ويهاري، هدايت کان هٽائي ٿو.

ٻيون ويرِي ...اوٺارَ

اوٺارَ يعني قافلي جو هدايتڪار، پر هتي اهڙا اڳواڻ آهن، جيڪي مسلمان کي دين جي سڌي راهہ بدران دنيا جي ڏڪئي ۽ گمراهہ ڪندڙ رستن تي وٺي وڃن ٿا- الله پاڪ فرمايو: ”ٻين رستن تي نہ هلو نہ تہ اهي اوهان کي الله جي واٽ کان جدا ڪري ڇڏيندا.“

ٽيون ويرِي...ڏيرَ

ڏيرَ، پنهنجي ئي گهر جا، پنهنجي ئي ويجها، جيڪي محبت ۽ ايمان جي راهہ ۾ روڪ بڻجن ٿا- ڪڏهن ڪڏهن مسلمان لاءِ سڀ کان وڏو امتحان پنهنجن جي مخالفت ۽ ماٺ ۾ لڪل منافقت هوندي آهي.

چوٿون ويرِي...واءُ

واءُ، دنيا جي هوا آهي، جيڪا دل مان الله جي ياد جا نقش مٽائي ڇڏي ٿي. غفلت جي هوا جڏهن ڇمندي آهي، تڏهن عبادت جو ذوق ۽ ذڪر جي گرمي گهٽجي وڃي ٿي- مسلمان کي اهو سکڻ گهرجي تہ هوا کان بچڻ لاءِ دل کي ذڪر جي ڇت هيٺ رکيو وڃي.

پنجون ويرِي...سِج

سج، جيڪو وقت جي قيمت آهي، پر هتي جلد لهي وڃڻ، موقعن جي وڃڻ جو استعارو آهي. مسلمان لاءِ وقت جو ضايع ٿيڻ سڀ کان وڏو نقصان آهي.قرآن وقت جي قسم کڻي انسان کي ياد ڏياريو آهي تہ هو خساري ۾ آهي، سواءِ انهن جي، جيڪي ايمان ۽ عمل صالح ۾ مشغول آهن.

ڇهون ويرِي...ڇَپَرُ

ڇپر، دنيا جا عارضي سهارا آهن، جيڪي مسلمان کي راحت تہ ڏين ٿا، پر منزل کان پري بہ ڪن ٿا- دنيا جو هر آسرو جيڪڏهن آخرت جي ياد کان خالي آهي تہ اهو ساٿ نہ، پر ساڙي ڇڏيندڙ ڇانو آهي.

ستون ويرِي...چَنڊُ

چنڊ، اميد ۽ روشنيءَ جي علامت آهي، پر جڏهن اها بہ دير سان اچي، مسلمان کي صبر جي سکيا ملي ٿي، الله صبر ڪندڙن سان گڏ آهي، ۽ انتظار بہ هڪ عبادت بڻجي وڃي ٿو جيڪڏهن اها الله لاءِ هجي.

مسلمان لاءِ پيغام

هن بيت جو پيغام صاف آهي:پنهنجي نفس کي قابو ڪر،غلط رهنماء کان بچ پنهنجن جي مخالفت ۾ بہ حق تي قائم رهہ دنيا جي غفلت پري هوا کان پناهہ وٺ، وقت جي قيمت ڄاڻ، دنيا جي عارضي سهارن ۾ نہ ڦاسائي پاڻ کي. صبر کي پنهنجو ساٿي بڻاءِ ”ويري“ جو ورجاءُ، رڳو شعري حسن نہ، پر هڪ فڪري الارم آهي، جيڪو هر مسلمان کي ياد ڏياري ٿو:”اي مسافر! تو وٽ ويرين جا واڙا گهڻا، پر منزل هڪ ئي رب جي رضا.“

هي بيت مسلمان کي سيڪاري ٿو تہ زندگيءَ جي هر آزمائش ۾ پنهنجي دل کي الله جي ياد سان زندهہ رک، ڇوتہ جيڪو رب جو ٿي ويو دنيا جو هر ويرِي بہ آخرڪار سندس ساٿي بڻجي ويندا.

ڀڃائي ۽ لوڪ مڙيوئي لهسيو

روحاني تشريح

رحمتُ للعالمين، سرورِ ڪائنات حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جو وصال اهو لمحو جنهن ڪي تاريخ انسانيت جو سڀ کان وڏو درد انگيز واقعو سڏجي سگهي ٿو. اهو جدائيءَ جو صدمو نہ رڳو انساني دلين ڪي ڌهلائڻ، پر ڪائنات جي هر ذري ڪي ڏک ۾ ٻوڙي ڇڏيو. شاھ صاحب جي بيت ۾ اها ڪيفيت اهڙي مبالغائي، اهڙي عاشقانہ ۽ اهڙي روحاني انداز ۾ آئي آهي، جڻ تہ هر سٽ پاڻ ۾ هڪ ماتمي مرثيو آهي. اچو تہ هر سٽ ڪي ادبي ۽ روحاني معنيٰ سان سمجهون:

1. "لڳي ڪوسو واءُ، لوڪُ مِڙوئِي لهسيو"

نبي پاڪ ﷺ جي وصال سان ڄڻ تقدير جو طوفاني واءُ لڳو، جنهن انسانن جي دلين مان حوصلو ۽ قرار لهي ويو. مديني جي فضا ۾ اهڙو سناٽو پکڙجي ويو، ڄڻ تہ زندگي جو ساھ ڪڍي ورتو ويو هجي. حضور ﷺ جو وجود رحمت ۽ راحت جو ڇانءُ هو ۽ جڏهن اهو ڇانءُ کڄي ويو، تہ لوڪ سڄو ڄڻ سڙي خاڪ ٿي ويو.

2. "سين منجهان آيو، هي هي جو هڳاء"

مديني جون گهٽيون ۽ گهر، صحابن جا سڏڪا، امت جو روئڻ ـ سڀ گڏجي هڪ اهڙو عالمي افسوس بڻجي ويا، جيڪو ڪڏهن بہ ڏٺو نہ ويو. "هي هي" جو آواز فقط انسانن جو نہ هو، پر فضا جو، هوائن جو ۽ ڪائنات جي هر ذري جو هو. ڄڻ ڌرتي پاڻ بہ نبي ﷺ جي فراق ۾ روئي رهي هئي.

3. "طيورن تنواريو، پنهون پڇاڙان"

وصال نبي ﷺ کان پوءِ آسمان جا پرندا بہ خاموش ٿي ويا. سندن خوش الحانيون ختم ٿي ويون. ڪن جا آکيرا خالي ٿي ويا، ۽ عجيب خاموشي ڇانئجي وئي. اهو منظر ڄڻ ٻڌائي رهيو هو تہ نہ رڳو انسان، پر بي زبان پرندا بہ پنهنجي سرور ۽ شفيع جي فراق ۾ سڪون وڃائي ويٺا.

4"رسيو سور شبان ڪي، وحوشن وٽاء"

اهو ڏک، اهو سور رڳو شهر جي ماڻهن تائين محدود نہ رهيو. صحرا جا چرواها، پنهنجا ڌڻ وساري ويهي روئڻ لڳا. وحشي جانور، جيڪي جبلن ۽ ٻيلن ۾ رهندا هئا، سي بہ پنهنجي طبعياتي خاموشي ٽوڙي سڏڪا ڀرڻ لڳا. اهو جدائيءَ جو الميو هو، جنهن ڪائنات جي هر مخلوق ڪي متاثر ڪيو.

5"مروئن موت قبوليو، اپر افسوساء"

ڪيترا عاشق، ڪيترا صحابي، وصال نبي ﷺ کان پوءِ زندگي موت جي مثل سمجهي رهيا هئا .سندن حياتي سندن سرور سان هئي، ۽ جڏهن هو رخصت ٿيا، تہ جيئڻ بي معنيٰ ٿي ويو. پر افسوس اهو هو تہ موت بہ سندن سور ختم نہ ڪري سگهيو، فراق جو زخم اڃا بہ تازو رهيو.

6."بر ڪن بڪاء، اڪنديا آري لاءِ گهٽو"

نبي پاڪ ﷺ جي جدائيءَ کان پوءِ اُمت جا ڳوڙها ڄڻ درياھ بڻجي ويا. هر اک مسلسل روئندي رهي. مديني جي گهٽي گهٽي ۾ محبت جا ماتمي مينهن وسندا رهيا. هر عاشق پاڻ کي اڪيلو ۽ يتيم سمجهڻ لڳو. مديني جو هر ڪنڊ حضور ﷺ جي ياد ۾ ڳوڙهن جي لڙڪن سان محسوس ٿيندي هئي

نتيجو:

نبي پاڪ ﷺ جي موجودگيءَ ۾ دنيا جنت جو گلستان هئي، محبت، نور، ۽ رحمت سان ڀريل. پر جڏهن وصال ٿيو تہ اُمت لاءِ اهو لمحو قيامت جو پيش خيمو بڻجي ويو. شاهہ صاحب جي بيت ۾ اها ڪيفيت اهڙي مبالغائي ۽ عاشقانہ انداز ۾ بيان ٿي آهي، جنهن مان ظاهر ٿئي ٿو تہ حضور ﷺ جو وصال رڳو هڪ انساني جدائي نہ پر سڄي ڪائنات جي درد جو مرڪز هو.

"مديني جي فضا ۾ جڏهن حضور ﷺ جو وصال ٿيو، تڏهن نہ رڳو انساني دلين جا درياهہ ڇلڪي پيا، پر ڪائنات جو هر وجود سوڳ ۾ شامل ٿي ويو. اها جدائي فقط هڪ تاريخي حادثو نہ هئي، پر اها اُمت لاءِ هڪ ازلي زخمي ياد آهي، جيڪا اڄ تائين محبت جي ڳوڙهن ۾ زنده آهي."

رحمتُ للعالمين ﷺ جي محبت اهڙي آهي، جو سندن وصال جو صدمو صديون گذرڻ باوجود بہ امت جي دلين ۾ تازو آهي.

ڀٽائي ۽ ڳاڙهو گهوٽ

بيت جي روحاني تشريح

انساني حياتيءَ جي حرڪتن ۽ حقيقتن کي شاهہ عبداللطيف ڀٽائي پنهنجي بيتن ۾ اهڙي باريڪ بينيءَ ۽ بلاغت سان پيش ڪيو آهي، جو هر لفظ هڪ دنيا آهي ۽ هر مصرع هڪ مسافر. ڀٽائيءَ جو بيت: "ڪڏهن ڳاڙهو گهوٽ ڪڏهن مڙهہ مقام ۾، واري سندو ڪوٽ اڏيو اڏيندي ڪيترو" فقط شاعراڻو منظرنامو نہ آهي، پر حياتيءَ جي حقيقت جو حيرت انگيز حاشيو آهي.

هي بيت زندگيءَ جي زوال پذير زينتن ۽ اجل جي اچهاڳ بابت هڪ اهڙو عڪس آهي، جنهن ۾ خوشيءَ جا جشن بہ آهن ۽ غم جون ڳالهيون بہ. ڪڏهن انسان ڳاڙهي گهوٽ جي صورت ۾ جشنِ حيات جو جهلملندڙ جواهر بڻجي بيهي ٿو تہ ڪڏهن مڙهہ مقام جي صورت ۾ زمين جي زينو بڻجي وڃي ٿو. وري واريءَ جا ڪوٽ انساني خواهشن جي ڪمزوريءَ ۽ دنياوي منصوبن جي بربادي جو استعارو آهن.

ڳاڙهو گهوٽ:

ڳاڙهو گهوٽ انساني خوشيءَ، جوانيءَ ۽ جلال جو علامت آهي. ڳاڙهي رنگ ۾ گهوٽ جي شاديءَ جي منظر ۾ اميدن جا اجالا، خوشين جا خيال، ۽ محبتن جا ميدان موجود آهن. پر ڀٽائي ٻڌائي ٿو تہ اهو ڳاڙهو رنگ گهڻو دير قائم نٿو رهي. گهوٽ جي گهوريل گهڙيون بہ گذري وڃن ٿيون، ۽ ڳاڙهي پوشاڪ واري خوشي بہ هڪ ڏينهن اونداهي ۾ لٽجي ٿي.

مختصر..........

گهوٽ ڳاڙهي ڳجهن ڳالهيون سانگيون ڳاڙهين ڳلن ۾ گل جهڙا گهاٽا گلاب، پر اجل جي اوچتي اوطاق ۾ اهو ئي گهوٽ گهورجي ٿو ۽ ڳاڙهو رنگ ڳاڙهين ريتن ۾ ٻري وڃي ٿو.

مڙهه مقام:

مڙهه مقام زندگيءَ جي زوال ۽ اجل جي اجهاڳ جو پُراسرار استعارو آهي. جڏهن وجود جو وڻ وڪرجي ٿو جڏهن روح جي رهاڻ رُڪجي ٿي، تڏهن انسان جا سڀ زيور، سڀ زيبائش ۽ سڀ زينتون ختم ٿي وڃن ٿيون. جوانيءَ جي جولانن ۽ زندگيءَ جي لذتن جو انجام فقط مٽيءَ ۾ دفن ٿيڻ آهي.مڙهه مقام اهو انجام آهي جتي انسان جي اصليت اجاگر ٿئي ٿي. هتي نه ڪا زيور جي زينت باقي رهي ٿي، نه ڪا دنياوي دولت، نه ڪا غرور جي گهڙي. باقي رڳو خاڪي وجود ۽ مٽيءَ جي ماٺ ملي ٿي.

مختصر...........

مڙهه مقام ۾ مرڪون مٽجي وڃن ٿيون، موسيقيءَ جا موتي ماٺ ٿي وڃن ٿا، ۽ من جا معشوق منظر مٽيءَ ۾ ملي وڃن ٿا.

واريءَ جا ڪوٽ:

واريءَ جا ڪوٽ انساني زندگيءَ جي اجايا ارادن، اجنبي اميدن ۽ اوچتن ختم ٿيندڙ منصوبن جي علامت آهن. انسان واريءَ وانگر ڪمزور بنيادن تي پنهنجا قلعا اڏيندو رهي ٿو. ڪڏهن ڪو محل، ڪڏهن ڪو باغ، ڪڏهن ڪو ڪاروبار، ڪڏهن ڪو تاج محل... پر سڀ ڪجهه ريت جي ڍير وانگر وکري وڃي ٿو. وقت جي هوائون انهن ڪوٽن کي ڪيرائي ڇڏين ٿيون، ۽ انسان خالي هٿ بيهي ڏسي ٿو.هتي ڀٽائي جو پيغام گهرو آهي: دنيا

جون سڀ تعميرون، خواهشون ۽ آرزون اجايون آهن، جيڪڏهن اهي فقط دنيا لاءِ هجن. اصل تعمير اها آهي جيڪا ايمان، نيڪي ۽ عمل صالح جي بنيادن تي هجي.

مختصر.....واريءَ جا وهڪرا واڙيل ڪوٽ وڪيري ڇڏين ٿا، وهمن جا ويجهڙائي وڙ وساري ڇڏين ٿا، ۽ وجود جا وهندڙ وهڪرا سڀ ويهاڻي واٽ وٺي وڃن ٿا.

سماجي ۽ اخلاقي پيغام:

ڀٽائيءَ جي هن بيت ۾ فقط فرد جي حياتيءَ جو احوال ناهي، پر سماج لاءِ به هڪ سيڪاري آهي. سماج جا ماڻهو اڪثر اجايا ارادا ڪن ٿا، جهڙوڪ طاقت جا ڪوٽ، غرور جا ڳٽ، ۽ دولت جا دڙڪا. پر جڏهن اجل اچي ٿو سڀ غرور گهڙيءَ ۾ ختم ٿي وڃي ٿو. سماج لاءِ اهو سبق آهي ته ڪوٽ ۽ قلعو جيڪڏهن ايمان، محبت ۽ خدمت جي بنيادن تي هجي ته اهو قائم رهي ٿو ٻي صورت ۾ سڀ اجايو آهي.

اخلاقي ۽ روحاني رخ:

زندگيءَ جا جشن عارضي آهن، زيبائشون زوال پذير آهن، ۽ خواهشون ويران ٿين ٿيون. اصل سرمايو اعمال صالح، صبر، شڪر ۽ انسانيت جي خدمت آهي. ڀٽائي جو بيت اسان کي اهو سيڪاري ٿو ته:زندگيءَ کي دائمي نه سمجهو،خوشين ۾ غرور نه ڪريو،۽ غم ۾ مايوس نه ٿيو.

نتيجو:

شاهه جو هي بيت هڪ عظيم فلسفو پيش ڪري ٿو: ڪڏهن زندگيءَ جا جشن، ڪڏهن موت جي خاموشي، ڪڏهن گهوٽ جا ڳاڙها زيور،

ڪڏهن مڙهه مقام جي مٿي، ڪڏهن واريءَ جا اجايا ڪوٽ، ڪڏهن اعمال جا مضبوط مينار. اسان لاءِ رڳو اهو ئي حقيقي سرمايو آهي جيڪو قيامت تائين قائم رهي: نيڪي، عبادت ۽ خدمت. باقي دنيا جا سڀ رنگ، سڀ ڳاڙها زيور، سڀ ڪوٽ ۽ سڀ جشن، وقت جي واريءَ ۾ وڪري وڃن ٿا.

(2) بيت جو خلاصو:

زندگيءَ جي زوالن ۽ زيورن، جشنن ۽ جنازن، حُسنن ۽ حسرتن جي هيرن ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جو بيت "ڪڏهن ڳاڙهو گهوٽ ڪڏهن مڙهه مقام ۾، واري سندو ڪوٽ اڏيو اڏيندي ڪيترو" انساني انجام جو اجايو احوال بيان ڪري ٿو.

هتي ڳاڙهو گهوٽ گهاٽن گلن، ڳاڙهن ڳوڙهين ڳالهيون ۽ گهوٽ جي گهوريل گهڙين جي علامت آهي، جتي زندگيءَ جا جشن ۽ جواهر جهلمل ڪن ٿا. پر جڏهن مڙهه مقام ۾ وجود وڪري ٿو تڏهن اها ئي جوانيءَ جي جهلڪ جلدي جهڪي ٿي وڃي ٿي. واريءَ جو ڪوٽ انسان جي اجايا ارادن، اجنبي ارمانن ۽ اونداهي اميدن جو استعارو آهي. واريءَ جي وهڪري وانگر وقت به وهندو رهي ٿو ۽ انسان جا ٺهيل ڪوٽ ڪنڌيءَ کان ڪناري تائين ڪِري وڃن ٿا. ڪيترا ماڻهو پنهنجا محل محلات ٺاهي، مرڪ ۽ مسڪراهٽ ۾ ماٺا ٿي وڃن ٿا، پر اجل جي اوچتي آندل آڪيري ۾ سڀ ڪجهه اجڙو ٿي وڃي ٿو.

هي بيت ٻڌائي ٿو ته دنيا جا جشن جهلن، زيور زوالن ۽ ڪوٽ ڪنگالن جيان ڪمزور آهن. زندگيءَ جو زيب ۽ زينت زوال پذير آهي. انسان کي گهرجي ته وقت جي واريءَ ۾ اجايا ڪوٽ نه اڏائي، پر ايمان، احسان ۽ اعمال جا مضبوط مينار بلند ڪري.

شاهه جو پيغام اهو آهي ته ڳاڙهو گهوٽ به گذرڻو آهي، مڙهه مقام به ملڻو آهي، ۽ واريءَ جا ڪوٽ به وڪري وڃن ٿا، باقي بچي ٿو ته رڳو نيڪيءَ جو نور، جيڪو نه زوال سهي ٿو ۽ نه فنا.

ڀٽائيءَ ۽ گهِڙو سڀ گهَڙا ڪٽِي

روحاني تشريح

شاعري، خاص طور تي شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي شاعري، رڳو لفظن جو سنگيت نہ آهي، پر اها اندر جي دنيا جا در کولڻ جي دعوت بہ آهي. ڀٽائيءَ جي بيتن ۾ هر لفظ، هر تشبيہ ۽ هر استعارو اهڙو آهي، جڻ اندر جي سرنديءَ مان نڪتل سرور هجي. مٿي ڏنل بيت بہ انهيءَ روحاني تحريڪ جو آئينو آهي، جنهن ۾ ظاهر جا منظر باطن جي اسرارن سان ملي وڃن ٿا.

بيان جو پهريون پرتو: وهڪرن ۽ وهڻ جو استعارو:

”واهڙَ وَهنِ نوان، اڄا وَهُ اڃي ٿيو“ ۾ شاعر زندگيءَ جي رواني کي پاڻيءَ جي وهڪرن سان تشبيہ ڏئي ٿو. نوان وهڪرا مطلب نئون حالتون، نوان تجربا، نوان جذبن جا در. پر ڀٽائي چوي ٿو تہ اڃي ئي اهو وهڪرو موجود هو يعني روحاني سفر هميشہ جاري رهيو آهي؛ اهو ڪا نئين ڳالهہ نہ، بلڪ ازل کان وٺي انسان جي وجود ۾ وهي رهيو آهي.

سرتين جو سنگ ۽ گهر ۾ ويٺل گهٽائي:

”گهَرِ وينيون گهَٽا ڪريو سرتيون سڱ سنوان“ ۾ ظاهري تصوير عورتن جي گڏجاڻيءَ جي آهي، پر روحاني معنيٰ ۾ اهو انسانن جي اجتماع ۽ روح جي ساٿ جو استعارو آهي. ”سرتيون“ هتي طالبن يا عاشقن لاءِ استعارو ٿي سگهن ٿيون، جيڪي هڪ ئي مقصد لاءِ گڏ ٿيا آهن: حق سان سنگت، محبوبِ حقيقي سان وصال. گهر ۾ ويهڻ، يعني دل جي محفل ۾ گڏ ٿيڻ، ۽ سنگ سنوان ڪرڻ يعني پاڻ کي هڪڙي وحدت ۾ ڳنڍي ڇڏڻ.

صورت ۽ ساهڙ جي تصوير:

”صورت جا ساهڙَ جي، سا جي ڏني آن“ ۾ شاعر روحاني تجربي جي ڳالهہ ڪري ٿو. جڏهن عاشق پنهنجي محبوب جي صورت کي ڏسي ٿو، تہ اها صورت ڪا جسماني يا مادي نہ هوندي آهي؛ اها حقيقت جي روشني، الله جي صفتن جو پرتو ۽ باطني جمال هوندو آهي. اهو جمال جيڪو ڏسڻ کان پوءِ عاشق جي دل ۾ هميشہ لاءِ بي قراري ۽ قرار گڏجي ٿا جنم وٺن.

عجز ۽ فنا جي سچي تصوير:

”هوند نہ پليو مان، گهِڙو سڀ گهڙا ڪٽي“ ۾ شاعر پنهنجو عجز بيان ڪري ٿو. هتي ”گهڙو“ عاشق جي منزل جو استعارو آهي. ڀٽائي چوي ٿو تہ جيتوڻيڪ گهڙا گهٽا آهن، پر مان اڃا تشنگيءَ سان ڀريل آهيان، منهنجي تري تائين ڪڏهن بہ سيرابي نہ پهتي. اها ڳالهہ تصوف جي وڏي حقيقت آهي تہ عاشق جي طلب ڪڏهن ختم نٿي ٿئي، ڇو تہ الله جي معرفت بي پايان آهي، جيڪا هر پل نئين ۽ بي انتها آهي.

روحاني پيغام:

هن بيت ۾ هڪ ئي وقت ڪيترائي روحاني سُر ملي وڃن ٿا: زندگيءَ جو وهڪرو هميشہ جاري آهي، ان لاءِ هر وقت پاڻ کي نئين حالتن لاءِ تيار رکڻ گهرجي. گڏجڻ ۽ سنگت ڪرڻ ئي روحاني قوت پيدا ڪري ٿو. محبوبِ حقيقي جي صورت ڏسڻ، يعني سندس نشانيون، ڪائنات ۽ اندر ۾ موجود نشانين جو مشاهدو ڪرڻ، ئي اصل معرفت جو دروازو آهي.

انسان جو حقيقي منزل ڏانهن هلندو رهي حق لامحدود آهي تہ ان ڏانهن ويندڙ منزلون بہ لامحدود آهن سفر ڪڏهن بہ مڪمل نہ ٿو ٿئي، ڇو تہ هر لمحي نئين سُڃاڻپ، نئين روشني، ۽ نئين طلب پيدا ٿئي ٿي.

اڄ جي معاشري ۾، جتي ماڻهو هڪ ٻئي کان وڇڙيل آهن، جتي گڏجڻ بدران ورهائجڻ جو رواج وڌي ويو آهي، ڀٽائيءَ جو هي پيغام انتهائي اهم آهي. اهو اسان کي سيکاري ٿو تہ گڏجي ويهڻ، هڪ ٻئي سان محبت ڪرڻ، ۽ روحاني سنگت ۾ پاڻ کي ڳنڍڻ ئي دلين جي سڪون جو سرچشمو آهي.ساڳئي وقت، اها ڳالهہ بہ واضع ٿئي ٿي تہ انسان جي خواهش ۽ تلاش ڪڏهن بہ ختم نٿي ٿئي. علم، محبت، ۽ معرفت جا وهڪرا هر وقت جاري آهن، ۽ اسان کي گهرجي تہ انهن مان پنهنجي حصي جو پاٽي ڪٽي، پنهنجو ظرف وڌايون.

نتيجو:

ڀٽائيءَ جو هي بيت اسان کي ياد ڏياري ٿو تہ روحاني سفر ڪا منزل تي ختم ٿيڻ وارو نہ آهي، اهو هميشہ جاري وهڪرو آهي. انسان کي حقيقي وصال لاءِ مسلسل محبت، گڏجڻ ۽ تلاش جي ضرورت آهي. اها ئي راهہ آهي، جنهن ۾ صورتن کان حقيقت تائين، ۽ دنيا کان وحدت تائين، انسان پهچي سگهي ٿو.

ڀٽائي ۽ مٿن ٿٻڪ ٿٻڪڙا

(روحاني تشريح)

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي مارئيءَ جو بيت رڳو ظاهري ڳوٺاڻن جي زندگيءَ جي جهلڪ ناهي، پر اهو اندروني عشق ۽ روحاني سفر جو اهڃو استعارو آهي، جنهن ۾ صوفيانہ راز ۽ انسان جي باطني ڪيفيتن جو اظهار آهي. مارئيءَ جا لفظ، مارن جي پڳهر، ٿوڪرن ۽ ڏوڙ سان ڀريل پيرن جو ذڪر، دراصل انهن سالڪن جي ڪيفيت آهي، جيڪي وصالِ حق جي ڳولا ۾ پنهنجو وجود ساڙي ڇڏيو آهي. اچو تہ هن بيت جي هر سٽ کي روحاني رخ سان سمجهڻ جي ڪوشش ڪريون:

”مَٿِنِ ٿُبَڪَ ٿُبَڪَڙا، ڇِڪَندَڙا اَچِنِ“

مارن جي مٿي تي ٿوڪرا آهن، جيڪي ڏٿ يا روزمره جي سامان سان ڀريل آهن. هي ٿوڪريون صوفي سالڪن جي ذميوارين ۽ دنياوي بارن جو استعارو آهن. حقيقي طالبِ موليٰ پنهنجي ڪنڌ تي دنياوي بار ضرور کڻندو آهي، پر اهو بار هن لاءِ رڪاوٽ نہ، پر وصالِ حق تائين پهچڻ جو وسيلو بڻجي ويندو آهي. پڳهر ۾ ترندڙ انهن مارن جي محنت، مجاهدن جي مشڪلاتن ۽ رياضتن جي علامت آهي، جيڪي الله جي محبت ۾ پاڻ کي ٿڪائي ٿا ڇڏين. جيئن ٿوڪري کڻندڙ ماڻهوءَ جي سڃاڻ پڳهر مان ٿئي ٿي، تيئن عاشقِ حق جي سڃاڻ سندس محنت، رياضت ۽ جهدِ مسلسل مان ٿئي ٿي.

”ڪُڙِيُون ڪِيَهَہ ڀَڪُلِيُون، پَگهَرُ سِرِ پيرَنِ“

پيرن جون ڪڙيون مٽي سان ڀريل آهن، ۽ پگهر مٿي کان پيرن تائين وهي ٿو. هي منظر دنياوي سفر کان وڌيڪ روحاني سفر جي محنت جو نقشو آهي. صوفي جڏهن عشقِ الهيءَ جي راهه وٺي ٿو تڏهن سندس وجود مٽيءَ سان ملي ٿو وڃي. ڌوڙ ۾ ڀريل پير، فنا في الله جي منزلن جو استعارو آهن، جتي نفس جي گرد کي لتاڙي، طالب پنهنجي حقيقت تائين پهچي ٿو. مٿي کان پيرن تائين وهي ويل پگهر، ان سوز ۽ ساڙ جو اظهار آهي، جيڪو عاشق جي رڳ رڳ ۾ الله جي محبت سبب وهندو رهي ٿو. اها ئي محنت ۽ رياضت صوفي کي انسانن کان مٿائي، رب جي قرب ۾ داخل ڪري ٿي.

"اِي وَڙِوِيڙِهيچِنِ، مُون لوڏائِين لَڪِيا"

مارئي چوي ٿي ته مون پنهنجي مارن کي انهن جي هلڻ جي لوڏ مان سڃاتو آهي. هتي لوڏ صرف جسماني ٽور ناهي، پر اهو اندروني ڪيفيتن جو اهڃاڻ آهي. صوفي طالب جي سڃاڻ سندس چال، لهجي، نگاهه ۽ عمل مان ٿئي ٿي. هو پنهنجي وجود ۾ اهڙو نور رکندو آهي، جيڪو عام ماڻهن لاءِ اجنبي هوندو آهي، پر عاشق جي دل ان کي پوري طرح پروڙي وٺندي آهي. مارئيءَ جي دل به انهن مارن جي لوڏ مان پروڙي ٿي ته اهي سندس پنهنجا آهن، تيئن الله جا دوست، سندن هلڻ، ڳالهائڻ ۽ رهڻي ڪهڻي مان سڃاتا وڃن ٿا.

روحاني اشارن جي وسعت:

هي بيت رڳو مارئيءَ جي پنهنجي مارن لاءِ محبت جو اظهار ناهي، پر اهو انهن صوفين لاءِ هڪ وڏي تشبيه آهي، جيڪي عشقِ الهيءَ ۾ پاڻ کي فنا ڪري ڇڏين ٿا. ٽوڪريون بارِ دنيا، ذميواريون، جيڪي عشق جي سفر ۾ به ڇڏجندا ناهن. پگهر، رياضت، جهد، نفس سان جهاد. ڌوڙ سان ڀريل پير. فنا ۽

بي نيازي، لوڏ، عشق جي چال، جيڪا سچي طالب کي ٻين کان ڌار ڪري سڃاڻپ بڻجي ٿي.

نتيجو:

ڀٽائي عليه الرحمه جو هي بيت، مارئيءَ جي سادي ڳوٺاڻن جي زندگيءَ جي تصويري انداز سان گڏ، صوفين جي روحاني سفر جو اهڙو عڪس ڏئي ٿو جتي عشقِ الهي انسان کي مٽيءَ ۾ ملي، پگهر ۾ ترائي، محنت ۽ مشڪل جي راهه تان وٺي، وصالِ حق تائين پهچائي ٿو.

مارئيءَ جي مارن جي لوڏ، دراصل انهن اولياءَ الله جي لوڏ آهي، جيڪي دنيا جي بار کڻي به الله جي محبت ۾ پاڻ کي فنا ڪري ڇڏين ٿا. انهن جو پگهر، ڌوڙ ۽ لوڏ ئي سندن سڃاڻ آهي.

اهو ئي ڀٽائي عليه الرحمه جي مارئيءَ جو پيغام آهي: محبت، مشقت ۽ فنا جو سفر، جيڪو آخرڪار وصالِ حق ۾ بدلجي وڃي ٿو.

(2) بيت جو اهم نڪتو:

سٽ "مٿن ٽبڪ ٽبڪڙا، چڪندا اڇن" ۾ مارئي مارن جي اُن حال جو بيان ڪري ٿي، جتي سندن مٿن تي ٽوڪرا رکيل آهن ۽ هو پگهر ۾ ترندا اڇن ٿا. هاڻي جيڪڏهن هن سٽ کي روحاني زاويي سان ڏسون ته اها اُن خيال جي مڪمل ترديد آهي، جيڪو ڪڏهن ڪڏهن صوفين کي دنيا کان بي نياز، ترڪِ دنيا ڪندڙ ۽ محض ڪنڊن ۾ ويهندڙ رهبان سمجهي پيش ڪندو آهي.

روحاني تشريح

1.ذميواري ۽ دنياوي بار

ٽُبڪَڙا (ٽوڪرا) دراصل اُن بار ۽ ذميواريءَ جو استعارو آهن، جيڪو انسان پنهنجي ڪُٽنب، سماج ۽ روزمره جي زندگيءَ ۾ کڻي ٿو. صوفي سالڪ به انهن ذميوارين کان آزاد نه هوندو آهي، هو به پنهنجي ڪلهن تي ذميواريون کڻي ٿو. پر ان سان گڏوگڏ الله جي عشق ۾ مشغول رهي ٿو.

2. محنت ۽ مشقت جو رستو

ڇِڪندا اچڻ يعني پگهر ۾ ترڻ، اهو ظاهر ڪري ٿو ته صوفي رڳو مراقبي ۾ نه، پر محنت ۽ مشقت ۾، عملي جهاد ۾ ۽ انساني خدمت ۾ به لڳل آهي. صوفي جو سفر جسماني ڪاهلي يا دنياوي ذميوارين کان ڀڄڻ وارو نه آهي، پر رياضت ۽ جهد سان ڀريل آهي.

3. ترڪِ دنيا نه پر اصلاحِ دنيا:

اهو منظر ٻڌائي ٿو ته حقيقي صوفي، رهبانيت اختيار ڪندڙ نٿو ٿئي. هو دنيا کان لاڳاپا ڇڏي ڪوڙين غارن ۾ ويهندڙ ناهي، پر دنيا جي بي رحميءَ ۽ محنت جي ڊوڙ ۾ لتاڙي، ساڳئي وقت روحاني راهه تي هلندڙ آهي. صوفي جو اصل ڪمال اهو آهي ته هو دنيا ۾ رهي دنيا کان مٿانهون ٿي وڃي.

4. باطن ۽ ظاهر جو ميل:

مٿن ٽُبڪَڙا، ظاهري بار جا نشان آهن، جڏهن ته ڇِڪڻ (پگهر) عشق جي باطني تپش جو اظهار آهي. يعني صوفي لاءِ ظاهر ۽ باطن جو ميل ضروري آهي: هٿ ڪم ۾، دل رب ۾.

ادبي نڪتو:

لطيف جو هي اشارو ان فڪري مغالطي کي رد ڪري ٿو، جيڪو تصوف کي محض تياڳ ۽ بي عمليءَ سان ڳنڍي ٿو. حقيقت ۾ صوفي محبت

جو ماٺو آهي، جيڪو پنهنجي ڪنڌ تي بار کڻي به، محنت ۽ پگهر ۾ ترندي به، دل رب سان ڳنڍي ٿو.

(3)شاهه ڀٽائي عليه الرحمه جي بيت قرآن ۽ حديث جي روشنيءَ ۾ مسلمانن لاءِ هدايت.

بيت جو عڪس:

"مَٿِن ٽُبَڪَ ٽُبَڪَڙا، ڇِڪندَڙا اچَنِ،
ڪُڙَيُون ڪِيَہ ڀَڪُلِيُون، پَگهَرُ سِرِ پيرَنِ،
اِي وَڙَوِيڙهيچَنِ، مُون لوڏائِين لَکِيا."

مارئيءَ جي زبان ۾ مارن جي محنت، پگهر ۽ ڊوڙ سان ڀريل زندگيءَ جو نقشو آهي. پر هي رڳو ڳوٺاڻن جي حالتن جو احوال ناهي؛ بلڪ هڪ وڏو روحاني ۽ اسلامي پيغام لڪل آهي، جيڪو قرآن ۽ حديث جي تعليمات سان ڀرپور مطابقت رکي ٿو.

قرآن جو پيغام: محنت ۽ جهد:

الله پاڪ قرآن ۾ فرمايو آهي:

(النجم: 39)

يعني انسان لاءِ اهو ئي آهي، جيڪا هن محنت ڪئي.

مارئيءَ جا مار به پگهر ۾ ترندڙ محنت سان هلندڙ ۽ ڊوڙ ۾ ٻڌل نظر اچن ٿا. اهو منظر ٻڌائي ٿو ته مسلمان لاءِ محنت ئي اصل سرمايو آهي. بغير جهد ۽ پگهر جي، نه دنيا ٺهي سگهي ٿي ۽ نه ئي آخرت. ڪم ڪرڻ عبادت آهي.

رسول الله ﷺ فرمايو: "ڪوبه شخص پنهنجي هٿن جي ڪم کان بهتر کاڌو نه کائي سگهيو آهي." (بخاري)

هي حديث ٻڌائي ٿي تہ روزيءَ جي تلاش، محنت ۽ جھد پاڻ ۾ عبادت جي برابر آهي. مارئيءَ جو بيان تہ ”مٿن ٽُنبگڙا“ رکندڙ ”چڪندا اچن“، اصل ۾ مسلمانن لاءِ اهو سبق آهي تہ هو دنياوي بارن کان ڀڄي نہ وڃن، بلڪہ ذميواريون نڀائيندي، پگهر سان ترندي، عزت جي روزي ڪمائن.

دنيا ۾ رهڻ، پر دنيا کان مٿانهون ٿيڻ:

شاهہ عبداللطيف جي بيت مان اها بہ ڳالهہ ظاهر ٿئي ٿي تہ صوفين ۽ مؤمنن جو ڪم محض ترڪِ دنيا نہ آهي. قرآن ۾ الله پاڪ دنيا کي ڇڏي رهبانيت اختيار ڪرڻ تي اعتراض ڪندي فرمايو:

(الحديد: 27)

يعني رهبانيت هنن پاڻ ٺاهي هئي، اسان ان کي مٿن فرض نہ ڪيو هو. سو مسلمانن لاءِ بيت جو سبق اهو آهي تہ اصل عبادت دنيا کان ڀڄڻ ۾ نہ، پر دنيا ۾ رهندي، ڏوڙ ۽ پگهر ۾ لتاڙجي، محبتِ الهي ۾ سرشار رهڻ ۾ آهي.

لوڏ ۽ سڃاڻ: مؤمن جو ڪردار...

مارئي چوي ٿي تہ مون پنهنجن مارن کي ”لوڏ“ مان سڃاتو.

حديث شريف ۾ اچي ٿو:

يعني مؤمن پاڻ ۾ سڃاڻپ رکندڙ هوندو آهي، ماڻهن لاءِ الفت وارو هوندو آهي.

صوفي سالڪ جي سڃاڻ سندس هلڻ، ڳالهائڻ ۽ عمل مان ٿئي ٿي. ساڳيءَ ريت، مسلمان لاءِ ضروري آهي تہ سندس لوڏ، يعني سندس ڪردار ۽ عمل، سندس ايمان جو عڪس بڻجي.

مسلمانن لاءِ هدايت:

1.محنت کي عار نہ سمجهو پگهر کي عبادت سمجهو.

2.ذميواري کان ڀڄڻ نہ، ان کي ڪلهن تي کڻي نڀايو.
3.رهبانيت نہ، پر دنيا ۾ رهندي بي نيازي اختيار ڪريو.
4.مؤمن جي سڃاڻ سندس ڪردار ۽ عمل مان ٿئي ٿي.
5.وصالِ حق جو رستو ڏوڙ ۽ پگهر مان گذري ٿو سستي ۽ ڪاهلي مان نہ.

نتيجو:

شاهہ عبداللطيف جي بيت، قرآن جي حڪمن ۽ رسول الله ﷺ جي حديثن جو گڏيل سبق آهي تہ مسلمان دنيا ۾ محنت سان جيون گذارين، ذميوارين کي نڀائين، ۽ دل کي الله جي محبت ۾ رکي.مارئيءَ جي زباني ڀٽائي عليہ الرحمہ اسان کي سيکاري ٿو تہ ”هٿ محنت ۾، دل رب سان، ۽ سفر وصال جي راهہ تي“ رکڻ ۾ ئي مؤمن جو اصل ڪمال آهي.

ڀٽائي ۽ جا ڳهڙي وَسندي مينهن

(روحاني تشريح)

سياري سه رات ۾ جا ڳهڙي وَسندي مينهن

هلو ته پڇون سهڻي جا ڪر ڄاڻي نينهن،

جنهن کي رات ڏينهن ميهار ئي من ۾

(1)سياري جي سهڻي رات، جڏهن ڪاري اونداهيءَ جا پردا ڌرتيءَ کي گهيرو ڪري وٺن ٿا ۽ مينهن جا ڦڙا فضا ۾ ڳوڙهن جيان وسڻ لڳن ٿا، تڏهن انسان جو دل به پنهنجي اندر جي مينهن ۾ تر ٿي وڃي ٿو. اها رات فقط موسمي منظر نه آهي، پر هڪ سالڪ جي دل جي ڪيفيت جو استعارو آهي. جتي دنيا جون سختيون سياري جي ٿڌ ۾، غم جا ڳوڙها مينهن جي ڦڙن ۾ ۽ روح جي پياس ڪاري رات جي بي پناهه اونداهين ۾ سمايل نظر اچي ٿي.

هن بيت ۾ سيارو، ڪاري رات، ۽ وسندڙ مينهن ڪا معمولي تصوير ناهي. سيارو اشارو آهي زندگيءَ جي سختين ۽ نفس جي آزمائشن ڏانهن، ڪاري رات انسان جي اندر جي غفلت ۽ دنيا جي اونداهين جو پتو ڏئي ٿي، جڏهن ته مينهن. الله جي رحمت ۽ عشق جي آنندن جو روپ اختيار ڪري ٿو. اهڙي ماحول ۾ سڏ ايندو آهي: ”هلو هلون ته پڇون سهڻيءَ کان جا ڪر ڄاڻي نينهن.“

سهڻيءَ جو روپ .اهل الله جو استعارو:

سهڻي رڳو قصي ڪهاڻي جي محبوبه نه آهي، بلڪ اها اهل الله جي علامت آهي.اهي ماڻهو جن پنهنجو پاڻ ماري ميڻ وانگر ڳاري ڇڏيو آهي، ۽ الله جي عشق ۾ فنا ٿي امر ٿي ويا آهن. سندن وجود جڻ ته هڪ مشعل آهي،

جيڪا ٻين سالڪن لاءِ رستو روشن ڪري ٿي. ”جا ڪر ڄاڻي نينهن“ .انهن ئي اهل الله تي لاڳو ٿئي ٿو جيڪي نينهن جي حقيقي راهه جا رازدان آهن.هي اهي ماڻهو آهن، جن جو هر لمحو الله جي ياد ۾ گذري ٿو. انهن جي زندگيءَ ۾ ڪا به گهڙي، ڪا به ساعت اهڙي ناهي، جتي هو پنهنجي رب کان غافل ٿين. سندن ساهه، سندن نگاهه، سندن سوچون،سڀئي الله جي عشق جي اٿاهه گهرائي سان ڀريل آهن.

سالڪ لاءِ پيغام:

سالڪ جڏهن سياري جي رات ۾ وسندڙ مينهن کي ڏسي ٿو تڏهن ڪيس خبر پوي ٿي ته عشق جي راهه ڪا آسانيءَ جي منزل ناهي. اها رڳو ڳالهين سان نٿي ملندي، پر گوڏا ڇڏي شاگردي اختيار ڪرڻي پوندي آهي. منزلون پاڻ نه ملنديون آهن، پر محنت، رياضت ۽ قربانيءَ سان حاصل ٿينديون آهن.سهڻيءَ جي ياد سالڪ کي ٻڌائي ٿي ته عشق جي راهه ۾ پاڻ کي قربان ڪرڻ کان سواءِ ٻيو ڪو رستو ناهي. جيئن ميڻ پنهنجو پاڻ ڳاري ٿي پر ٻين لاءِ روشني پيدا ڪري ٿي، تيئن ئي اهل الله پنهنجي نفس کي فنا ڪري ٻين لاءِ محبت ۽ هدايت جو مينهن وسائين ٿا.

ڪاري رات ۾ روشني:

جڏهن ڪاري رات وڌي وڃي ٿي، تڏهن ئي ستارا ۽ چنڊ چمڪندا آهن. ساڳيءَ طرح، جڏهن زندگيءَ ۾ ڏک ۽ مشڪلات وڌي وڃن ٿيون، تڏهن ئي دل رب جي روشنيءَ کي وڌيڪ سچي نموني سان محسوس ڪري ٿي. وسندڙ مينهن انهيءَ ڳالهه جو اشارو آهي ته الله جي رحمت ڪڏهن به رڪجي نٿي. بس شرط اهو آهي ته سالڪ پنهنجي دل جي زمين کي سچائيءَ سان آباد ڪندو رهي.

نتيجو...

هي بيت انسان کي سيکاري ٿو تہ عشق رڳو لفظن ۽ دعوائن سان نٿو ملي، پر عملي زندگيءَ ۾ ان جو اظهار ضروري آهي. سهڻيءَ جيان اهل الله ئي انهن راهن جا واقف آهن، جن ۾ قرباني، يادِ خدا، ۽ مسلسل عبادت شامل آهي. سياري جي رات ۽ وسندڙ مينهن اسان کي اهو سبق ڏين ٿا تہ جيتوڻيڪ وقت مشڪل ۽ اونداهو هجي، پر الله جي رحمت ۽ عشق جي مينهن سان سالڪ جي زندگي هميشہ سرسبز رهندي.اهو ئي اصل نينهن آهي. جنهن ۾ غفلت لاءِ ڪا گهڙي ناهي، پر هر لمحو رب جي ياد ۾ بسر ٿئي ٿو.

(2) قرآن ۽ حديث جي روشنيءَ ۾

سياري جي ڪاري رات ۾ وسندڙ مينهن جو منظر رڳو فطرت جو حسن ناهي، پر انسان جي روحاني سفر جو استعارو بہ آهي. جڏهن اونداهه گهيرو ڪري، سرديءَ جون تيز هوائون لڳن ۽ آسمان تان مينهن جا ڦڙا وسن، تڏهن سالڪ جي دل ۾ اهو سوال اُڀري ٿو تہ اصل روشني ڪٿي آهي؟ اها روشني قرآن ۽ حديث ۾ ئي موجود آهي، جتي انسان کي رب جي ياد ۽ عشق جي معنيٰ ملي ٿي.

قرآن جو پيغام۔ رات، مينهن ۽ رحمت:

الله تعاليٰ فرمايو:

''وَهُوَ الَّذِي يُنَزِّلُ الْغَيْثَ مِن بَعْدِ مَا قَنَطُوا وَيَنشُرُ رَحْمَتَهُ ۚ وَهُوَ الْوَلِيُّ الْحَمِيدُ''

(سورة الشوريٰ: 28)

هي آيت ٻڌائي ٿي تہ جيئن مينهن قحط کان پوءِ ڌرتيءَ کي سرسبز ڪري ٿو تيئن الله جي رحمت بہ دلين جي ويرانيءَ کي دور ڪري ٿي. سالڪ

لاءِ سياري جي ڪاري رات اها ياد ڏياريندڙ آهي تہ مايوسيءَ کان پوءِ رب جي رحمت وسندي آهي.

ٻئي هنڌ ارشاد آهي:

''أَلَا بِذِكْرِ اللَّهِ تَطْمَئِنُّ الْقُلُوبُ''

(سورة الرعد: 28)

يعني، دلين جو سڪون صرف الله جي ياد ۾ آهي. اهڙوئي سهڻيءَ جيان اهل الله جو حال آهي، جيڪي ڪنهن گهڙي بہ رب کان غافل نٿا ٿين.

حديثن جي روشني ۾. رات ۽ الله جي ياد حضرت محمد ﷺ فرمايو:

"أفضلُ الصلاةِ بعدَ الفريضةِ صلاةُ الليلِ"(صحيح مسلم)

يعني فرض نماز کان پوءِ سڀ کان افضل عبادت رات جي نماز آهي. ڪاري رات سالڪ لاءِ غفلت نہ پر عبادت ۽ راز و نياز جو وقت آهي، جتي مينهن جي ڦڙن وانگر دل جا ڳوڙها بہ رب جي حضور ۾ وسندا آهن.

ٻئي حديث ۾ رسول الله ﷺ فرمايو:

''ينزل ربنا تبارك وتعالى كل ليلة إلى السماء الدنيا حين يبقى ثلث الليل الآخر، فيقول: من يدعوني فأستجيب له؟ من يسألني فأعطيه؟ من يستغفرني فأغفر له؟''

(بخاري و مسلم)

اهو پيغام آهي تہ رات جي اونداهين ۾ ئي رحمت جو در کليل هوندو آهي. سالڪ لاءِ اها وڏي خوشخبري آهي تہ رب پاڻ پنهنجن ٻانهن کي سڏي ٿو.

سالڪ لاءِ نصيحتون:

صبر ۽ اميد: سياري جي رات اسان کي سيکاري ٿي تہ ڏک ۽ آزمائشون بہ عارضي آهن. جيئن سرديءَ کان پوءِ بهار اچي ٿي. رحمت جو مينهن: الله جي ياد, قرآن جي تلاوت ۽ دعا سان دل تي رحمت جو مينهن وسندو آهي. مسلسل ياد: سهڻيءَ جي علامت ۾ اهل الله جو ذڪر اهو سيکاري ٿو تہ حقيقي عاشق لاءِ ڪو بہ وقت غفلت جو ناهي.

نتيجو:

قرآن ۽ حديث اسان کي اهو سيکاري ٿو تہ ڪاري راتيون خوف جو سبب نہ پر رب سان ويجهڙائيءَ جو وقت آهن. وسندڙ مينهن اها علامت آهي تہ الله جي رحمت هميشه تازگي بخشي ٿي. سهڻيءَ جيان اهل الله ئي رستو ڏيکارين ٿا تہ حقيقي نينهن اهو آهي, جنهن ۾ دل ڪنهن گهڙي بہ رب کان غافل نہ ٿئي. سالڪ لاءِ هدايت صاف آهي:رات جي عبادت, الله جي ياد ۽ اهل الله جي صحبت ئي اها روشني آهي, جيڪا سياري جي ڪاري رات کي بہ بهار ۾ بدلائي سگهي ٿي.

(3) بيت جو مرڪزي خلاصو:

شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جو بيت رڳو شاعرانہ منظر نگاري نہ آهي, پر هڪ عظيم روحاني فلسفي جو پيغام آهي. سياري جي ڪاري رات, وسندڙ مينهن ۽ سهڻيءَ جو ذڪر اصل ۾ اهل الله جي صفتن جو استعارو آهي. ڀٽائيءَ پنهنجي بيت ۾ ٻڌائي ٿو تہ اهل الله اهي ماڻهو آهن, جيڪي سياري جي سرد راتين ۾, اوڻتيه اونداهين ۾ دريا داخل ٿين ٿا ۽ مينهن وسڻ جي گهڙيءَ ۾ بہ الله جي ياد کان غافل ناهن.

سياري جي رات ۽ اوندهہ:

سياري جي رات سختيءَ ۽ نفساني آزمائشن جي علامت آهي. اونداهي ان غفلت ۽ جهالت ڏانهن اشارو ڪري ٿي, جتي انسان الله کان پري ٿي وڃي ٿو. پر اهل الله لاءِ اها اونداهي ڪا رڪاوٽ ناهي. هو سياري جي ٿڌ, انڌاري ۽ مينهن جي وسڪاري ۾ بہ عبادت ۾ مصروف رهن ٿا.

اهل الله جي سڃاڻپ:

سهڻيءَ جي زبان مان ڀٽائيءَ اهو اعلان ڪرايو تہ:اهل الله اهي آهن, جن جي دلين ۾ عشق جي گرمي سياري جي سرديءَ کي شڪست ڏئي ڇڏي ٿي.جن لاءِ ڪاري رات عبادت ۽ راز و نياز جو وقت بڻجي وڃي ٿي.جن جي زندگيءَ جو هر لمحو الله جي ياد سان ڀريل آهي, جڻ تہ مينهن جا ڦڙا رحمت جي صورت ۾ سندن دلين تي وسندا رهن ٿا.

قرآن جي روشني الله تعاليٰ فرمايو:

”إِنَّمَا يَخْشَى اللَّهَ مِنْ عِبَادِهِ الْعُلَمَاءُ“ (سورة فاطر : 28)

يعني, الله کان سڀ کان وڌيڪ ڊڄڻ وارا عالم آهن. اهي ئي اهل الله آهن, جن جي زندگي جو هر پل خشعيتِ الهيءَ ۾ گذري ٿو.

ٻئي هنڌ ارشاد آهي:

”كَانُوا قَلِيلًا مِّنَ اللَّيْلِ مَا يَهْجَعُونَ ، وَبِالْأَسْحَارِ هُمْ يَسْتَغْفِرُونَ“

(سورة الذاريات: 1817)

اهي ماڻهو رات جو ٿورو ئي سمهندا آهن ۽ سحر جي وقت معافي گهرندا آهن. اهو ئي اهل الله جو ڪمال آهي, جيڪي سياري جي رات جي اونداهين ۾ عبادت کي ترجيح ڏين ٿا.

حديثن جي روشني:

حضرت محمد ﷺ فرمايو:

"أفضلُ الصلاةِ بعدَ الفريضةِ صلاةُ الليلِ" (صحيح مسلم)

فرض نماز کان پوءِ سڀ کان افضل عبادت رات جي نماز آهي. اهو ئي سهڻيءَ جي زبان ۾ اهل الله جي نشاني آهي ته سياري جي ڪاري رات ۾ به هو رب جي حضور ۾ جهڪيل هوندا آهن.

بيت جو اخلاقي تجزيو:

مينهن جو وسڻ اهل الله جي دلين تي الهامي برڪتن ۽ رباني رحمتن جو نشان آهي. سياري جي رات، جيڪا ٻين لاءِ خوف ۽ ٿڌ جو استعارو آهي، اهل الله لاءِ عشق جي گرميءَ جو موسم بڻجي وڃي ٿي. سندن وجود ميڻ وانگر ڳري ٿو پر ٻين لاءِ روشنيءَ ۽ محبت جو مينهن وسائي ٿو.

نتيجو:

ڀٽائيءَ عليه الرحمه جي بيت جو مرڪزي نقطو اهو آهي ته اهل الله سياري جي سرد راتين ۾، اوڻٽيهه اونداهين ۾ به عبادت ۽ عشق ۾ مشغول رهن ٿا. مينهن وسڻ واري گهڙي سندن دلين تي رحمت جي وسڪاري وانگر آهي. اهي ئي ماڻهو سچا سالڪ، سچا عاشق ۽ الله جا محبوب بندا آهن، جن جي زندگيءَ ۾ ڪوبه لمحو غفلت جو ناهي.

ڀٽائي ۽ سنئين سونهائي سيڪا

(روحاني تشريح)

"سَنئين سُونهائي سيڪا، ڪا مون مُنجهائي،
طلب ۽ تَحصِيل، اوريان ئي آهي،
مان تَنُ تِتِ لائي، جِتِ آهي نه ناهي ڪا،
سنئين واٽ تي هر ڪا."

هي بيت، رڳو شاعراڻو اظهار نه پر انسان جي روحاني ڪيفيتن جو آئينو آهي، جتي جستجو طلب ۽ تحصيل جا لاڙا هڪ اهڙي اندروني رستي ڏانهن وٺي وڃن ٿا، جنهن کي عقل رڳو "حاصل ڪرڻ" سمجهي ٿو پر روح ان کي "گم ٿيڻ" ۾ لڌل ڏسي ٿو.

(1) طلب ۽ تحصيل جا ٻه مرحلا:

ڀٽائي چوي ٿو ته طلب ۽ تحصيل ٻه اوريون آهن، ٻنهي ۾ ڏک آهي، پر ٻنهي جو منزل طرف وڃڻ ضروري آهي. طلب يعني دل ۾ جستجوءَ جو شعلو ٻارڻ، هڪ اُڃ آهي جيڪا پياسي کي پاڻيءَ تائين وٺي وڃي ٿي. تحصيل يعني ان اُڃ جو مطمئن ٿيڻ، پر روحاني راهه ۾ اهو مطمئن ٿيڻ ڪنهن مادي هٿ اچڻ سان نه، پر وڌيڪ اڃ ۽ وڌيڪ جستجوءَ سان پيدا ٿئي ٿو.

"جتي آهي نه ناهي ڪا"

هتي ڀٽائي جو روحاني راز ڳجهارت بڻجي سامهون اچي ٿو. جتي آهي، اتي ناهي.اهو وحدت ۽ فنا جو مقام آهي. ظاهر ۾ دنيا موجود آهي، پر حقيقت ۾ "نفي" آهي. سالڪ جڏهن "آهي" جي پردي کي لاهي ٿو ته ان کي

"نٿي" جي حقيقت ملي ٿي، ۽ اتي ئي اصل حقيقت سان ملاقات ٿئي ٿي. اهو مقام صوفيانہ اصطلاح ۾ "فنا في الله" آهي، جتي سالڪ پنهنجو وجود وڃائي، خدا جي وجود ۾ ضم ٿي وڃي ٿو.

سنئين واٽ جو سفر:

"سنئين واٽ" جو ذڪر، قرآن مجيد جي آيت "اهدِنَا الصِّرَاطَ المُستَقِيمَ" (الفاتحہ: 6) جي ترجماني آهي. اها سڌي واٽ، جنهن تي هرڪو هلي سگهي ٿو پر هرڪو ان جي منزل کي نٿو سمجهي سگهي. ظاهر ۾ اهو رستو سڀ کنهن لاءِ کليل آهي، پر سالڪ لاءِ اها ڪشالا راهہ آهي، جنهن ۾ هر قدم سان پاڻ کان نڪري، رب ڏانهن وڃڻو پوي ٿو.

(2) روحاني تشريح....

هن بيت ۾ ڀٽائي سالڪ جي دل جي اُها ڪيفيت بيان ڪئي آهي جتي دنيا جي سڀ سونهن باوجود، سندس روح کي هڪ ئي ڳڻ تڙپائي رهي آهي.الله تائين پهچڻ جو ڳڻ. هو چوي ٿو تہ مون پنهنجي وجود کي اُنهيءَ جاءِ سان جوڙي ڇڏيو آهي، جتي "وجود" ۽ "نفي" ٻئي گڏ ٿين ٿا. دنيا جا ماڻهو ظاهر کي ڏسندي "آهي" چون ٿا، پر سالڪ جو باطن "نہ آهي" ۾ حقيقت جو نظارو ڪري ٿو.

ادبي تاثر:

هي بيت پڙهندي محسوس ٿئي ٿو تہ جڻ ڀٽائي انساني روح کي هڪ اهڙي واديءَ ۾ وٺي وڃي ٿو جتي سڀ ظاهر جون رونقون بيڪار ٿي وڃن ٿيون. اتي فقط هڪ ئي جوت آهي. جستجوءَ جي جوت. اهو سفر، رڳو قدم کڻڻ وارو نہ پر وجود وڃائڻ وارو آهي.

نتيجو:

شاهہ جو اهو پيغام، اڄ جي انسان لاءِ پڻ راهہ ڏيکاريندڙ آهي. جديد دور جي مادي چمڪ، "آهي" جو ڏيک ڏئي ٿي، پر حقيقت ۾ اها "نہ آهي" آهي. جيڪڏهن انسان جستجوءَ ۽ طلب جي واٽ تي هلندي، پنهنجي وجود کي مٽائي، رب جي رضا ۾ ملي وڃي، تڏهن ئي هن جو سفر مڪمل ٿيندو.

هي بيت اسان کي اهو سيکاري ٿو تہ اصل زندگي، "سنئين واٽ" تي پاڻ وڃائڻ ۽ رب کي حاصل ڪرڻ ۾ آهي. باقي سڀ ڪجهہ "آهي" جو ڏيک، فقط وهم آهي.

(3) قرآن جي روشنيءَ ۾ مسلمانن لاءِ رهنمائي:

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي عليہ الرحمہ جو بيت آهي:

"مان تَنُ تِتِ لائي، جِتِ آهي نہ ناهي ڪا."

هي بيت رڳو شاعري نہ پر هڪ روحاني سبق آهي، جيڪو مسلمانن کي زندگيءَ جي اصل حقيقت ڏانهن رهنمائي ڪري ٿو.

نفي ۽ اثبات جو پيغام:

قرآن ۾ الله فرمايو:

"فَاعۡلَمۡ اَنَّهٗ لَاۤ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ" (محمد: 19)

(پڪ ڄاڻ تہ ڪوبہ معبود ناهي سواءِ الله جي)

ڀٽائيءَ جو بيت بہ ساڳي حقيقت ڏانهن اشارو ڪري ٿو. دنيا جي سڀ رونقون، دولتون ۽ هوس "نہ آهن"، اصل حقيقت فقط الله جي "آهي" آهي. سالڪ جڏهن پنهنجي وجود کي "نہ آهي" ۾ فنا ڪري ٿو تڏهن ئي ڪيس رب جي "آهي" نظر اچي ٿي.

دنياوي زندگي جو وهم:

قرآن ۾ آهي:

''وَمَا الْحَيَاةُ الدُّنْيَا إِلَّا مَتَاعُ الْغُرُورِ'' (آل عمران: 185)

(هي دنيا جي زندگي رڳو ڌوڪي جو سامان آهي)

ڀٽائي جڏهن چوي ٿو "جِتِ آهي نہ ناهي ڪا"، تڏهن هو انهيءَ ڌوڪي کي بي نقاب ڪري ٿو. دنيا ۾ جيڪا "آهي" ڏسجي ٿي، اها حقيقت ۾ "نہ آهي". اها سڀ فنا ٿي ويندي، باقي رهندو رڳو رب جو وجود.

اصل منزل:

قرآن ۾ مسلمان کي دعا سيکاريل آهي:

''اهدِنَا الصِّرَاطَ الْمُسْتَقِيمَ'' (الفاتحه: 6)

(اي الله! اسان کي سڌي واٽ ڏيکار)

ڀٽائي جو "سنئين واٽ" جو تصور، قرآن جي انهيءَ سڌ سان مڪمل هم آهنگ آهي. اها سڌي واٽ ئي آهي، جتي انسان پنهنجو پاڻ وڃائي، رب کي لهي ٿو. دنياوي "آهي" ۽ "نہ آهي" جي ڌوڪن کان نڪري، حقيقي واٽ تي هلڻ ئي نجات جو رستو آهي.

فنا کان بقا تائين:

قرآن ۾ الله جو فرمان آهي:

''كُلُّ شَيْءٍ هَالِكٌ إِلَّا وَجْهَهُ'' (القصص: 88)

(هر شيءِ فنا ٿيندڙ آهي، سواءِ الله جي ذات جي)

ڀٽائيءَ جو بيت انهيءَ آيت جو شعري ترجمو لڳي ٿو. سڀ وجود، سڀ رتبا، سڀ دولت، سڀ طاقت "نہ آهن"، اصل "آهي" فقط رب آهي. جنهن کي اهو راز سمجهہ ۾ اچي ٿو اهو ئي حقيقي مسلمان آهي.

نتيجو ۽ رهنمائي:

شاهہ عبداللطيف جو بيت مسلمانن کي ياد ڏياري ٿو تہ ڪاميابي، دولت ۽ دنيا ۾ نہ پر الله جي معرفت ۾ آهي. جيڪڏهن انسان "لا إلہ" سان دنياوي معبودن ۽ خواهشن کي رد ڪري، ۽ "إلا الله" سان رب جي ذات کي قبول ڪري، تہ پوءِ ئي سندس زندگي "سنئين واٽ" تي هوندي. اسان جي دور جو وڏو الميو اهو آهي تہ ماڻهو دنيا جي "آهي" کي اصل سمجهي ويٺا آهن. ڀٽائيءَ جو پيغام آهي: اصل زندگي ان ۾ آهي، جتي سڀ ناهي، ۽ سڀ ڪجهہ فقط الله آهي.

حاصلِ ڪلام: ڀٽائي جي بيت جو پيغام:

"سَنئين سُونهائي سيڪا، ڪا مون مُنجهائي،
طلب ۽ تَحصِيل، اوريان ئي آهي،
مان تَنُ تِتِ لائي، جِتِ آهي نہ ناهي ڪا،
سنئين واٽ تي هر ڪا."

مقصد ۽ مراد:

هن بيت جو حاصل اهو آهي تہ انسان جي اصل منزل دنياوي رونقن يا مادي چمڪ ۾ نہ، پر هڪ اهڙي حقيقت ۾ آهي، جتي "آهي" ۽ "نہ آهي" جو تضاد گڏ ٿي وڃي ٿو. ڀٽائيءَ جو مقصد اهو آهي تہ طلب ۽ تحصيل ٻنهي مرحلن ۾ صبر: استقامت ۽ سچائي ضروري آهي. طلب بغير تحصيل نہ ملي،

۽ تحصيل بغير فنا نہ ٿي سگهي. آخرڪار سالڪ کي ان جاءِ تي پهچڻو آهي، جتي دنيا جي ”آهي“ فقط وهم آهي، ۽ رب جي ”نہ آهي“ ئي اصل ”آهي“ بڻجي بيٺي آهي.

بيت تي ادبي تبصرو.....

اسان جي دور ۾ جڏهن هر ماڻهو ”حاصل ڪرڻ“ جي ڊوڙ ۾ لڳل آهي، ڀٽائي جو هي پيغام ياد ڏياريندو آهي تہ سڀ حاصل، سڀ سونهن، سڀ رونق، هڪ وقتي سراب آهن. اصل حاصل اهو آهي، جيڪو رب سان جڙڻ ۾ ملي. اها سنئين واٽ آهي، جيڪا قرآن ۾ ”صراطِ مستقيم“ سڏجي ٿي. ظاهر ۾ سڀ ماڻهو انهيءَ واٽ تي هلي سگهن ٿا، پر حقيقت ۾ ان جي منزل تائين رڳو اُهي سالڪ پهچن ٿا، جيڪي پنهنجي ”مان“ کي وڃائي ڇڏين ٿا.

اختتامي نتيجو:

ڀٽائيءَ جو مقصد انسان کي اهو سيکارڻ آهي تہ زندگيءَ جو سفر فقط خواهشن ۽ مادي تحصيل تائين محدود نہ آهي. اصل ڪاميابي تڏهن آهي، جڏهن انسان پنهنجي طلب کي رب جي طلب بڻائي، پنهنجي وجود کي فنا ڪري، ۽ وحدت جي حقيقت ۾ پاڻ کي ڳولي. دنيا جي سيئي سونهنون ۽ سجاوٽون هڪ ڏينهن ختم ٿي وينديون، پر جنهن کي ”نہ آهي“ ۾ ”آهي“ ملي، اهو ئي حقيقي ڪامياب آهي.

ڀٽائي ۽ جڪري جهڙو جوان

روحاني ۽ اسلامي تشريح

شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي بيتن ۾ حسن بہ آهي، حڪمت بہ آهي، ۽ حرفن جي موسيقي بہ آهي. هي بيت، جنهن ۾ حضور ﷺ جي شان بيان ٿي آهي.

”جَڪري جَهڙو جوان، ڏَسان ڪونہ ڏيهہ ۾؛

مُهڙ مَڙني مرسلين، سَرُس سندس شان؛

''فَكَانَ قَابَ قَوسين اَو اَدنىٰ''، ايءُ مُيسر ٿيس مڪان.“ اي آگي جو احسان، جو هادي ميڙيم هھڙو. جوانيءَ جي جمال ۾ جيڪو جڳ ۾ جلوو بڻجي جهلڪيو، سو حضور ﷺ آهي. جَڪري جي ذات جَميل، جَميل ۾ جَلوو ۽ جلوي ۾ جَهان جو جمال سمايل آهي. دنيا جي ڏيهن ۾، ڏاتن جي دولت رکندڙ ڏاتارِ حقيقيءَ جي سڀ کان وڏي ڏات حضور ﷺ ذات مبارڪ آهن.

مُهڙ مڙني مرسلين جي معنيٰ، مڙني نبين کان مٿاهون مقام آهي. مُهڙ ۾ ڪمال، ڪمال ۾ مُقام، ۽ مُقام ۾ مُصطفيٰ ﷺ جي مُعجزاتي عظمت سمايل آهي. سرس سندس شان ۾ ”س“ جو سرود ٻڌاءِ ٿو: سڪون، سعادت، سلامتي ۽ سرفرازي سڀ سندس ئي شان مان نڪتل آهن.

''فَكَانَ قَابَ قَوسين اَو اَدنىٰ'' ۾ ”ق“ جو قرين، قرب ۽ قيامت تائين قائم رهندڙ قرآن جي قول سان ڳنڍيل آهي. قوس ۾ قرب، قاب ۾ قرار ۽ او ادني ۾ قربتِ خاص آهي. اهوئي قرب آهي، جيڪو ڪنهن ٻئي ڪامل کي ڪڏهن ڪونہ مليو سواءِ ڪائنات جي ڪريم ﷺ جي.

روحاني رنگ:

عبداللطيف عليہ الرحمہ جوانيءَ جي جمال کي جنت جي جلال سان جوڙي ٿو. سڀني مرسلين جي رسالت، محمد ﷺ جي مرڪزي مقام تي اچي ٿي رڪجي. ان رات بيت المقدس ۾، سڀني نبين جا نُور گڏ ٿيا، پر امامت جي اعزاز ۾ مُصطفيٰ ﷺ اڳتي وڌيا. اها ئي اها شان آهي، جنهن لاءِ فارسي شاعر چيو:

”لا يمڪنه الثناء ڪما ڪان حقه، بعد از خدا بزرگ توئي قصہ مختصر.“

يعني تعريف جي ڪا انتها ناهي، خدا کان پوءِ سڀ کان وڏو تون آهين، ڳالهہ ايتري سادي آهي.

اخبارن ڪي عرض:

اڄ جي اخبارن ۾ سياستدان اداڪارن ڪوڙن افسانن بيهودا شاعري بجاءِ قوم جي روحاني بيداري لاءِ حضور ﷺ جن جي ذات مبارڪ کي سڀني نبين جا امام رهبر تصور ڪري پيش ڪيو وڃي. تہ جيئن نوجوان دنيا جي ڏيکاريل آئيڊيل بدران حضور ﷺ جي شخصيت کي پنهنجن دلين ۾ جاءِ ڏين. جيڪڏهن هو ”جوانيءَ جي جمال“ کي سنت جي سچ سان سينگاريندا، تہ سندن زندگي بہ سُهڻي ٿيندي ۽ سندن سماج بہ سرسبز ٿيندو.

نتيجو:

هن تشريح مان صاف نظر اچي ٿو تہ شاهہ عبداللطيف، لفظن سان موسيقي بہ ٺاهي ٿو ۽ معنائن ۾ معراج بہ ڏيکاري ٿو. ”جڪري جهڙي جوان جي جوانيءَ ۾ جهان جي روشني سمايل آهي، ”مهڙ مرسلين“ جي مُقام ۾ نبوت جو نُور سمايل آهي، ۽ ”قاب قوسين“ ۾ قربِ خاص جو ڪمال سمايل آهي.اڄ

جي دنيا لاءِ پيغام صاف آهي: حضور ﷺ جي اطاعت ئي جوانيءَ جو جلال، زندگيءَ جو جمال ۽ انسانيت جو ڪمال آ...

(2) دين اسلام جي راشنيءِ ۾ بيت جي تشريح:

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي ڪلام ۾ ايمان جي روشني، قرآن جي معنويت ۽ حديث نبوي ﷺ جي خوشبو سمايل آهي. سر بلاول جو هي بيت حضور ﷺ جي مقام، سندن نبوت جي ڪمال ۽ امت مٿان رب پاڪ جي احسان کي بيان ڪري ٿو.

”جَڪري جَهڙو جَوان ڏسان ڪونہ ڏيهہَ ۾،
مُهڙ مَڙني مُرسلين، سَرُس سَندس شان،
فَكانَ قَابَ قَوسين، ايءُ مُيسر ٿيس مڪان،
آگي جو احسان، جو هادي ميڙيم جهڙو.“
”جڪري جهڙو جوان ڏسان ڪونہ ڏيهہ ۾“

هن سٽ ۾ حضور ﷺ جي بي مثال هستيءَ جو بيان آهي. الله پاڪ پنهنجي محبوب کي اهڙي ڪمال، حسن ۽ ڪمالِ اخلاق سان نوازيو جو سڄي دنيا ۾ ۽ سڀني ڏيهن ۾ اهڙو ڪوبہ وجود پيدا نہ ٿيو. حديث شريف ۾ آهي:

”إن الله اصطفى من ولد آدم إبراهيم، واصطفى من ولد إبراهيم إسماعيل، واصطفى من ولد إسماعيل كنانة، واصطفى من كنانة قريشاً، واصطفى من قريش بني هاشم، واصطفاني من بني هاشم.“

يعني: الله پاڪ حضرت آدم جي اولاد مان ابراهيم کي چونڊيو پوءِ ابراهيم جي اولاد مان اسماعيل کي، پوءِ اسماعيل جي اولاد مان ڪنانہ کي،

پوءِ ڪنانہ مان قريش کي، پوءِ قريش مان بنوهاشم کي، ۽ مون کي بنوهاشم مان چونڊيو.

”مُهڙ مڙني مرسلين، سرس سندس شان“

هتي حضور ﷺ جي ختم نبوت جو ذڪر آهي. پاڻ سيني نبين جا امام ۽ سردار آهن. معراج جي رات بيت المقدس ۾ جڏهن سيئي انبيا ڪرام گڏ ٿيا، تہ حضور ﷺ جن امامت فرمايائون. هيءَ ڳالهہ قرآن ۾ بہ واضع آهي:

’’ما كَانَ مُحمّدٌ أَبا أَحَدٍ مِن رِجالِكُم وَلٰكِن رَسولَ اللهِ وَخاتَمَ النَّبِيّينَ‘‘
(الاحزاب 40)

يعني: محمد ﷺ اوهان جي مردن مان ڪنهن جا والد نہ، پر الله جا رسول ۽ سيني نبيَن جي مُهر (خاتم) آهن.

’’فَكَانَ قَابَ قَوسين، ايءُ مُيسر ٿيس مڪان“

هيءَ سٽ معراج جي سفر جي عڪاسي ڪري ٿي. جڏهن حضور ﷺ سدرة المنتهىٰ تي ويا، ۽ رب پاڪ سان ملاقات نصيب ٿي، تڏهن قرآن پاڪ ۾ بيان ٿيو:

’’فَكَانَ قَابَ قَوسَينِ أَو أَدنَىٰ‘‘ (النجم 9)

يعني حضور ﷺ رب جي ايترا قريب ٿيا، جو ٻن ڪمانن جيترا يا ان کان بہ ويجهو. اهو قرب ڪنهن ٻئي نبي يا ولي کي نصيب نہ ٿيو.

”آڳي جو احسان، جو هادي ميڙيم جهڙو“

هيءَ سٽ الله پاڪ جي وڏي احسان جو ذڪر ڪري ٿي، جيڪو حضور ﷺ جي صورت ۾ مؤمنن کي عطا ٿيو. جيئن قرآن ۾ آهي:

’’لَقَد مَنَّ اللهُ عَلَى المُؤمِنِينَ إِذ بَعَثَ فِيهِم رَسولاً مِن أَنفُسِهِم يَتلوا عَلَيهِم آياتِهِ وَيُزَكّيهِم وَيُعَلِّمُهُمُ الكِتابَ وَالحِكمَةَ‘‘ (آل عمران 164)

يعني يقيناً الله مؤمنن مٿان وڏو احسان ڪيو جو انهن وٽ پاڻ مان هڪ رسول موڪليو جيڪو کين آيتون پڙهي ٻڌائي ٿو کين پاڪ ڪري ٿو ۽ کين ڪتاب ۽ حڪمت سيکاري ٿو.

نتيجو:

شاهہ عبداللطيف جو هي بيت اسان کي ٻڌائي ٿو: حضور ﷺ سيني نبين کان افضل ۽ بي مثال جوان آهن. پاڻ سيني رسولن جا امام ۽ ختم نبوت جو تاجدار آهن.

معراج جي رات حضور ﷺ کي اهڙو قرب نصيب ٿيو جيڪو ڪنهن ٻئي کي ڪونہ مليو.

حضور ﷺ جو وجود ئي رب پاڪ جو سڀ کان وڏو احسان آهي، جيڪو مؤمنن جي هدايت لاءِ عطا ٿيو.

اسلامي درس اهو آهي تہ اسان حضور ﷺ جي محبت، سندن اطاعت ۽ سندن سنت کي پنهنجي زندگيءَ جو مرڪز بڻايون. ڇوتہ نجات ۽ ڪاميابي جو رستو رڳو سندن پيرويءَ ۾ لڪل آهي.

شاهہ ۽ ڪوڙين تنهنجون ڪامڻيون

روحاني تشريح

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جو ڪلام رڳو قصن ڪهاڻين جو تذڪرو ناهي، پر اهو انساني روح جي سفر، عشق جي آزمائش ۽ ايمان جي استقامت جو هڪ آئينو آهي. سر ليلا، چنيسر جو هي بيت، جنهن ۾ ظاهري طرح ليلا جي عشق ۽ چنيسر جي حسن جو ذڪر آهي، حقيقت ۾ انسان ۽ رب جي وچ ۾ روحاني لاڳاپي جو پڌرو اظهار آهي.

"ڪوڙين تنهنجون ڪامڻيون، تون ڪوڙين سَندو ڪانڌُ،
مون ڪي چَڏِ مَ داسَڙا! تہ وَڃان نہ وِڻوانڌُ،
مون ڳچِيءَ ۾ پاندُ، تو، چَنيسَرَا! هَٿَ ۾."

ظاهر کان باطن ڏانهن سفر

ظاهر ۾ بيت ۾ حسن ۽ محبت جي ڪهاڻي آهي. ليلا، چنيسر جي سندرين کان متاثر ٿئي ٿي، پر پنهنجي دل جي صداقت سان اعلان ڪري ٿي تہ هوءَ ڪنهن ڏوڪي ۾ نہ پوي. اها ڳالهہ انساني روح جي ان حالت سان ملي ٿي، جتي دنيا جون رنگينون، زيبائشون ۽ خواهشون انسان کي رستو ڀلائڻ لاءِ پڪارين ٿيون، پر مؤمن پنهنجي رب سان وفاداري جو عهد ڪري ٿو.

دنياداري ۽ روحاني امتحان

"ڪوڙين تنهنجون ڪامڻيون"دنيا ۾ بيشمار لالچ، زرق برق ۽ خواهشون موجود آهن، جيڪي انسان کي پنهنجو غلام ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿيون. اهي سڀ عارضي آهن، ڪوڙيون آهن. ليلا جي زبان مان اهو جملو دراصل هر سالڪ جو اعلان آهي، جيڪو دنيا جي عيش عشرت کان

منهن موڙي ٿو. "مون ڪي چَڏِ مَ داسَڙا!" هي التجا آهي تہ اي دنيا جا ڏوڪيباز نظارا، مون کي پريشان نہ ڪر، چو تہ مان پنهنجي اصل محبوب، يعني الله تعاليٰ کان منهن موڙڻ نٿو چاهيان. اها ساڳي ڳالهہ قرآن پاڪ ۾ پڻ ملي ٿي:

''زُيِّنَ لِلنَّاسِ حُبُّ الشَّهَوَاتِ مِنَ النِّسَاءِ وَالْبَنِينَ...'' (آل عمران: 14)

يعني ماڻهن لاءِ خواهشن جي محبت سندرين، اولاد ۽ مال ۾ سينگاريل ڪئي وئي آهي، پر اصل مقصد الله ڏانهن موٽڻ آهي.

عشقِ حقيقي جو اعلان

"مون ڳچيءَ ۾ پاندُ، تو ، چَنيسَرَا! هَٿَ ۾."ليلا جو اعتراف آهي تہ سندس حياتيءَ جي مالڪي چنيسر وٽ آهي. صوفيانہ زبان ۾ هي جملو انسان جو پنهنجي رب سان ڪيل عهد آهي. هڪ عاشق پنهنجي محبوب کي چوي ٿو: منهنجي تقدير، منهنجي زندگي ۽ منهنجي ساهہ جي واڳ تنهنجي هٿ ۾ آهن. اهو ئي توحيد جو نچوڙ آهي.بندو پاڻ کي خالق جي حوالي ڪري ڇڏي، جيئن قرآن ۾ آهي:

''إِنَّ صَلاَتِي وَنُسُكِي وَمَحْيَايَ وَمَمَاتِي لِلّهِ رَبِّ الْعَالَمِينَ'' (الانعام: 162)

يعني منهنجي نماز، منهنجي قرباني، منهنجي حياتي ۽ منهنجو موت الله لاءِ آهي.

اخلاقي ۽ روحاني پيغام

هن بيت ۾ هڪ عام انسان لاءِ بہ وڏو سبق آهي: دنيا جي عارضي سينگار کان بچي،پنهنجي اصلي منزل يعني الله سان لاڳاپو قائم رکي،خواهشن جي ڏوڪن ۾ نہ اچي،۽ پنهنجي زندگي رب جي هٿ ۾ سپرد ڪري.

نتيجو...

شاهہ ڀٽائي ليلا ۽ چنيسر جي داستان ذريعي اها حقيقت بيان ڪئي آهي تہ عشق جي راهہ ۾ خواهشن جا طوفان ضرور اچن ٿا، پر جيڪو پنهنجي محبوب (الله) سان سچو رهي ٿو اهو ئي ڪامياب ٿئي ٿو. بيت جو روحاني پيغام اهو آهي تہ دنيا فريب آهي، پر رب سان محبت ازلي ۽ ابدي آهي.

ڀٽائي ۽ سڙي سارو ڏينهن

سنڌ جي صوفي شاعر شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جو هر بيت لفظن جي لباسي صورت ۾ ڪائناتي معنائيت جو عظيم آئينو آهي- خاص طور تي هي بيت:

”نهائين ڪان نينهن سک منهنجا سپرين،
سڙي سارو ڏينهن، پر ٻاهر ٻاڦ نہ ڪري“

فقط جذبات جو اظهار نہ پر حقيقت جي روحاني رمز ۽ سرمدي سوز جو عڪس آهي، جيڪڏهن ان کي روحاني معنائيت جي آئيني ۾ ڏسجي تہ اهو بيت لفظن جي ظاهر ڪان بلند، عشق جي باطن ۾ لڪل حقيقتن جو زندهہ ثبوت آهي.

وجداني وضاحت:

نهائين، نينهن، نياءُ: فنا ۽ بقا جي وحدت، جتي فنا ۾ نينهن قائم رهي ٿو ۽ نياءُ ازل تائين جاري رهي ٿو.

سڙي، سڪوت، سرمدي: دل جو سوز بظاهر سڙڻ آهي، پر اهو سڪوت ۾ لڪل آهي ۽ سرمدي صورت اختيار ڪري ٿو.

ڏينهن، دونهو دل: وقت جي ماپ (ڏينهن)، اظهار جي غيرموجودگي (دونهو نہ ڪرڻ)، ۽ اصل سرچشمو (دل) هڪ ئي تسلسل ۾ معنيٰ پيدا ڪن ٿا. لطيفي بيت اندروني لاڳاپن کي اهڙي ريت ڳنڍي ٿو جو هر لفظ ٻئي لفظ سان معنوي هم آواز ٿي ماورائي تصوير اُڪيري ٿو.

ازلي آفاقي پيغام:

"نهائين" وجود جي انتها آهي، پر "نينهن" ان کان بہ ماورا آهي؛ ڇوتہ عشق نہ فنا سان ختم ٿئي ٿو ۽ نہ وقت سان ماپجي ٿو "سڙي سارو ڏينهن" ۾ ظاهر ۾ وقت جو تصور آهي، پر باطن ۾ اها لا زمانيت آهي. جڏهن "ٻاهر ٻاڦ نہ نڪري" ٿي، تڏهن اها خاموشي پاڻ ۾ الوهي آواز بڻجي وڃي ٿي.

وجود ۽ لاوجود جو سنگم:

لطيف جي فڪر ۾ ٻنيءَ جي ٻاهہ وجودي سوز آهي، ۽ دونهي جي غيرموجودگي لاوجودي خاموشي آهي. يعني عشق جو راز اهو آهي تہ اهو اندر ۾ ساڙي ٿو پر ٻاهر ۾ لڪل رهي ٿو هيءَ ڪيفيت ئي آفاقي معنائيت آهي، جتي حواس خاموش ٿين ٿا ۽ وجدان ڳالهائي ٿو.

تبصرو:

اڄ جي مادي ۽ شور ڀريل دنيا ۾ لطيف جو هي بيت هڪ نروار پيغام آهي تہ اصل عظمت خاموشيءَ ۾ آهي، اصل سچ باطني سوز ۾ آهي. ۽ اصل حقيقت ظاهري نمود ۾ نہ پر باطني وجود ۾ لڪل آهي. ادبي لفظن جي ڪمال ذريعي لطيف اهو سيکاري ٿو تہ عشق، عبادت ۽ انسانيت جي معراج ان وقت حاصل ٿئي ٿي، جڏهن ظاهر کان مٿانهون ٿي، باطن جي ٻني ۾ پاڻ ساڙجي پر دونهيءَ کان پاڪ رهي.

نتيجو:

وجداني معنائيت جي آئيني ۾ شاهہ لطيف جو هي بيت صوفيانہ فڪر جو آئينو آهي، جتي لفظن ۾ نينهن، نياءُ ۽ نور گڏجي انسان کي سيکارين ٿا تہ محبت جو اصل مرتبو سڙڻ، سڪوت ۽ سرمديت ۾ آهي. ۽ اها ئي حقيقت انسان کي پنهنجي رب سان جوڙي ٿي

ڀٽائي ۽ ميهار جون مينهيون

روحاني تشريح

سنڌ جي ڌرتيءَ تي بيتن ۾ ڳالهھائيندڙ سُر، رڳو لفظن جي ترتيب نہ آهي، پر حقيقت ۾ زندگيءَ جي رمز بقا جي ڀنڀور ۽ صوفيانہ فڪر جو فسانو آهي. سائين جو بيت:

"مينهيون هن ميهار جون آلا سپ جين،
ڪاريون ڪڪيون ڪنڌيون وارا ڪيو وين.
جوءِ جا جانارن جي ٻيلا ٻهہ ٻهہ ڪن،
اڇي ريل رهن، مون سنڀارا سپرين."

هن بيت ۾ ظاهري معنيٰ سان گڏ هڪ اهڙو باطني پيغام سمايل آهي، جيڪو انسان کي زندگيءَ جي معنوي رخن ڏانهن وٺي ٿو. اڇو تہ هڪ هڪ استعارو کولي ڏسون تہ ڪهڙي روحاني سچائيءَ ڏانهن اشارو ڪري ٿو.

ميهار ڪير آهي؟

"ميهار" سنڌي ٻولي ۾ مالڪ يا پالڻهار لاءِ استعمال ٿيندو آهي، پر بيت جي باطني معنيٰ ۾ ميهار رب پاڪ آهي، جيڪو سموري هستيءَ جو خالق ۽ پروردگار آهي. جيئن ميهار پنهنجي مال کي سنڀالي ٿو، تيئن رب پاڪ پنهنجي مخلوق جي سارسنڀال ڪري ٿو. اها دعا اصل ۾ الهي حفاظت ۽ رحمت جي درخواست آهي تہ:

"اي منهنجا رب! تون اسان سيني کي پنهنجي رحمتن ۾ زندهہ رک."

ميهار جون مينهيون ڪهڙيون آهن؟

مينهيون دراصل رب جي نعمتن جا استعارا آهن. جيئن ميهار جون مينهيون کيس کير، چربي ۽ نسل ڏين ٿيون، تيئن رب جون نعمتون انسان کي زندگي، روزي ۽ بقا ڏين ٿيون. صوفيانه معنيٰ ۾ مينهيون مؤمنن جا دل آهن، جيڪي ايمان ۽ محبت سان ڀرپور آهن. انهن دلين مان کيرائڻ وارو کير ذکر، فکر ۽ روحاني غذا آهي.

ڪاريون، ڪڪيون ۽ ڪنڍيون، رنگن جو فلسفو

بيت ۾ ٽي رنگ ذکر ڪيا ويا آهن:

ڪاريون مينهيون: تاريڪيءَ جو استعارو، پر گڏوگڏ طاقت ۽ محنت جي علامت. صوفيانه معنيٰ ۾ اهو ان انسان لاءِ آهي، جيڪو ظاهري نظر ۾ سخت محنتي ۽ ڪٺن حالتن ۾ رهندڙ آهي، پر اندر ۾ ايمان سان ڀرپور آهي.

ڪڪيون مينهيون: ڪڪي رنگ جي مينهن نرم مزاج، سڪون ۽ صبر جي علامت آهي. اهو انهن انسانن لاءِ آهي، جيڪي ٻاهران سادا لڳن ٿا پر اندر ۾ روشنيءَ سان ڀرپور آهن.

ڪنڍيون مينهيون: ڪنڍي رنگ جي مينهن اصليت ۽ سادگيءَ جي نشاني آهي. اها انهن ماڻهن جي علامت آهي، جيڪي بغير ڪنهن بناوت جي، الله جي رضا ۾ راضي رهن ٿا.

هن رنگن جي فلسفي مان اهو سبق ملي ٿو ته رب جي مخلوق مختلف رنگن ۽ قسمن ۾ آهي، پر سڀئي سندس ڪُن فيڪون جا عڪس آهن، ۽ سڀئي سندس نظر ۾ برابر آهن.

ويامڻ ۽ ڦر ڏيڻ جو مطلب

مينهن جو ويامڻ، يعني صحتمند ۽ تندرست رهڻ. ڦر ڏيڻ، يعني نسل وڌائڻ ۽ بقا جو وسيلو بڻجڻ. صوفي معنيٰ ۾ "ويامڻ" ايمان ۾ ثابت قدم

رهڻ ۽ "ڦر ڏيڻ" اعمال صالح ۽ نيڪ اولاد پيدا ڪرڻ آهي. اها دعا آهي ته رب پنهنجي مخلوق کي نه رڳو جسماني صحتمندي ڏي، پر روحاني سلامتي ۽ ايمان ۾ به مضبوط رکي.

هر موسم ۾ کير ڏيڻ، باطني معنيٰ:

مينهن جو هر موسم ۾ کير ڏيڻ اصل ۾ روزيءَ جي تسلسل ۽ رب جي عطا جو استعارو آهي. جيئن مينهن کان ميهار کي هر وقت کير ملي ٿو تيئن مؤمن جي دل مان هر وقت ذکر الله وهندو رهي. اها دعا آهي ته:

"اي رب! اسان جا دل توتي يقين سان ڀرپور رهن، ته جيئن خوشحالي ۽ تڪليف ٻنهي ۾ توسان لاڳاپو قائم رهي."

وٿاڻن ۾ ٻچن سان خوش هئڻ

مينهن پنهنجي ٻچن سان گڏ خوش آهي، اهو ايندڙ نسلن جي حفاظت ۽ خوشحاليءَ جو پيغام ڏئي ٿو. صوفيانه نظر ۾، ٻچا صالح اولاد، شاگرد يا مريد آهن، جيڪي پنهنجي مرشد يا والدين جي فيض سان سرسبز ٿين ٿا. اها دعا آهي ته اولاد ايمان سان ڀرپور هجي، والدين لاءِ سڪون جو ذريعو بڻجي، ۽ سندن زندگيءَ جو تسلسل جاري رکي.

پاٽيءَ جو جام هجڻ، ساوڪ ۽ سرسبزي

پاٽي تصوف ۾ الله جي رحمت ۽ علم جو استعارو آهي. پاٽيءَ جو جام هجڻ، يعني الله جي مهرباني هميشه جاري رهڻ. جتي رحمت آهي، اتي سرسبزي آهي؛ جتي علم آهي، اتي روشني آهي. اها دعا آهي ته رب پاڪ اسان جي زندگين ۾ پنهنجي رحمتن جا ميوا هميشه ڀري رکي، جيئن سماج سرسبز ۽ آباد رهي.

نتيجو، بيت جو جامع پيغام:

هي بيت ظاهر ۾ ميهار جي چوپائي مال لاءِ دعا آهي، پر باطن ۾ سڄي انسانيت لاءِ رحمت ۽ بقا جي دعا آهي.

ميهار = رب پاڪ

مينهيون = رب جون نعمتون ۽ مؤمن جا دل

ڪاريون، ڪڪيون، ڪنڊيون = مختلف مزاج ۽ قومون

ويامڻ ۽ ڦر ڏيڻ = صحتمندي، ايمان ۽ نيڪ عمل

هر موسم ۾ کير = هر حال ۾ ذڪر ۽ رزق جي برڪت

ٻچن سان خوش هئڻ = صالح اولاد ۽ ايندڙ نسل جي سلامتي

پاٽيءَ جو جام = رحمت، علم ۽ برڪت جي ڪثرت

انهيءَ مان اهو عظيم پيغام ملي ٿو تہ دنيا ۾ رنگ، صورت ۽ نسل جي فرق باوجود، رب پاڪ سڀني کي پنهنجي رحمت سان جياري ٿو. انسان جو فرض آهي تہ پاڻ کي مينهن جيان ڪارائتو بڻائي، پنهنجي وجود مان ٻين لاءِ بہ خير ۽ برڪت پيدا ڪري. جيئن ميهار جي وٿاڻ ۾ مينهيون ريل پيل هجن ٿيون، تيئن رب جي ڪائنات ۾ انسانيت محبت، ڀائيچاري ۽ ايمان سان گڏجي رهي.

ڀٽائي ۽ مڱ تنهين کان مڱڻا

روحاني ۽ تحقيقي تشريح

مڱ تنهين کان مڱڻا!جو ڏهاڙي ٿو ڏئي

ڪوڙا در دنيا جا جاجڪ!مڱين جي

سيان توهين کي موٽي ڏِيندا منهن ۾

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي سنڌ جي فڪر، روحانيت ۽ انسانيت جو وڏو ترجمان آهي. سندس هر بيت، هر سر ۽ هر ڏُن ۾ ڪو نہ ڪو اهڙو روحاني درس سمايل آهي، جيڪو انسان کي دنيا جي فريبن کان الڳ ڪري، الله جي در تائين وٺي وڃي ٿو. ڀٽائيءَ جا بيت رڳو شاعراڻا رنگ نہ پر قرآن ۽ حديث جي تعليمات جو نچوڙ آهن.

مٿين بيت ۾ ڀٽائي هڪ سادو پر عميق پيغام ڏئي ٿو:"اي فقير! تون انهي ڏٽي کان گهُر، جيڪو روز ڏيندو آهي.دنيا جي دروازن تان تون ڀٽي ڀنئي، سي سڀ ڪوڙا آهن.اهي سڀ توکي سياٽي منهن تي طعنا ڏيندا."

ڏٽيءَ کان سوال ڪرڻ جو فلسفو...

صوفيانہ روايتن ۾ فقير اهو آهي، جيڪو رڳو الله وٽ سوال ڪري. قرآن پاڪ ۾ الله پاڻ کي "الرزاق" ۽ "ذو القوّة المتين" سڏيو آهي. روزي جو اصل مالڪ الله آهي، تنهنڪري سندس ٻانهن وٽان گهُرڻ دراصل بي عزتي ۽ ذلت آهي. ڀٽائيءَ جو پيغام آهي تہ اوهان پنهنجا هٿ دنيا جي درن آڏو نہ ڦهلائيندا ءريو ڇو تہ اهي در عارضي آهن ۽ انسان کي خالي هٿ ڇڏيندا.

شاهہ ۽ ڪوڙا در دنيا جا:

انساني تاريخ شاهد آهي تہ جيڪو ماڻهو دنيا کان گهري ٿو، اهو آخرڪار مايوسي ۽ ذلت جو شڪار ٿئي ٿو. مالدار، وڏيرا ۽ حڪمران وقتي سهارو تہ ڏين ٿا، پر سندن سهارو ڪڏهن بہ دائمي نہ ٿو ٿي سگهي. ڀٽائيءَ جي بيت ۾ دنيا جي دروازن کي "ڪوڙا" سڏڻ جو مقصد اهو ئي آهي تہ اهي در انسان کي رب کان پري ڪري ڇڏين ٿا.

حديث پاڪ ۾ رسول الله ﷺ فرمايو:

"جيڪو ماڻهو بغير ضرورت ماڻهن کان گهري ٿو اهو اصل ۾ باهہ گهري ٿو."
(صحيح مسلم)

يعني خلق کان سوال ڪرڻ نہ رڳو ذلت آهي پر آخرت ۾ بہ وبال بڻجي سگهي ٿو.

صوفي جو مقام...

اسلامي تصوف ۾ "فقير" جو مطلب اهو آهي، جيڪو هر حال ۾ الله جو محتاج آهي ۽ مخلوق تي ڀروسو نہ ٿو ڪري. حضرت علي المرتضيٰ ؓ جو قول آهي: "الفقر فخري" (فقير هجڻ منهنجو فخر آهي). ڀٽائي بہ ساڳي درس کي پنهنجي شاعريءَ ۾ ورجايو آهي. سچو فقير اهو آهي، جيڪو دنيا جي ڪوڙن دروازن بدران ڏٽيءَ جي در تي سر جهڪائي.

ادبي ۽ صوفيانہ رنگ...

ادب جو ڪم رڳو لفظن سان راند ڪرڻ نہ آهي، پر انساني شعور کي بيدار ڪرڻ آهي. شاهہ جي بيت ۾ صوفيانہ رنگ سان گڏ ادبي حسن بہ سمايل آهي. "ڏٽيءَ کان گهُرڻ" کي هڪ اهڙو علامتي استعارو بڻايو ويو آهي،

جيڪو دنيا جي هر انسان کي فريبن کان بچائي سگهي ٿو. طعنا ۽ مهڻا انهن ئي ماڻهن لاءِ آهن، جيڪي خلق آڏو هٿ ڦهلائن ٿا، پر جيڪي ڏٽيءَ وٽ سوال ڪن ٿا، اهي عزت ۽ شان وارا ٿين ٿا.

اڄ جي انسان لاءِ سبق:

اڄ جي انسان وٽ بہ دنيا جا سوين در کليل آهن: سياسي در، معاشي در، سماجي در، پر هي سڀ در وقتي آهن. ماڻهوءَ کان اميد رکڻ، رشوت يا سفارش تي ڀروسو ڪرڻ، يا دنيا جي طاقتورن وٽ جهڪڻ، سڀ ذلت جا رستا آهن.شاهہ ڀٽائيءَ جو پيغام آهي تہ حقيقي عزت، حقيقي طاقت ۽ حقيقي روزي رڳو الله وٽ آهي. تنهنڪري ماڻهوءَ بدران خالق کان گهُر، تہ جيئن نہ طعنا ملن ۽ نہ ئي مايوسي.

نتيجو....

شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جو بيت هڪ دائمي نصيحت آهي: سوال صرف ڏٽيءَ کان ڪيو وڃي،دنيا جا در عارضي ۽ فريب آهن،مخلوق کان اميد رکڻ ذلت آهي،۽ حقيقي فقير اهو آهي، جيڪو الله جو محتاج آهي.

اهو ئي پيغام قرآن ۽ حديث ۾ بہ آهي: "الله ئي رزاق آهي."صوفي ۽ مؤمن لاءِ سڀ کان وڏي دولت اهو يقين آهي تہ سندس رب ئي هر روزي، عزت ۽ ڪاميابي جو مالڪ آهي.

2: شاهہ جي نظر ۾ فقيري:

انسان جڏهن پاڻ کي ڏسي ٿو تہ ڪيس پنهنجي عظمت جو وهم ٿئي ٿو. هو دنيا جون سهولتون، علم، دولت ۽ طاقت حاصل ڪري پاڻ کي خودمختيار سمجهي ٿو. پر وجداني ڪيفيت جڏهن ڳالهائي ٿي، تہ اهو اعلان

ڪري ٿو: ”انسان، تون الله اڳيان هڪ فقير آهين، تون مڪمل طور سندس محتاج آهين.“

قرآن جو آواز

الله تعاليٰ صاف لفظن ۾ فرمايو آهي

”يَا أَيُّهَا النَّاسُ أَنتُمُ الْفُقَرَاءُ إِلَى اللَّهِ ۖ وَاللَّهُ هُوَ الْغَنِيُّ الْحَمِيدُ“

(فاطر: 15)

اي انسانو! توهان سڀ الله جا محتاج آهيو ۽ الله ئي بي نياز ۽ ستائش لائق آهي.

هي آيت انسان جي سچي هستيءَ کي هڪ جملو ۾ بيان ڪري ٿي:

انسان فقير آهي، الله غني آهي.

فقر ۽ انسانيت...

صوفيانه فڪر ۾ فقر ڪا ڪمزوري نه آهي، پر هڪ اعليٰ مرتبو آهي. جڏهن انسان پنهنجي عاجزي ۽ محتاجي کي سڃاڻي ٿو ته تڏهن ئي سندس روح جي واٽ کلي ٿي. فقر انسان کي غرور کان آزاد ڪري ٿو ۽ غرور ئي انسان جي بربادي جو پهريون زهر آهي.

حضرت علي المرتضيٰ ؓ فرمايو:

”الفقر فخري“ فقير هجڻ منهنجو فخر آهي.

اهو قول دراصل اهو ظاهر ڪري ٿو ته الله کان سواءِ ڪنهن تي ڀروسو نه ڪرڻ ئي سڀ کان وڏي عزت آهي.

دنيا جو فريب ۽ انسان جي محتاجي...

جيڪو ماڻهو سمجهي ٿو ته دولت، منصب يا شهرت کيس خودمختيار بڻائي ڇڏيندي، سو وڏي ڀُل ۾ آهي. دنيا جون سڀ سهولتون رڳو عارضي آهن. موت جو هڪ لمحو ايندو ۽ انسان کي خبر پوندي ته هو پنهنجي وجود جي هر لحظي ۾ الله جو محتاج هو.

شاهه عبداللطيف ڀٽائي فرمايو:

”اي فقير! تون انهي ڏٽي کان گهُر، جيڪو روز ڏيندو آهي،
دنيا جا در ڪوڙا آهن، سڀاڻي اهي ئي توکي طعنا ڏيندا.“

لطيف جو پيغام...

انسان جي اندر ڪيس ڀڏائي ٿو:تون پنهنجي ساهه ۾ به خودمختيار نه آهين. تون پنهنجي دل جي ڌڙڪن، رت جي رواني، ۽ ذهن جي چمڪ ۾ به آزاد نه آهين. تون جيڪو به آهين، الله جي مهربانيءَ سان آهين. روح انسان کي پنهنجي اصل ڏانهن وٺي ٿو وڃي. اهو اصل آهي عاجزي، فقر ۽ محتاجيءَ جو اعتراف.

صوفيانه معنيٰ ۾ فقير..

فقير اهو نه آهي جيڪو هٿ ڦهلائي خلق کان سوال ڪري، پر اهو آهي جيڪو سڀ هٿ ڇڏي رڳو الله کان گهري. صوفيانه فڪر ۾ فقير اهو آهي، جيڪو سمجهي ٿو:منهنجو رزق الله وٽ آهي.منهنجي عزت ۽ ذلت الله وٽ آهي. منهنجي حياتي ۽ موت الله جي اختيار ۾ آهي.

حديث پاڪ ۾ اچي ٿو:

”جيڪو الله تي ڀروسو ڪري، الله اهو ڪافي آهي.“ (الطلاق: 3)

اخلاقي ۽ سماجي سبق..

انسان جيڪڏهن پنهنجي فقير هجڻ کي سمجهي وٺي، تہ هو ڪڏهن بہ غرور نہ ڪندو. هو ٻين سان انصاف، رحم ۽ محبت سان پيش ايندو. ڇو تہ جڏهن هو پاڻ کي محتاج ڄاڻي ٿو تہ پوءِ ٻين کي بہ محتاج سمجهي، سندن ضرورتن کي پورو ڪرڻ ۾ لڳي ويندو.

نتيجو......

انسان جي سچي عظمت ان ۾ آهي تہ هو پاڻ کي الله اڳيان عاجز ۽ فقير تسليم ڪري. اهو ئي فقر انسان کي غرور کان پاڪ ڪري ٿو ۽ الله جي قرب تائين وٺي وڃي ٿو.

انسان جي ڪا بہ حيثيت نہ آهي سواءِ انهيءَ جي تہ هو الله جو محتاج آهي. ۽ الله ئي اهو غني آهي، جيڪو بغير سوال جي بہ ڏيندو آهي.

3.شاهہ ڀٽائي ۽ رزق جو فلسفو:

انسان جي زندگيءَ جو سڀ کان بنيادي سوال آهي: ”رزق ڇا آهي؟“ عام سوچ ۾ رزق جو مطلب رڳو کاڌو، پيئڻ، يا جسماني ضرورتن جي پوري ٿيڻ تائين محدود ڪيو ويندو آهي. پر اسلامي فلسفي ۽ قرآني فڪر ۾ رزق جو تصور ان کان ڪيترو ئي وڌو وسيع ۽ ڪائناتي آهي.

رزق، قرآن جي روشني ۾

قرآن پاڪ ۾ الله تعاليٰ پاڻ کي بار بار ”رازق“ سڏيو آهي:

”إِنَّ اللَّهَ هُوَ الرَّزَّاقُ ذُو الْقُوَّةِ الْمَتِينُ“

(الذاريات: 58)

بيشڪ الله ئي رزق ڏيندڙ ۽ طاقتور آهي.

هن آيت ۾ رزق جو تصور صرف روٽي يا پاڻي تائين محدود ناهي، پر الله جي هر عطا، جسماني، روحاني ۽ معنوي، رزق ۾ شامل آهي. ڪاڌو رزق آهي، پر رزق صرف ڪاڌو ناهي.

اسلامي فڪر ۾ رزق جا ڪيترائي روپ آهن: جسم لاءِ ڪاڌو ۽ پاڻي، ذهن لاءِ علم ۽ دانش، دل لاءِ سڪون ۽ محبت، روح لاءِ ايمان ۽ هدايت. انهيءَ معنيٰ ۾ رزق صرف پيٽ ڀرڻ جو نالو ناهي، پر انساني وجود جي هر ضرورت ، جسماني هجي يا روحاني، رزق ۾ اچي ٿي.

قرآن مجيد جي روشني ۾ رزق

الله پاڪ فرمايو:

”ڪوبہ جاندار زمين تي ناهي، جنهن جو رزق الله جي ذمي نہ هجي.“ (هود: 6)

هي آيت ٻڌائي ٿي تہ رزق صرف خوراڪ ناهي، پر هر اهو شيءِ آهي، جيڪا ڪنهن مخلوق جي وجود ۽ بقا لاءِ ضروري آهي. هڪ پکي لاءِ هوا بہ رزق آهي، هڪ انسان لاءِ محبت بہ رزق آهي، ۽ هڪ صوفي لاءِ الله جي ياد بہ رزق آهي.

روحاني نظر ۾ رزق زندگيءَ جي وهڪري جو نالو آهي. جيئن سج جي روشني گلن لاءِ رزق آهي، پاڻي جي بوند ڌرتي لاءِ رزق آهي، ساڳئي طرح ايمان جو نور انسان جي دل لاءِ رزق آهي. جيڪڏهن رزق کي رڳو مادي شين تائين محدود ڪيو وڃي، تہ پوءِ روح جي بک، ذهن جي تڪليف ۽ دل جي اڃ ڪڏهن بہ نہ مٽجي. اسلامي فڪر ۾ رزق هڪ جامع ڪائناتي نظام آهي، جنهن ۾: وقت، صحت، دوستن جو ساٿ،اولاد جي خوشبو علم جي روشني۽ ايمان جي هدايت بہ شامل آهي.

سماجي تصور..

جيڪڏهن رزق کي رڳو کاڌي تائين محدود ڪيو وڃي، ته پوءِ انسان ٻين نعمتن کي وساري ويهندو. نتيجي ۾ شڪر جو درجو گهٽجي ويندو. پر جڏهن رزق کي ڪائناتي عطا سمجهبو، ته پوءِ هر ننڍي وڏي نعمت تي انسان جي زبان تي ”الحمدلله“ جاري رهندي.

شاهه عبداللطيف ڀٽائي جو اشارو...

شاهه ڀٽائي به پنهنجي بيتن ۾ بار بار اهو پيغام ڏنو آهي ته اصل رزق روح جي غذا آهي، جيڪا الله جي ياد سان جُڙيل آهي. مادي رزق عارضي آهي، پر روحاني رزق دائمي آهي

اسلامي فلسفي ۾ رزق رڳو کاڌو نه پر:

جسماني سهولتون،

روحاني روشنيون، علم ۽ عقل، ايمان ۽ هدايت، سڪون ۽ پيار، سڀ رزق جا روپ آهن. رزق جو فلسفو انسان کي سيکاري ٿو ته هر نعمت کي رزق سمجهو ۽ هر رزق تي الله جو شڪر ادا ڪريو، ڇو ته رزق جو اصل سرچشمو صرف ۽ صرف الله آهي.

4. ڀٽائي جا ٻڌايل فريب ۽ فنا جي حقيقت..

انساني زندگيءَ جي سڀ کان وڏي سچائي اها آهي ته دنيا عارضي آهي، هتي جي هر شئي فاني آهي. وقت جي وهڪري ۾ سڀ ڪجهه مِٽي ٿو وڃي: مال، دولت، گهر، زمينون، ڪاروبار، رشتا ـ سڀ هڪ ڏينهن پنهنجي وجود وڃائي ويهندا. پر انسان جي الميو اهو آهي ته هو انهن ئي فاني شين ۾ پنهنجون زندگيون، خواب ۽ خواهشون قربان ڪري ڇڏيندو آهي.

دنيا جو سراب...

روحاني نگاهه سان دنيا هڪ سراب آهي. پري کان ڏسجي ٿو ته ڄڻ پاڻي آهي، پر ويجهو وڃڻ سان خبر پوي ٿي ته اهو رڳو وهم هو. اهڙي طرح مال ۽ ملڪيت، گهر ۽ ٻار انساني نظر ۾ مضبوط سهارو لڳن ٿا، پر جڏهن امتحان جو وقت اچي ٿو، تڏهن اهو سڀ ڪجهه ڪم نٿو اچي.

قرآن پاڪ ۾ صاف چيو ويو آهي

”كُلُّ مَنْ عَلَيْهَا فَانٍ، وَيَبْقَىٰ وَجْهُ رَبِّكَ ذُو الْجَلَالِ وَالْإِكْرَامِ“

(الرحمن: 26ـ27)

زمين تي جيڪي به آهن، سڀ فنا ٿي ويندا، ۽ رڳو تنهنجي رب جو چهرو باقي رهندو، جيڪو عزت ۽ عظمت وارو آهي.

سهارو يا وهم؟ انسان جي سوچ آهي ته منهنجو گهر، منهنجا ٻار، منهنجو ڪاروبار ۽ منهنجا تعلقات مون لاءِ سهارو آهن. پر حقيقت ۾ جڏهن انسان پاڻ پنهنجي وجود ۾ غير يقيني آهي، پنهنجي ساهه تي به اختيار نٿو رکي، ته پوءِ ٻيو ڪنهن کي ڪيئن سپورٽ ڪري سگهي ٿو؟

هڪ دل جي ڌڙڪن بند ٿيڻ سان سڀ سهارا ٽٽي وڃن ٿا. اهڙي حقيقت اسان کي اهو سيکاري ٿي ته دنياوي سهارا صرف عارضي آهن، دائمي سهارو صرف الله آهي.ڏوڪي جي زندگي

گهر ۾ سڄي عمر ڪمائڻ، ملڪيتن ۾ عمر وڃائڻ، ۽ ٻارن لاءِ لامحدود خواهشون ڪرڻ، آخرڪار هڪ اهڙو ڏوڪا آهن جنهن ۾ انسان جي اصل مقصد لڪی ٿي وڃي ٿو. اصل زندگي آخرت جي آهي، جتي نه مال ڪم ايندو نه ملڪيت، نه ئي ڪو ٻار، صرف عمل ساٿ ڏيندو.

رسول الله ﷺ جو فرمان آهي:

”آدم جي پٽ چوي ٿو: منهنجو مال، منهنجو مال! پر تنهنجو مال رڳو اهو آهي جيڪو تون کائي فنا ڪيو يا پائي استعمال ڪيو يا الله جي رستي ۾ خرچ ڪيو.“ (صحيح مسلم)

روحاني سبق...

جيڪڏهن دنيا پاڻ ئي فاني آهي، ته پوءِ ان ۾ سهارو ڳولڻ سراسر غلطي آهي.

جيڪڏهن انسان پاڻ ئي محتاج آهي، ته پوءِ ٻين لاءِ مستقل سهارو ڪيئن ٿي سگهي ٿو؟ جيڪڏهن مال ۽ ملڪيت آخرت ۾ ساٿ نٿا ڏين، ته پوءِ انهن لاءِ زندگي وڃائڻ عقل جي ابتري آهي.

روحاني رنگ..

صوفي بزرگ چون ٿا ته دنيا هڪ عارضي سراءِ آهي، جنهن ۾ انسان مسافر آهي. مسافر جيڪڏهن سراءِ ۾ پنهنجا سڀ خواب جوڙي ڇڏي، ته سفر جو مقصد وساري ويهندو. دنيا هڪ وهم آهي، هڪ سراب آهي، هڪ عارضي سهارو آهي. انساني عقل ۽ فلسفو اهو سيکاري ٿو ته جڏهن پاڻ ئي غير يقيني آهيون، ته ٻئي لاءِ ڪيئن يقيني ٿي سگهون ٿا؟ اصل سهارو رڳو رب پاڪ آهي، جيڪو باقي آهي ۽ جنهن جو سهارو نه ٽٽندو.

انسان جي عقل لاءِ سڀ کان وڏو سبق اهو آهي: دنيا فاني آهي، آخرت باقي آهي. تنهنڪري پنهنجو سهارو صرف انهيءَ الله کي بڻاءِ، جيڪو عزت ۽ حياتيءَ جو مالڪ آهي.

5.شاهه جو واحد در:

دنيا جي هر موڙ تي، هر لمحي ۾، هر ساهه جي لهر ۾ انسان کي هڪ ئي حقيقت جو شعور ملندو آهي ـ خدا جو در واحد آهي، جنهن کان سواءِ ٻيو

ڪوبه در ناهي. هيءُ هڪ ابدي ۽ غير فاني سچ آهي، جنهن جو ادراڪ ئي انسان جي وجود کي بامعنيٰ بڻائي ٿو.

انسان جي هستيءَ جو سفر ماءُ جي پيٽ کان شروع ٿئي ٿو جتي هو مڪمل بي وس آهي. نه پنهنجي حفاظت جو سامان ڪري سگهي ٿو نه کاڌي پيتي جو انتظام، نه روشني ۽ هواءَ جي طلب جو بندوبست. پر رب ڪائنات ان وقت به پنهنجي نعمتن سان گهيري رکيو آهي. ماءُ جي پيٽ ۾ پرورش، ڌڙڪندڙ دل، حرڪت ڪندڙ عضوا، ۽ زندگيءَ جي وهڪري کي وهائيندڙ رت ـ سڀ خدا جي ئي انعامن مان آهن.

پوءِ جڏهن انسان دنيا ۾ قدم رکي ٿو ته تڏهن به رب جي نعمتن جو سلسلو ختم نٿو ٿئي. سج جو نڪرڻ، چنڊ جي روشني، تارن جي جهلڪ، هوائن جي سرگوشي، پاڻيءَ جي رواني، اناج جي پوک، پکيءَ جي ڇهڪار، ماءُ جي محبت، والد جي شفقت، سڀ رب جي هٿ جا عطا ڪيل تحفا آهن.جيڪڏهن انسان رڳو هڪ ساهه تي غور ڪري، ته ڪيس پنهنجي عاجزيءَ جو احساس ٿي وڃي. هڪ ساهه کڻڻ به رب جي مهرباني آهي، ۽ اهو ساهه آرام سان ڇڏڻ ٻي مهرباني. مطلب ته هڪ پل ۾ ئي ٻه شڪر جا موقعا پيدا ٿين ٿا: پهريون سانس کڻڻ، ٻيو سانس ڇڏڻ. جيڪڏهن ڪنهن هڪ ۾ به رڪاوٽ اچي، ته حياتيءَ جو سفر اڌ ۾ رهجي وڃي.

انساني وجود جي هر رڳ، هر ڌڙڪن، هر قطري ۾ الله جي انعامن جو تسلسل جاري آهي. پوءِ به ڪيتري نه وڏي حيرت آهي ته انسان پنهنجي محتاجيءَ کي وساري، پنهنجي پاڻ کي خودمختيار سمجهڻ لڳي ٿو. جڏهن حقيقت اها آهي ته دنيا جو سڀ کان وڏو بادشاهه به هڪ ڦيري، هڪ بيماري، هڪ ساهه جي روڪ سان بي بس ٿي وڃي ٿو.

روحاني نظر سان ڏٺو وڃي ته انسان جي حياتيءَ جو سمورو فلسفو ئي الله جي محتاجيءَ ۾ لڪل آهي. دنيا جا سڀ در بند ٿي سگهن ٿا، پر رب جو در واحد سدائين کليل آهي. ڪنهن جي هٿ مان ڪاڻو ڇنجي سگهي ٿو ڪنهن جي مالي طاقت ختم ٿي سگهي ٿي، ڪنهن جو علم ۽ فن زوال پذير ٿي سگهي ٿو، پر الله جي در کان رزق، هدايت ۽ رحمت جو سلسلو ڪڏهن ختم نٿو ٿئي.اهو ئي راز آهي جيڪو انسان کي عاجزيءَ، شڪر ۽ دعا جي رستي تي هلڻ سيکاري ٿو. ڇو ته خدا جو در واحد نه رڳو انسان جي جسماني ضرورتن جو ضامن آهي، پر سندس روحاني طلب جو به مرڪز آهي. هدايت، سڪون، محبت، ايمان، توڪل، صبر، سڀ الله جي ئي انعامن مان آهن.

آخرڪار، انسان لاءِ سڀ کان وڏي دانائي اها آهي ته هو پنهنجي محتاجيءَ جو اعتراف ڪري، هر لحظو الله جو شڪر ادا ڪري، ۽ اها يقين رکڻ ته جيڪو در الله جو آهي، اهو ئي ڪائنات جو واحد در آهي. دنيا جا سڀ سهارا، سڀ دريون، سڀ وسيلن جا رستا هڪ ڏينهن ختم ٿي ويندا، پر رب جي در جو سلسلو ازل کان ابد تائين جاري رهندو.

6. شاھ جا ٻڌايل ڪوڙا در طاغوتي قوتون:

انسان جي تاريخ سدائين ٻن رستن جي وچ ۾ ورهايل رهي آهي: هڪڙو رب جو واحد در، جتي سچ، هدايت ۽ نجات جو راز آهي، ۽ ٻيو دنيا جا ڪوڙا در، جتي ڏوڪي، فريب ۽ طاغوتي قوتن جو راڄ آهي. بدقسمتيءَ سان، اڪثر ماڻهو انهن ڪوڙن دروازن جي چمڪ ۽ ڏيک ۾ ايترا گم ٿي وڃن ٿا، جو حقيقي خدا کان پري ٿي وڃن ٿا.

دنيا جا اهي ڪوڙا در..... ڪيترن روپن ۾ موجود آهن. ڪوڙا پير جيڪي روحانيت جي نالي تي پنهنجو دڪان کولين ٿا، ۽ انسان کي الله جي

بجاءِ پنهنجي هٿن جي تعويذن ۽ فريبن ۾ قيد ڪن ٿا. ڪوڙا سياستدان جيڪي عوام کي نجات جا واعدا ڪري، پر سندن طاقت ۽ دولت جي غلاميءَ ۾ زندگي گذارين ٿا. اهي سڀ طاغوتي قوتون آهن، جيڪي شيطاني طاقتن سان گڏجي انسان کي حقيقي منزل کان ڀٽڪائن ٿيون.روحاني نظر سان ڏٺو وڃي ته انساني سماج ۾ ”سرڪش قوتون“ سدائين موجود رهيون آهن. ڪڏهن اهي سماجي نظرياتي صورت ۾ اڀرن ٿيون، سوشلزم، ڪميونزم، ڪيپيٽلزم جهڙيون فڪري زنجيرون، جيڪي انسان کي پل ته انصاف ۽ ترقيءَ جا نعرا ڏين، پر آخرڪار مادي لالچ ۽ بي روح معاشرت ۾ ڌڪين. ڪڏهن اهي سياسي رخ وٺن ٿا، خلافت جي جاءِ تي مغربي جمهوريت جا ماڊل، جتي انسان کي اهو وهم ڏياريو وڃي ٿو ته حڪمرانيءَ جو سرچشمو رب نه پر عوام جو ووٽ آهي.انهن ڪوڙن دروازن ۾ ٻيو وڏو بت آهي قوم، رنگ، نسل ۽ ٻوليءَ جا بت. انساني تاريخ ٻڌائي ٿي ته جڏهن به ڪنهن قوم پنهنجي اصلي سڃاڻپ، يعني الله جي غلاميءَ ـ کي ڇڏي، ته هوءَ پاڻ نهيل ديوارن ۾ قيد ٿي وئي. نسل پرستي، قومي غرور، ٻوليءَ جي تعصب ۽ سماجي برتري جا اهي بت انساني فطرت کي ٽوڙي، سماجن کي ورهائي ڇڏين ٿا.سچ اهو آهي ته ڪوڙو پير انسان کي پاڻ سان جوڙي ٿو پر الله سان نه، ڪوڙو سياستدان عوام کي پنهنجي مفادن جي غلاميءَ ۾ وجهي ٿو پر حقيقي انصاف تائين نه، ڪوڙو فڪري نظريو انسان کي دنياوي نعرا ڏئي ٿو پر روح جي پياس کي بجهائي نٿو سگهي. اهي سڀ ”گمراھ ڪن در“ آهن ـ يعني اهڙا رستا، جيڪي انسان کي ڀلائڻ لاءِ ناهيا ويا آهن. ظاهر ۾ سهارو لڳن ٿا، پر حقيقت ۾ ويران بند گهٽيءَ ۾ وٺي وڃن ٿا.

اسلامي فلسفي مطابق، طاغوت جو مطلب ئي اهو آهي: هر اهو در، هر اهو وسيلو جيڪو انسان کي الله جي واحد حاڪميت کان هٽائي، ڪنهن ٻئي جي غلاميءَ ۾ وجهي. قرآن بار بار انسان کي خبردار ڪري ٿو ته: ”الله تي ايمان آڻڻ کان پوءِ طاغوت جو انڪار ڪريو“، ڇو ته حقيقي آزادي ۽ حقيقي نجات صرف ان وقت ملندي، جڏهن انسان سڀ ڪوڙا در ڇڏيندو ۽ رب جي واحد در تي جهڪي، صرف سندس بندگي اختيار ڪندو.

روحاني نظر سان ڇيو وڃي ته دنيا جا سڀ ڪوڙا در، آخرڪار انسان کي بي راهه ڪن ٿا، ڇو ته اهي انسان جي اندر جي فطري ضرورت ـ يعني سچ ۽ خدا سان ڳانڍاپي، کي مطمئن ڪرڻ جي قابل ئي ناهن. دنياوي واعدا، سياسي نعرا، سماجي تعصب ۽ نظرياتي فريب، سڀ هڪ ڏينهن ختم ٿي وڃن ٿا. پر رب جو در واحد آهي، جيڪو ازل کان ابد تائين کليل آهي.

اهو ئي در آهي جيڪو انسان کي نه رڳو جسماني رزق ڏئي ٿو، پر روحاني سڪون به عطا ڪري ٿو. اهو ئي در آهي جتي ڪو به ڌوڪو ناهي، ڪو به وسيلو نه ٿو کپي، ۽ ڪو به محتاجيءَ جو دروازو بند نٿو ٿئي.ان ڪري عقل ۽ ايمان جي روشنيءَ ۾ نتيجو هڪ ئي آهي: انسان جي حقيقي آزادي، ترقي ۽ نجات صرف تڏهن ممڪن آهي، جڏهن هو سڀ ڪوڙا در ڇڏيندو ۽ خدا جي واحد در تي سچو فقير بڻجي بيهندو.

7.شاهه جا ٻڌايل ڪوڙا ساٿي:

انساني زندگيءَ جو سڀ کان وڏو الميو اهو آهي ته هو دنيا ۾ اهڙن ماڻهن ۽ طاقتن جي پيروي ڪري ٿو جيڪي حقيقت ۾ سندس خيرخواهه نه پر دشمن هوندا آهن. اهي سياسي، سماجي، معاشي ۽ روحاني نقاب پائي انسان کي ڀلائين ٿا، ۽ هو خوش فهميءَ ۾ اچي ٿو ته هينئر هن کي سهارو ملي

ويو آهي. پر قيامت جي ڏينهن جڏهن پردا هٽندا، تڏهن ساٿيا ساٿي، ساٿيا اڳواڻ ۽ ساٿيا ڪوڙا رهنما منهن موڙي چوندا: ”اسان توکي گمراهه نه ڪيو، تون پاڻ دنياوي لالچن ۾ اچي ڦلجي ويو آهين.“روحاني نظر سان ڏٺو وڃي ته هي ڪهڙو تضاد آهي! دنيا ۾ جيڪي طاغوتي قوتون انسان کي ڀلائن ٿيون، اُهي پاڻ کي سچو نجات ڏيندڙ سڏائن ٿيون. ڪوڙو پير پاڻ کي ولي ٻڌائي ٿو، ڪوڙو سياستدان پاڻ کي عوام جو نجات دهنده سڏائي ٿو، ڪوڙو فڪري نظريو پاڻ کي ترقيءَ ۽ خوشحاليءَ جو رستو ڏيکاري ٿو. پر قيامت جي ڏينهن جڏهن حساب ڪتاب ٿيندو، ته اهي سڀ پنهنجو بار انسان جي ڪلهن تي وجهي ڇڏيندا.

قرآن هن حقيقت کي بار بار اجاگر ڪري ٿو. هڪ جاءِ تي طاغوت جا اڳواڻ پنهنجي پيروڪارن کي چوندا:

”ما كان لنا عليكم من سلطان بل كنتم قوما طاغين“

اسان کي توهان تي ڪا به زبردستي نه هئي، توهان پاڻ ئي حد کان وڌندڙ ماڻهو هئا).هيءَ ڳالهه اصل ۾ انسان جي اخلاقي ذميواريءَ جو فلسفو آهي. دنيا ۾ هر ماڻهو کي عقل، شعور ۽ ضمير عطا ٿيو آهي. جيڪڏهن هو انهن کي دفن ڪري، ٻاهرين سازشن ۽ دنياوي لالچن جي پيروي ڪري ٿو، ته اهو سندس پنهنجي فيصلو آهي. شيطان وسوسا وجهي سگهي ٿو، ڪوڙو اڳواڻ غلط واعدا ڪري سگهي ٿو، ڪوڙو پير ڌوڪو ڏئي سگهي ٿو، پر انهن مان ڪنهن وٽ به انسان جي دل يا عمل تي مڪمل ڪنٽرول ناهي.

اخلاقيات جي فلسفي موجب، ذميواريءَ کان فرار ممڪن ناهي. دنيا ۾ شايد ڪو ماڻهو اهو عذر ڏئي سگهي ٿو ته هو فلاڻي اڳواڻ جي ڳالهين ۾ اچي ويو، يا فلاڻي نظام ۾ ڦاسي ويو، پر قيامت جي ڏينهن اهڙو عذر ڪو به

معنيٰ نہ رکندو. ڇو تہ فطرت جو قانون صاف آهي: انسان کي صحيح ۽ غلط جي تميز عطا ڪئي وئي آهي، ۽ هن کي چونڊ جو حق پڻ ڏنو ويو آهي.

سماجي سطح تي بہ ڏسو تہ اهي سازشي طاقتون، سياست، معاشي نظام، جعلي روحانيت، يا مغربي فڪر جا بت، سڀ ان وقت تائين طاقتور رهن ٿا، جيستائين ماڻهو پاڻ کي انهن جي غلاميءَ ۾ پيش ڪن ٿا. پر جيئن ئي انسان پنهنجي عقل ۽ ايمان کي جاڳائي، اهي سڀ بت ڀڃي سگهن ٿا.

قيامتي منظر هڪڙي وڏي فلسفيانہ حقيقت کي اجاگر ڪري ٿو:

دنياوي سازشون فقط هڪ وهم آهن، هڪ عارضي پردو، جيڪو انسان جي لالچ سبب قائم رهي ٿو. جيئن ئي پردو هٽندو، هرڪو پنهنجو اصل چهرو ڏيکاريندو. ڪوڙو پير چوندو، ”مون کي تہ تنهنجي حال جي خبر ئي ڪانہ هئي.“ ڪوڙو اڳواڻ چوندو، ”مون کي تہ پنهنجي اقتدار سان پيار هو، تنهنجي تباهيءَ سان نہ.“ ڪوڙو نظام چوندو، ”مان تہ هڪ خيال هوس، تون پاڻ مون کي پنهنجي عملن ۾ اختيار ڪيو.“

ان ڪري نتيجو بلڪل صاف آهي: انسان جي تباهيءَ جو سبب ٻيا نہ، پر سندس پنهنجا غلط فيصلا آهن. پڙهندڙ لاءِ اهو پيغام آهي تہ جيڪڏهن اڄ بہ ماڻهو انهن ڪوڙن ساٿين جي پيروي ڪن ٿا، جيڪي قوم، نسل، مذهب، جمهوريت، يا ترقيءَ جي نالن تي بيهاري ڇڏين ٿا، تہ هو سڀاڻي قيامت ۾ بلڪل اڪيلو رهجي ويندو. ۽ اڪيلائيءَ ۾ نہ ڪوڙو پير ڪم ايندو، نہ ڪوڙو سياستدان، نہ ڪوڙو نظام. ان ڏينهن صرف هڪ ئي در هوندو: رب جو در، جنهن کانسواءِ ٻيو ڪوبہ نجات ڏيندڙ نہ هوندو.

ڀٽائي ۽ وڏيرا شاهي

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جو ڪلام صرف شاعراڻو جمال ناهي، پر اهو پنهنجي اندر هڪ سماجي شعور، اخلاقي جرئت، ۽ ظلم خلاف آواز جي صورت ۾ بغاوت جي چراغ وانگر روشن نظر اچي ٿو. ڀٽائي پنهنجي بيتن جي سرن ۾ صرف محبت ۽ فراق جا داستان نہ ٻڌايا، پر انهن داستانن جي ڇپر هيٺ وقت جي سماجي ڍانچي، خاص ڪري وڏيراشاهي، قبيلائي نظام ۽ طبقاتي تفاوت تي تيز تنقيد پڻ لڪيل آهي. سر سسئي ۽ مارئي ڀٽائي جي انهي فڪر جو بهترين مظاهرو آهن، جن ذريعي هو مظلوم عورت جي زبان مان پورهيتن، وطن پرستن، ۽ بي اختيار انسانن جي حق ۾ مزاحمت جي صدا بلند ڪري ٿو.

سسئي: سچ جو سڏ:

سسئي جي ڪردار ۾ شاهہ ڀٽائي وڏيراشاهي جي جبر، ظالماڻو مرداڻي سماج جي نفسيات، ۽ جاگيرداري نظام جي انهن سختين کي پيش ڪري ٿو، جن عورت کي فقط هڪ جسم، لذت، ۽ غيرت جو نالو ڏئي قيد ڪيو. سسئي جو محبوب پنهون ڪو عام مرد ناهي، بلڪ هڪ نواب زادو آهي، جنهن جي محبت تي سسئي جي دعويٰ سماجي قانونن جي ابتڙ آهي. سسئي جو پنهون لاءِ ريگستاني سفر ڪرڻ، پنهنجي عزت، خاندان، ۽ سڄي سماج جي روايتن خلاف وڃڻ، دراصل سنڌ جي عورت جي شعوري بغاوت آهي. ڀٽائي هن بيانيي سان وڏيرا شاهي جي ان نظرئي کي چئلينج ڪري ٿو، جتي عورت کي خاموش، مظلوم، ۽ نام نهاد غيرت جي نالي ۾ قيد رکيو ويندو هو.

سسئي جي زبان مان ڀٽائي چوي ٿو:

ڳنڍا مون پيرَنِ توڙي لک لڳن

آگر آگُونئي نہ مڙئي ڇپون ڇير ڇنن

ويندي ڏانهن پرين جتي ذات نہ پايان

هتي "ڪندا مون ڇيرن" جو تصور فقط جذباتي هجڻ نہ آهي، بلڪہ سماج جي انهن وڌندڙ جذبن جو ترجمان آهي، جيڪو ظالم وڏيرن، سردارن، ۽ قبيلائي چڪرن خلاف باغيانہ نغمو بڻجي اڀري ٿو.

مارئي: مٽيءَ جي محبت ۽ وطن جي وفاداري:

سر مارئي ۾ ڀٽائي وطن جي محبت کي وڏيرن جي جبر جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ پاڪ، اعليٰ ۽ پاڪيزه ڏيکاري ٿو. مارئي کي جڏهن عمر سومرو جهڙو طاقتور حڪمران اغوا ڪري ٿو تہ هوءَ سندس محل، آرام، زيورن ۽ لالچن کي لتاڙي، پنهنجي مٽيءَ جي خوشبوءِ کي ترجيح ڏئي ٿي. هيءَ بغاوت فقط عمر سومري خلاف نہ آهي، بلڪ انهي سموري جاگيرداري نظام خلاف آهي، جيڪو ماڻهوءَ جي آزادي، خواهشن، ۽ سچائيءَ کي طاقت سان دٻائڻ ٿا چاهين.

مارئي ڀٽائي جي زبان مان چوي ٿي:

واجهائي وَطَنَ کي آئون جي هت مياس

گور منهنجو سومرا ڪج پنهوارن پاس

ڏج ڏاڏاڻي ڏيهَہ جي منجهان ولڙين واس

ميائي جياس جي مڙهہ وڃي ملير مون

اهو آواز نہ مٽيءَ سان محبت جو آهي، پر ان ۾ وڏيراشاهي جي استحصالي قوتن خلاف اعلان جنگ بہ سمايل آهي. مارئي ڀٽائي جي زباني مرڻ تہ قبول ڪري ٿي پر جاگيردانہ ۽ وڏيرا شاهي جي فرسوده نظام آڏو اڳيان جهڪڻ پسند نٿي ڪري ڀٽائي، مارئي جي صداقت، وفاداري، ۽ خودداري کي

نغمي جي صورت ۾ پيش ڪري ٿو جيئن مظلوم طبقن جي سيني ۾ حوصلو جرئت ۽ مزاحمت جا ڏيئا روشن ٿين.

ادبي پيرايہ ۽ سماجي شعور:

شاهہ ڀٽائي پنهنجن بيتن ۾ وڏيرن جو نالو وٺي تنقيد نٿو ڪري، پر هو علامتي انداز سان اهڙا ڪردار پيدا ڪري ٿو جيڪي ظلم کي وائکو ڪن ٿا. ڀٽائي جي سورمين جا ڪردار اهڙا آئينہ آهن، جن ۾ سماج جي اونداهين جو عڪس صاف نظر اچي ٿو. ڀٽائي جو اسلوب ادبي، روحاني، ۽ جمالياتي آهي، پر ان جي ڏار ۾ حقيقت جي تيز لهر وهندي آهي، جيڪا جاگيردارن جي محلاتي سازشن کي وائکو ڪري ڇڏي ٿي.

سنڌي شعور جو مظلومن لاءِ پيغام:

سسئي ۽ مارئي صرف افسانوي ڪردار ناهن، اهي سنڌ جي ڌرتيءَ جا مزاحمتي استعارا آهن. سسئي پنهنجي جسماني تڪليفن سان، ۽ مارئي پنهنجي اخلاقي عظمت سان، سنڌي سماج کي سيکارين ٿيون تہ وڏيرو، حڪمران، يا سردار ڪڏهن بہ انسان جي زنده ضمير، محبت، ۽ اظهار جي آزاديءَ تي قبضي جو حق نٿو رکي. ڀٽائي جو هي پيغام اڄ بہ اسان لاءِ هڪ اخلاقي رهنمائي آهي، تہ ظلم جي سامهون خاموشي گناهہ آهي، ۽ پنهنجي مٽي، عزت، ۽ مقصد لاءِ جاکوڙ زندگيءَ جو اصل حسن آهي.

آخري اکر:

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جو ڪلام صدين کان پوءِ بہ زنده آهي، ڇو تہ اهو وقت جي جبر، سماجي نابرابري، ۽ جاگيرداري نظام خلاف هڪ زنده آواز آهي. سسئيءَ جي پڪار ۽ مارئيءَ جي ديس پرستيءَ ۾ فقط شاعراڻو احساس

ناهي، بلڪ عوامي شعور، سياسي سوچ، ۽ سماجي انصاف جو عڪس موجود آهي. ڀٽائي پنهنجي سرن ۾ سورمين جي زباني مظلومن لاءِ آواز بلند ڪري اهو ٻڌائي ٿو تہ شاعر صرف حسن جو پرستار نہ، پر حق جو علمبردار بہ هوندو آهي.

اهو ئي سبب آهي جو سندس شاعري اڄ بہ سماجي تحريڪن لاءِ الهامي پيغام جو سرچشمو آهي.

ڀٽائي ۽ ڊجيٽل ميڊيا

دنيا جو رنگ روپ بدلجي چڪو آهي، وقت جي واٽ تي جتي اڳي ورق ورق شاعري ورجائي ويندي هئي، اڄ اُتي اسڪرين جي روشنيءَ ۾ سُرن جي سچائي گونجي رهي آهي.

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي، جيڪو سنڌ جي سُرزمين تي فڪر، فيض، ۽ فنا جو فيروزه تاج آهي، سندس بيتن جا بادل اڄ بہ دلين جي اُمنگن تي وسن پيا. پر سوال اهو آهي تہ ڇا ڀٽائيءَ جو پيغام، جيڪو روحانيت، انسانيت، عشقِ الهي، ۽ سچائيءَ تي ٻڌل آهي، اُن کي نئين نسل تائين، دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ تائين پهچائي سگهجي ٿو؟

ها، يقينن. ۽ اُن جو مؤثر ذريعو آهي ،ڊجيٽل ميڊيا. ڊجيٽل ميڊيا، جنهن ۾ سوشل ميڊيا پليٽ فارمز (جهڙوڪ فيسبڪ،ڊجيٽل اخبارون ،انسٽاگرام، يوٽيوب، ٽڪ ٽاڪ، ۽ پوڊڪاسٽس)، ويب سائيٽون، آن لائن ڪتابون، ۽ ايپس شامل آهن. انهن وسيلي ڀٽائي جي بيتن کي عالمي سطح تي روشناس ڪرايو وڃي ٿو. ڀٽائي جي بيتن کي جڏهن هڪ وجداني پسمنظر،سريلي سُرن، ۽ بصري فنڪاري سان گڏ پيش ڪيو ويندو آهي، تڏهن اهو پيغام رڳو ٻڌڻ لاءِ نہ پر محسوس ڪرڻ لاءِ هوندو آهي.

ڊجيٽل وڊيوز جي ذريعي، ڀٽائيءَ جي رسالن مان چونڊيل بيتن کي پسمنظر سان گڏ نشر ڪري، نہ صرف لوڪ ادب جي روايت کي زنده رکڻ ممڪن آهي، پر مغربي ۽ جديد دنيا جي ماڻهن تائين بہ هن صوفي شاعر جي عالمي فڪر کي پهچائي سگهجي ٿو. يوٽيوب تي متحرڪ شارٽ فلمون، جيڪي مارئيءَ جي وطن سان وفاداري، سسئيءَ جي عشق، ۽ سُر سارنگ جي

سڪ سان پڙهيل آهن. اڄ جي نسل کي پنهنجي ماضيءَ سان ڳنڍي سگهن ٿيون. ان کان علاوه، پوڊڪاسٽس ۽ آڊيو بُڪس بہ ڀٽائي جي پيغام جي اشاعت لاءِ هڪ مؤثر اوزار آهن. جديد نوجوان جيڪي ڪتابن کان پري ٿي چڪا آهن، انهن تائين آڊيو جي صورت ۾ بيتن جو روح پهچائي سگهجي ٿو. اهڙيون تخليقون، جيڪي ڀٽائيءَ جي بيتن جي تشريح، ان جو سماجي ۽ ديني پسمنظر، ۽ اڄ جي حالتن سان تقابلي جائزو پيش ڪن، نہ صرف ادبي شعور وڌائين ٿيون، پر فڪر جي نئين واٽون بہ کولين ٿيون.

سوشل ميڊيا جي پوسٽن، وائرل ٽوٽن، ۽ انسٽاگرام ريلز جي ذريعي ڀٽائي جي چونڊ بيتن کي مختصر پر اثرائتي انداز ۾ پيش ڪري سگهجي ٿو. هر بيت پنهنجي اندر هڪ ڪائنات رکي ٿو ۽ ڊجيٽل تصويرن سان گڏ اهي بيت صرف شاعري نہ، پر پيغام بڻجي سامهون اچن ٿا.

ايپس ۽ آن لائين ڪتاب پڻ شاهہ جو فڪر محفوظ ڪرڻ جو ذريعو بڻجي سگهن ٿا. جيڪڏهن ڀٽائي جي رسالي جو جديد، سادي زبان ۾ ترجمو آڊيو سان گڏ، هڪ ايپ ۾ موجود هجي تہ ماڻهو پنهنجي موبائل مان ئي علم، عشق، ۽ عرفان جا سبق حاصل ڪري سگهن ٿا.

اڄ جي دور ۾ جتي ٽيڪنالاجي دل جي ڌڙڪن بڻجي وئي آهي، اتي شاهہ جو پيغام بہ "ڪلڪ" جي فاصلي تي ٿي سگهي ٿو. پر هتي هڪ ذميواري بہ پيدا ٿئي ٿي. ڀٽائي جي پيغام جي اشاعت وقت اُن جي اصليت، احترام ۽ روحاني لهجي کي برقرار رکڻ لازمي آهي. ڇو تہ ڀٽائي صرف شاعر نہ، پر اولياء، سنت جو پابند، ۽ صدين جو سچو صوفي آهي.

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي، سنڌ جي ڌرتيءَ جو سُرن ۽ سچائيءَ جو شاعر، جنهن جي دل جي ڌڙڪن هر بيت ۾ وڄي ٿي، ۽ جنهن جو روز سندس

سُر ۾ لکل آهي. ڀٽائي جي رسالي ۾ رڳو داستانن جو بيان ڪونهي، پر هڪ عظيم مقصد، هڪ نرالو ارادو ۽ هڪ الوهي صداقت بہ سمايل آهي، اهو تہ سندس ڪلام رڳو ذات تائين محدود نہ رهي، پر سڄي انسانيت تائين پهچي، سچائي، عشق، ۽ وحدت جو پيغام عام ٿئي.

شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ڪيترن ئي سرن ۾ سندس ڪلام جي تبليغ، اشاعت، ۽ ٻين تائين پهچائڻ جو شعوري اظهار ملي ٿو. خاص طور تي سر سارنگ، سر يمن ڪليان، سر معذوري، سر سسئي، ۽ سر مارئي جهڙن سرن ۾ هن پاڻ کي الاهي راز جي پيغام رساڻ طور پيش ڪيو آهي.

سر سارنگ ،عشق رسول جو سُر هن سر ۾ پاڻ سڳورن جو دنيا ۾ اچڻ سندن جنم ڀومي کي پوري دنيا کان عظمت وارو ۽ اعلي ڪري پيش ڪيو ويو آهي. هن چيو:

اڄ پڻ اتر پار ڏي ڪڪر ٿو ڪري
روضي پاڪ رسول جي پلٽيو پٽ پري.
وڄن ساڻ وري تہ سنگهارن سک ٿئي

سر سارنگ ڀٽائيءَ جي ان جذبي جو ترجمان آهي، جنهن ۾ هو چاهي ٿو تہ سندس بيت وڄن، وڇڙي ويل دلين کي ڳنڍيين، ۽ هڪ نئين سر ۾ نئون سچ اپري

سر يمن ڪليان، امن ۽ عشق جو آواز:

هن سر ۾ ڀٽائي ڪائناتي امن، الاهي عشق، ۽ روحاني سڪون جي ڳولا ڪري ٿو. سندس خواهش هئي تہ سندس سچائيءَ جا سر لوڪن جي ڪنن تائين پهچن. هن چيو:

تون حبيبُ تون طبيبُ تون درد جي دوا
جانب منهنجي جي ۾ آزار جا انواع
صاحب ڏي شفا ميان مريض کي

هتي نغمو صرف موسيقي ناهي، پر اهو الهامي پيغام آهي، جيڪو ماڻهن جي ذهنن ۽ دلين تائين رسڻ گهرجي. ڀٽائي جو ارادو واضح آهي: سندس بيتن ذريعي محبت، مساوات، ۽ وحدت جو راڳ هر ڪن تائين پهچڻ گهرجي.

سر سُسئي، سڪ جو ساٿ:

سسئيءَ جي صورت ۾ شاهہ صبر، حوصلي، ۽ عشق جي آزمائشن کي بيان ڪري ٿو پر انهيءَ سان گڏوگڏ پاڻ کي هڪ پيغام رساڻ، ۽ عشق جي آواز جي قاصد طور پيش ڪري ٿو. هو چوي ٿو:

ڪندا مون پيرن توڙي لک لڳن.
آگر آگوڻي نہ مڙي ڇپون پير ڇنن
ويندي ڏانهن پرين جتي ذات نہ پايان

هتي ڀٽائي صرف شاعر ناهي، بلڪ روحاني ترجمان آهي، جيڪو سسئيءَ جي ڪهاڻيءَ ۾ پنهنجو پيغام لڪائي ٿو.

سر مارئي، وطن ۽ وفا جي ڳالهہ:

مارئي جي سر ۾ ڀٽائي جو عشق ڌرتيءَ سان ملي ٿو پر هن سر ۾ بہ هو پنهنجي بيتن جي تبليغ لاءِ لاشعوري طور تي خواهش ظاهر ڪري ٿو:

واجهائي وَطَنَ کي آئون جي هت مياس
گور منهنجي سومرا ڪج پنهوارن پاس
ڏج ڏاڏاڻي ڏيهہ جي منجهان ولڙين واس
ميائي جياس جي مڙهہ وڃي ملير مون

يعني بيتن ذريعي شاهہ صاحب پنهنجا جذبا ظاهر ڪري، ۽ ٻوليءَ جي ذريعي ماڻهن تائين پنهنجو عشق پهچائي ٿو. ڀٽائي جي لفظن ۾ جذبي جو سچ، ۽ جذبي جي صدائن ۾ صداقت جو راز سمايل آهي.

سر معذوري، فنا جي فيض جو پيغام:

سر معذوريءَ ۾ ڀٽائي پنهنجي ذات کي فنا ۽ فڪر جي واديءَ ۾ ويل سالڪ جيان پيش ڪري ٿو جيڪو چاهي ٿو تہ سندس فڪر جا موتي ٻين تائين پهچن. هتي ڀٽائي پنهنجي بيتن کي سِر نہ، پر راز سمجهي ٿو جن کي بيان ڪرڻ لاءِ هو پاڻ کي هڪ وسيلو سمجهي ٿو. سندس خواهش آهي تہ ڪو سندس بيت سمجهي، ۽ انهيءَ معرفت جي پيغام کي ٻين تائين پهچائي.

نتيجو:

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي، صرف شاعر نہ هو پر هڪ الهامي ترجمان، صوفي سالڪ، ۽ بيتن جي سچائيءَ جو باخبر مبلغ هو. سندس سرن ۾ جتي سسئي، سهڻي، نوري، مارئي ۽ مومل جون ڪهاڻيون آهن، اُتي سندس پنهنجي اندر جي بہ اها للڪار آهي تہ:

جي تو بيت پانيان سي آيتون آهن
نيو من لائين پريان سندي پار ڏي

سچ تہ هي آهي تہ ڀٽائيءَ جي بيتن جي ذريعي خدا جي سُڃاڻپ، انسان جي عظمت، ۽ عشق جي معنيٰ بيان ٿي آهي، ۽ هن جي خواهش هئي تہ اهو فڪر رڳو اڪابرن تائين نہ، پر عام ماڻهن، هارين، مزدورن، ۽ هر پياسي دل تائين پهچي. ۽ اڄ، جڏهن دنيا ڳنڍيجي چڪي آهي، تہ ڀٽائي جي انهيءَ بيقراري کي اسان ڊجيٽل سرن، جديد ذريعن، ۽ عالمي پليٽ فارمن تي وڄائي، سندس صدين پراڻي صدا کي نئين دنيا تائين رسائي ڏينداسين، تہ جيئن بيتن جي ٻُک بجاءِ دلين جي ڏڪار ختم ٿئي، ۽ ڀٽائي جي بيتن جو پيغام صدا بنجي، صوفي پيام بڻجي، سچ بنجي گونجي.

اها آهي تہ هر دور جي زبان بدلجي ٿي. ڀٽائي جي دور ۾ بيت هئا، اڄ جي دور ۾ بٽڻ (Button) آهن. پر جيستائين اسان ڀٽائي جي بيتن کي بٽڻ ذريعي سچائيءَ سان، عقيدت سان، ۽ ذميواريءَ سان دنيا تائين پهچائيندا سين، تيستائين سنڌ جو هيءَ سرتاج شاعر عالمي ادب جي ميدان ۾ نئون نغمو بڻجي وڄندو رهندو.

سائين ڀٽائيءَ جي سُرن کي جيڪڏهن ڊيجيٽل سرن سان ڳنڍيو وڃي، تہ نئون دور بہ سچ جي راڳ تي جهومي سگهي ٿو.

2:شاهہ جو پيغام ۽ سنڌي ميڊيا جو ڪردار:

سنڌ جي سُرن جا سرواڻ، شاهہ عبداللطيف ڀٽائي، جن جو ڪلام صرف شاعراڻو نہ، پر فڪر، فلسفو روحانيت ۽ سماجي سجاڳيءَ جو اهڃاڻ آهي، اڄ بہ سنڌ جي هر ڪنڊ ڪڙڇ ۾ دليون ڌڙڪائيندڙ سر بڻجي گونجي ٿو. وقت جي واٽ تي جڏهن روايتي ذريعا گهٽجي رهيا آهن، تڏهن سنڌي ميڊيا شاهہ جي سچائيءَ جا سُر نئين دور جي ساز تي وڄائي رهي آهي.

جتي هڪ وقت بيتن کي صرف دستارپوش فقير ڳائيندا هئا، اڄ اوهان کي اهو ئي بيت، موبائل جي اسڪرين تي، يوٽيوب جي وڊيو ۾، يا فيس بڪ جي لائيو اسٽريم ۾ نظر اچي ٿو. هي نہ صرف نئون ميڊيم آهي، پر نئين نسل سان شاهہ جي سڌي سنئين ملاقات جو وسيلو آهي.

ڊيجيٽل ڌرتيءَ جا سجاڳ ستارا:

اڄ جي سنڌي سماج ۾ ڪيترائي اهڙا آن لائن پليٽ فارمز ۽ ميڊيا ادارا آهن، جيڪي شاهہ لطيف جي پيغام کي وقت جي نبض سان ڳنڍيندي عام ڪري رهيا آهن. انهن مان ڪجهہ اهم نالا هيٺ ڏجن ٿا:

اخبارون:

روزانہ ڪاوش: لطيفي فڪر تي مضمون، خاص ايڊيشنون ۽ سُرن سان ڀريل ادبي صفحا.

روزانہ سوڀ: ثقافتي رنگن سان ڀريل رپورٽون، لطيفي محفلن جي ڪوريج.

روزانہ عبرت: لطيف شناسيءَ بابت مقالا ۽ شخصيتن جا خاڪا.

روزانہ هلال پاڪستان: جديد فڪري تجزيي ۽ لطيف جي شاعريءَ جي نون پاسن تي تسلسل سان شايع ڪندڙ مواد.

ويب سائيٽون:

M.H.Panhwer institute www.lib sindh.com هي ويبسائيٽ گرانقدر ڪم ڪري رهي آهي لطيفيات تي بهترين مواد موجود آهي

www.sindhsalamat.com لطيف شناسيءَ بابت فورمز آرٽيڪلز ۽ شاعراڻو ادب.

www.sindhiadabi.com آن لائن سنڌي ادبي بورڊ، جنهن ۾ شاهہ لطيف جي فڪر تي تحقيق پيش ڪئي ويندي آهي.

www.kawish.news. شاهہ ڀٽائيءَ جي شخصيت تي خاص ايڊيشنن جا آرڪائيوز.

ايپس (Apps):

Shah Jo Risalo App (Android/iOS) بيتن جي آسان تلاش، صوتي بيت ۽ تشريح.

Sindhi Music & Latif Kalam فنڪارن جي زبان ۾ شاهہ جا بيت.

آوازن جي آڪاڻي:

ڊيجيٽل دنيا ۾ پوڊڪاسٽ، يوٽيوب چينل، ۽ آنلائن ريڊيو اسٽيشنون بہ لطيف جي لوڪ سڏ کي دنيا تائين پهچائي بيتن جو صوتي جادو نوجوانن جي ڌيان جو مرڪز بڻائي رهيا آهن.

عالمي پهچ:

اڄ سنڌ جي لطيفي سچائي نيويارڪ، لنڊن، ۽ دبئي تائين وڃي پهتي آهي. انٽرنيٽ ذريعي پکيڙيل شاهه جا بيت، سنڌيت جي سڃاڻپ بڻجي چڪا آهن. سنڌي ڊائسپورا لاءِ لطيف جو ڪلام جذباتي پُل آهي، جيڪو ياد، سار ۽ محبت جي وچ ۾ رستو ناهيندو آهي.

تجويز ۽ تجديد:

اڄ جي گهرج آهي تہ شاهہ عبدللطيف ڀٽائي جي پيغام کي عام ڪرڻ جي لاءِ لطيفيات جي مضمون نگارن کي ڊجيٽل ۽ پرنٽ ميڊيا اخبارون ۽ رسالن ۾ وڌ کان وڌ جاءِ ڏني وڃي .اڄ ڪلهہ شاهہ جا پاڪو ڊاڪٽر پروين موسي ميمن ،اڪرم حيدري ۽ خيال کتري پنهنجي علمي پورهئي سان بهترين مضمون نويسيءَ سان سنڌي ٻولي ۽ شاهہ جي فڪر کي عام ڪرڻ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪري رهيا آهن.اجا بہ گنجائش آهي تہ سنڌ سرڪار ۽ تعليمي ادارا، شاهہ عبداللطيف جي پيغام کي نصاب، اي لرننگ، ۽ نون ميڊيا سان ڳنڍي، لطيف شناسيءَ کي تحقيقي ۽ تخليقي رخ ڏين. اهڙو ادارو ”لطيفي ميڊيا اڪيڊمي“ جي نالي سان قائم ڪري سگهجي ٿو جتي نوجوان لطيفي فڪر کي دستاويزي، صوتي، ۽ تصويري انداز سان سکي سگهن.

نتيجو:

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي پيغام ۾ جيڪا عالمگير محبت، امن، ۽ انسانيت جي آجيان آهي، ان کي عام ڪرڻ لاءِ سنڌي ڊيجيٽل ميڊيا هڪ پل وانگر ڪم ڪري رهي آهي،اُها پل، جيڪا ماضي جي حڪمت کي حال جي هٿن ۾ ڏئي، مستقبل جو رستو روشن ڪري ٿي. شاهہ جو سر، هاڻي صرف رباب نہ، پر ريڊيو اسڪرين ۽ ايپ جي هر سر ۾ گونجي ٿو.

ڀٽائي فيمينزم ۽ فلسفو

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي فڪر ۽ فن بابت سوالن جو وڏو حصو اڄ بہ فڪري مناظري ۽ علمي مباحثن جو محور آهي، جديد عهدي ۾ جڏهن ”فيمينزم“ يا ”نسوانيت“ هڪ فڪري تحريڪ جي صورت ۾ ابهري آهي، تہ ان کي ڀٽائي جي فڪري سرمائي سان ڳنڍڻ بہ هڪ فطري جستجو بڻجي پيو آهي، پر سوال اهو آهي تہ ڇا ڀٽائي کي هڪ ”فيمينيسٽ شاعر“ جي حيثيت سان سمجهي سگهجي ٿو يا هو عورت کي فقط قرباني، وفاداري ۽ تمثيل جي علامت طور پيش ڪري ٿو؟

ڀٽائي جي شاعريءَ ۾ عورت جو تصور ڪنهن جامد سماجي ڪردار تائين محدود نہ آهي، هو عورت کي نہ رڳو سماجي مخلوق پر روحاني مسافر، مجاهدو ڪندڙ سالڪ، ۽ ڪائناتي صداقت جي نمائنده طور پيش ڪري ٿو. سنڌس بيتن ۾ سسئي، مارئي، مومل ۽ سورٺ اهڙا ڪردار آهن، جيڪي ڪنهن بہ روايتي صنفي تصور کان مٿانهون ٿي وڃن ٿا، اهي ڪردار قرباني ضرور ڏين ٿا، پر اها قرباني رڳو عائلي يا مرد جي محبت لاءِ نہ آهي؛ اها قرباني وجودي جدوجهد، اخلاقي استقلال ۽ روحاني حقيقت جي تلاش جو استعارو آهي.

ڀٽائي جو ڪمال اهو آهي تہ هن ايراني تصوف جي برعڪس، جتي گهڻو ڪري مذڪر صيغو اختيار ڪيو ويندو هو، پاڻ ”مونث صيغو“ کي شاعريءَ ۾ ترجمان بڻايو اهو ئي سبب آهي جو سنڌس بيتن ۾ عورت جون صدائون محض صنفي سڃاڻپ نہ پر انساني وجود جي آواز طور گونجن ٿيون. ”سسئي“ جبلن ۾ ڀٽڪي ٿي تہ اها فقط پريم جي ڏکن جي ڪهاڻي نہ آهي،

بلڪ اها طلبِ وصال جي ڪائناتي جستجو آهي؛ "مارئي" قيد خاني ۾ صبر ۽ استقامت جو پيغام ڏئي ٿي ته اها رڳو وطن جي محبت نه، پر صداقت جي حفاظت جو فلسفو آهي.

فيمينيزم جي روايتي مفهوم ۾ ڀٽائي کي رڳو "عورت دوست شاعر" چوڻ سنڌس فڪر تي تنگ دائري مڙهڻ برابر ٿيندو. ڀٽائي عورت کي نه ڪنهن ثانوي حيثيت ڏئي ٿو، نه ئي ڪيس صنفي نزاع جو اوزار بڻائي ٿو؛ هو عورت جي ڪردار کي اهڙي "ما بعد الطبيعتي تمثيل" ۾ پيش ڪري ٿو جتي عورت انساني روح جي صداقت بڻجي بيٺي آهي.

سوال اهو به اڀري ٿو ته ڇا لطيف عورت کي فقط تمثيلي طور استعمال ڪري ٿو؟ بيشڪ سنڌس ڪردار تمثيلي حيثيت رکن ٿا، پر اها تمثيل محض علامتي نه آهي، بلڪ تجربي جي زنده حقيقيت آهي. سسئيءَ جو هر قدم، مارئيءَ جو هر آنسو ۽ مومل جي هر پيچيدگي اندروني انسان جي جاکوڙ جو بيان آهي- لطيف وٽ عورت "جسماني" وجود کان وڌيڪ "روحاني" وجود آهي؛ هوءَ عزم، وفا، قرباني ۽ جستجوءَ جو استعارو بڻجي، مرد سان برابريءَ جي ڪهڙي نه اعليٰ تمثيل ٿاهي ٿي.

ان ڪري ڀٽائي کي محض فيمينيسٽ چوڻ سنڌس فڪر کي محدود ڪرڻ ٿيندو. ڀٽائيءَ جي شاعريءَ ۾ عورت، ڪائنات جي ڪلي صداقت جو "آئينو" آهي، جيڪا مرد ۽ عورت ٻنهي جي انساني جستجوءَ کي هڪ جهڙي عظمت سان پيش ڪري ٿي. سنڌس ڪردار انساني آزاديءَ، روحاني استقلال ۽ وجودي حقيقت جي سجاڳ علامتون آهن.

آخر ۾ چئي سگهجي ٿو ته شاهه عبداللطيف ڀٽائي عورت کي نه رڳو تمثيل بڻايو نه ئي فقط قربانيءَ جي نشان طور پيش ڪيو پر هوءَ انساني

ڪائنات جي سفر ۾ "همراه" ۽ "مرڪز" بڻجي ٿي، ڀٽائيءَ جي شاعري عورت کي اهڙي معنوي عظمت ڏئي ٿي، جيڪا نه صرف اسلامي فڪر جي وسعتن سان لاڳاپيل آهي، پر جديد انساني فڪري تحريڪن لاءِ به الهام جو سرچشمو بڻجي ٿي

مقصد حيات

شاهہ ڀٽائي جي نظر ۾

1.خدا کي سڃاڻ:

بيت:

اول الله عليم اعلي عالم جو ڌڻي،
قادر پنهنجي قدرت سين قائم آهِ قديم،
والي واحد وحده رازق ربّ رحيم،
سو ساراهہ سچو ڌڻي چئِي حمدُ حڪيم،
ڪري پاڻ ڪريم جوڙون جوڙ جهان جي.

شاهہ ڀٽائيءَ جي نظر ۾ انسان جي زندگيءَ جو سڀ کان وڏو مقصد خالقِ ڪائنات جي سڃاڻپ آهي. دنيا جي هر ذرو، هر وجود، ۽ هر حرڪت، رب جي قدرت جو مظهر آهي. جڏهن انسان پنهنجي دل ۾ اهو يقين پيدا ڪري ٿو تہ هر شيءِ جو مالڪ الله آهي، تڏهن سندس روحاني سفر شروع ٿئي ٿو. ڀٽائي انسان کي دعوت ڏئي ٿو تہ توحيد جي وحدت تي قائم رهي، خيالي خدائن ۽ دنياوي ڏوڪن کان آزاد ٿي رڳو "الله" کي پنهنجو ڪارساز سمجهي، ڇوجو حقيقي سڪون ۽ مقصد صرف انهيءَ سڃاڻپ ۾ لڪل آهي.

2.الله سان لاڳاپي جا اصول:

بيت:

جي پائنين جوڳي ٿيان تہ ڀر ڪلمي جي پار،
پنجن ساڻ پورو رهہ آيا تيهہ نہ تار،
تڏهن ڏاڳا ڌار جڏهن راهہ سڃاڻين رب جي.

ڀٽائي چوي ٿو تہ الله سان لاڳاپو عبادت، اطاعت، ۽ اخلاص سان قائم ٿئي ٿو نماز، روزو ۽ فڪرِ آخرت انسان جي زندگيءَ جو محور بڻجڻ گهرجن. سچي عبادت رڳو رسم نہ، پر روحاني بيداريءَ جو نالو آهي، جيڪو رب کي ياد ڪري ٿو اهو ظلم، لالچ، ۽ حرص کان پاڪ ٿي وڃي ٿو. ڀٽائي انسان کي سيکاري ٿو تہ خدا سان تعلق کي پنهنجو مرڪزي فڪر بڻائي، ڇوجو جنهن دل ۾ رب جو خوف ۽ محبت گڏ هجي، اها زندگي مقصد سان ڀرپور ٿئي ٿي-

3.نيت صاف رکڻ:

بيت:

آدمين اخلاص مٿائي مانو ڪيو،
هاٽي ڪائي سيڪو ماٿهوءَ سندو ماس،
دلبر هن دنيا ۾ وڃي رهندو واس،
ٻيو سڀ لوڪ لباس ڪوهڪ دل هوندو هڪڙو.

شاهہ ڀٽائي جي فڪر ۾ نيت سيني عملن جو روح آهي. جيڪڏهن نيت پاڪ نہ هجي تہ عبادت بہ ريا بڻجي وڃي ٿي. ڀٽائي انسان کي ياد ڏياري ٿو تہ دل جو خلوص ئي انسان کي رب جي قرب تائين پهچائي ٿو. اخلاص، سچائي، ۽ نيڪ نيت انسان کي خودغرضيءَ کان بچائين ٿا- حقيقي مقصدِ حيات اهو ئي آهي تہ هر عمل ۾ الله جي رضا سامهون هجي، ڇوجو جيڪو رب لاءِ ڪندو آهي، اهو هر حالت ۾ مطمئن رهندو آهي.

4.پاڻ کي سڃاڻ:

بيت:

پنهون پنهون ٿي ڪريان آئون پنهون پاڻ،
اديون ٿئيس اڻجاڻ جو ڪين سُڃاتم پاڻَ کي.

شاهہ ڀٽائيءَ لاءِ پاڻ کي سڃاڻڻ ئي معرفتِ رب جو پهريون زينو آهي، جيڪو پنهنجي نفس کي سمجهي ٿو اهو پنهنجي خالق کي بہ سڃاڻي ٿو انسان جڏهن پنهنجي اندر جهاتي پائي ٿو تڏهن کيس خبر پوي ٿي تہ سندس وجود مٽيءَ جو نہ پر نور جو آهي- ڀٽائي انسان کي پاڻ سان سچو ٿيڻ، پنهنجي خامين کي قبول ڪرڻ ۽ روح جي پاڪيزگيءَ لاءِ ڪوشش ڪرڻ سيکاري ٿو- خود سڃاڻپ ئي زندگيءَ جي مقصد ڏانهن رستو کوليندي آهي.

5.قول ۽ فعل ۾ تضاد:

بيت:

پڙهيو تا پڙهن ڪڙهن ڪين قلوب ۾،
پاٽان ڏوهہ چڙهن ورق ورائين جيترا.

ڀٽائيءَ جي فڪر ۾ علم تڏهن قيمتي آهي، جڏهن اهو عمل ۾ ظاهر ٿئي، رڳو پڙهڻ، بغير سچائيءَ جي، انسان کي منافقت ۾ وجهي ٿو قول ۽ فعل ۾ تضاد اخلاقي زوال جو نشان آهي، ڀٽائي چوي ٿو تہ جيڪو علم دل ۾ لهڻ کان اڳ زباني رهي، اهو انسان کي روشنيءَ بدران غرور ڏانهن وٺي وڃي ٿو زندگيءَ جو مقصد اهو آهي تہ انسان پنهنجي قول، فعل ۽ نيت ۾ سچائيءَ جو مظاهرو ڪري.

6.خدمت جو واعدو:

بيت:

پاڇائي نہ پاڇايان سئي سندي ساڻ،
ڍڪي اگهاڙن کي ڪين ڍڪي پاڻ،
ٻيهر ڄاپي ڄاڻ ابر جي اوصاف کي.

شاهہ ڀٽائي جي فڪر ۾ خدمت انسانيت عبادت جو اعليٰ درجو رکي ٿي، جيڪو ٻين لاءِ جيئندو آهي، اهو رب جي نظر ۾ مقبول ٿئي ٿو ڀٽائي انسان کي سيکاري ٿو تہ هو پاڻ کي وساري ٻين جي ڏکن کي گهٽائي، محتاجن، بيمارن ۽ محرومن جي مدد ڪرڻ ئي زندگيءَ جو سچو مقصد آهي، انسان جي قدر ان ۾ ناهي تہ هو ڇا ڪٽي ٿو پر ان ۾ آهي تہ هو ڇا ڏئي ٿو.

7.صبر ۽ شڪر:

بيت:

ڏک سکن جي سونهن گهوريان ڏک سکن ري،
جنين جي ورنهن سڄڻ آيو مان ڳري،

ڀٽائيءَ جي تعليم موجب ڏک ۽ سک زندگيءَ جا بہ رنگ آهن، ۽ صبر انهن جو حسن بڻجي ٿو جيڪو ڏکن ۾ صبر ۽ سکن ۾ شڪر ڪري ٿو اهو حقيقي مومن آهي، صبر انسان جي روح کي مضبوط ڪري ٿو ۽ شڪر کيس غرور کان بچائي ٿو ڀٽائي چوي ٿو تہ ڏک تربيت آهي، جيڪا انسان کي مقصدِ حيات تائين رسائي ڏئي ٿي، ڇوجو جيڪو آزمائش ۾ ثابت قدم رهي ٿو اهو خدا جي محبوب بڻجي ٿو.

8.علم ۽ فڪر:

بيت:

جن کي ڏؤر درد جو سبق سور پڙهن،
فڪر فرهي هٿ ۾ ماٽ مطالع ڪن،
پنو سو پڙهن جنهن ۾ پسن پرين کي.

شاهہ ڀٽائي علم کي سچائيءَ جو آئينو ۽ فڪر کي روح جي روشني قرار ڏئي ٿو علم بغير فڪر جي بيڪار، ۽ فڪر بغير عمل جي ناقص آهي،

ڀٽائي انسان کي فڪر ڪرڻ، پڙهڻ ۽ مشاهدو ڪرڻ جي ترغيب ڏئي ٿو جيئن هو علم جي ذريعي خدا جي نشانيون سڃاڻي. علم انسان کي غرور کان نه، پر عاجزيءَ ڏانهن وٺي وڃي، اهو ئي علم انسان جي مقصدِ حيات کي پورو ڪري ٿو.

9.وقت جي پابندي:

بيت:

تتي ٿڌي ڪاهه ڪانهي ويل ويهڻ جي،
متان ٿئي اونداهه پير نه لهين پرينءَ جو.

شاهه ڀٽائي وقت کي الله جي امانت سڏي ٿو جيڪو انسان وقت جو قدر ڪري ٿو اهو ئي ڪاميابيءَ جي منزل تي پهچي ٿو وقت جو ضايع ٿيڻ زندگيءَ جو ضايع ٿيڻ آهي. ڀٽائي چوي ٿو ته هر لمحو نيڪيءَ، علم، ۽ عبادت ۾ گذاريو وڃي، ڇوجو هڪ پل جي غفلت به انسان کي منزل کان پري ڪري سگهي ٿي، وقت جي پابندي مقصدِ حيات تائين پهچڻ جو سڀ کان اهم ذريعو آهي.

10.سماجي ذميواري:

بيت:

پسو پکيئڙن ماڻهان ميٺ گهڻو
ولر ڪيو وتن پرت نه ڇنن پاڻ سين.

ڀٽائيءَ جي نظر ۾ سماج انسان جي زندگيءَ جو عڪس آهي، جيڪو پنهنجي سماج سان محبت ڪري ٿو اهو خدا سان محبت جو اظهار ڪري ٿو ڀٽائي انسان کي سيکاري ٿو ته هو والدين جي خدمت، پاڙيسرين سان خيرخواهي، ۽ وطن سان وفاداري کي پنهنجي زندگيءَ جو مقصد بڻائي، سماجي ذميواري انسان کي خودغرضيءَ کان بچائي ۽ انسانيت جي روح سان جوڙي ٿي.

11.تسلسل ۽ استقامت:

بيت:

ڪنڍا مون پيرن ۾ توڙي لک لڳن،
آڳر آڳوڻي نه مڙي ڇپيون پير ڇنن.
ويندي ڏانهن پرينِ جُتي جاتِ نه پائِيان

ڀٽائيءَ جي تعليم آهي ته حوصلو ۽ استقامت زندگيءَ جي جدوجهد جا اصل هٿيار آهن. جيڪو انسان مشڪلاتن کان نه ٿو ڊڄي، اهو ئي ڪامياب ٿئي ٿو- ڀٽائي انسان کي سيکاري ٿو ته ڏک، تڪليف، ۽ ناڪاميءَ باوجود مقصد ڏانهن وڌندو رهجي. استقامت، ايمان جو عمل آهي، ۽ اهو ئي انسان کي روحاني بلنديءَ ڏانهن وٺي وڃي ٿو.

12. آخرت کي سامهون رکو:

بيت:

پوڪڻون اٿئي ته پوک جا پاڻي اٿئي ٻار ۾،
وٺ به ويندي نڪري پوءِ سگهي ٿيندي سوڪ.
جتي لڻندو بينو لوڪ اتي سڪندي هڪڙي سنگ لاءِ.

ڀٽائيءَ جي فڪر ۾ آخرت انسان جي حقيقي منزل آهي، دنيا هڪ عارضي آزمائش آهي، جڏهن ته آخرت دائمي انعام يا سزا جو وقت آهي، انسان کي گهرجي ته پنهنجي هر عمل ۾ آخرت جي جوابدهي کي سامهون رکي، ڇوجو جنهن جي نظر آخرت تي هوندي، اهو دنيا ۾ به عدل ۽ احسان سان رهندو، زندگيءَ جو مقصد اهو آهي ته دنيا کي آخرت جي پوک بڻايو وڃي.

13.نفرت جو محبت سان جواب

بيت:

چڱا ڪن چڱايون ائين سيڪو هوءِ،
تو جيئن ڪري نه ڪوءِ ٻچن ساڻ ڀلايون.

شاهه ڀٽائي انسان کي نفرت بدران محبت سيکاري ٿو. برائيءَ جو جواب برائي سان نه، پر ڀلائي سان ڏيڻ ئي روحانيت جو اوج آهي. ڀٽائي چوي ٿو ته محبت انسان کي خدا جي نزديڪ ڪري ٿي، ڇوجو رب پاڻ ”رحمن“ ۽ ”رحيم“ آهي. انسان جو مقصد اهو هجڻ گهرجي ته هو دلين کي نفرت بدران الفت سان ڀري، ڇوجو محبت ئي دنيا کي جنت بڻائي سگهي ٿي.

14.هر ڪم جو انجام الله جي حوالي:

بيت:

سڀئي سبحان جي ڪر حوالي ڪم،
ٿي تحقيق تسليم ۾ لاهي غم وهم،
قادر ساڻ ڪرم حاصل ڪري هاج تون.

ڀٽائيءَ جي تعليم جو آخري سبق تسليم ۽ توڪل آهي. انسان کي ڪوشش ڪرڻي آهي، پر نتيجو الله جي حوالي ڪرڻو آهي. جيڪو رب تي ڀروسو رکي ٿو، اهو غم کان آزاد ٿي وڃي ٿو. مقصدِ حيات اهو ئي آهي ته انسان پنهنجي خواهشن کي رب جي حڪم سان هم آهنگ ڪري، ڇوجو جيڪو الله تي توڪل ڪري ٿو اهو ڪڏهن ناڪام نٿو ٿئي.

نتيجو:

شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي نظر ۾ انسان جو مقصد حيات رب جي سڃاڻپ، نفس جي پاڪيزگي، عمل جي سچائي، محبت، ۽ خدمتِ خلق ۾ لڪل آهي. زندگي تڏهن با مقصد ٿئي ٿي، جڏهن انسان پنهنجي وجود کي رب جي حڪم سان ڳنڍي، ۽ پنهنجي سماج لاءِ به رحمت بڻجي. ڀٽائيءَ جي فڪر مطابق ”مقصد حيات“ فقط جيئڻ نه، پر نور، نيت، ۽ نيڪيءَ سان جيئڻ جو نالو آهي.

شاهه جا سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ تي احسان

سنڌ، جنهن کي عشق، سچائي ۽ روحانيت جي سرزمين چيو وڃي ٿو اتي شاهه عبداللطيف ڀٽائي جو نالو هميشه روشن رهي ٿو. ڀٽائي نه رڳو صوفي شاعر هو پر سنڌ جي ثقافت، ٻولي ۽ سماجي فڪر جو عظيم معمار پڻ هو. هن جي بيتن ۾ سنڌ جي ڌرتيءَ، ان جي ماڻهن، دريائن ۽ ريتن رسمن سان اڻٽٽ محبت جو اظهار ملي ٿو جيڪا فقط ادبي عشق نه، پر سماجي، ثقافتي ۽ مذهبي شعور جو به آئينو آهي.

ڀٽائي جو سڀ کان وڏو احسان سنڌ تي اهو آهي ته هن پنهنجي شاعري ذريعي سنڌي ٻولي کي عزت بخشي. اُهو زمانو جڏهن سنڌ ۾ ٻولي ۽ ادب کي سياسي ۽ سماجي لحاظ سان گهٽ اهميت ڏني ويندي هئي، شاهه ڀٽائي جي بيتن سنڌ جي عوام جي زبان بڻجي ويا، ۽ سنڌي ٻوليءَ کي هڪ قومي ۽ ثقافتي سڃاڻپ ڏني. سندس شاعري ۾ لفظن جي چونڊ، رديف ۽ قافيي جي جادوگرانه ترتيب سنڌي ٻوليءَ جي حسن کي هزارن سالن تائين زنده رکيو.

ٻيو احسان، جيڪو شاهه ڀٽائي سنڌ تي ڪيو، اهو آهي ته هن سنڌ جي سماجي اڻ برابريءَ ۽ انسانيت جي خامين کي شاعري جي زرين زبان ۾ بيان ڪيو. سندس بيت، جيڪي عشقِ خدا، محبتِ انسان، ۽ عدل و انصاف جا درس ڏين ٿا، سنڌ جي عوام کي هميشه زندگيءَ جي سچائيءَ ۽ روحاني بلندين ڏانهن راغب ڪندا رهيا. هن جا بيت اڄ به سنڌ جي ڳوٺن ۾ گهرن جي چوڌاري، دريائن جي ڪنڌ تي ۽ درگاهن ۾ پڙهڻ وارا سانس وٺن ٿا ۽ عوام کي نيڪ رويي، صبر ۽ بردباري جو درس ڏين ٿا.

ٽيون ۽ اهم احسان شاهه ڀٽائي جو سنڌ جي ثقافتي ورثي جي حفاظت ۽ فروغ آهي. هن پنهنجي شاعريءَ ۾ سنڌ جي موسيقي، لوڪ ڪهاڻيون، روايتون، ۽ مقامي ريتون جهڙوڪ ڀٽائي جي ڪلام جي "سر" ۾ شامل ڪري سنڌ جي ثقافتي سڃاڻپ کي لازوال بڻايو. "سر سُور" کان وٺي "سر يار" تائين، هر سر ۾ سنڌ جي ڌرتيءَ جي سونهن، دريائن جي موجن، ۽ ماڻهوءَ جي زندگيءَ جي منظرڪشي موجود آهي، جيڪا اڄ جي جديد سنڌ لاءِ بہ الهام جو سرچشمو آهي.

ڀٽائي جو چوٿون احسان، جيڪو سڀ کان وڌيڪ معنوي ۽ روحاني آهي، اهو آهي تہ هن سنڌ جي ماڻهن کي عشقِ الٰهي ۽ وحدتِ وجود جي فلسفي سان روشناس ڪرايو. سندس بيتن ۾ الله جي جمال، انسان جي محبت، ۽ فطرت جي راز جو اظهار اهڙي لطافت سان ڪيو ويو آهي جو پڙهندڙ جي دل تي دائمي اثر ڇڏي ٿو. هن سنڌي عوام جي روحاني شعور کي اجاگر ڪيو ۽ ماڻهن کي پنهنجن اندروني احساسن جي سچائي ڏانهن متوجهه ڪيو.

آخرڪار، شاهه عبداللطيف ڀٽائي جو سنڌ تي احسان صرف ٻولي، ثقافت يا سماج تائين محدود ناهي. هو هڪ اهڙو روحاني ۽ ادبي رهنما آهي، جنهن سنڌ جي هر فرد کي پنهنجي موجودگيءَ جو احساس ڏياريو. سندس شاعري سنڌ جي تاريخ ۾ اهڙو چراغ آهي، جيڪو نہ رڳو ماضيءَ جي روشني ڏيکاري ٿو پر موجوده ۽ مستقبل جي نسلن لاءِ بہ سچائي، محبت ۽ انسانيت جو پيغام ڏئي ٿو.

ان لحاظ سان، شاهه عبداللطيف ڀٽائي جا احسان سنڌ تي لامحدود آهن: هن ٻولي کي بلند ڪيو، ثقافت کي زنده رکيو، سماج کي شعور ڏنو ۽

روحانيت کي عوام جي دلين ۾ جاڳايو. سنڌ اڄ بہ سندس بيتن جي موجن ۾ ساهه وٺندي آهي ۽ مستقبل ۾ بہ هن جي ڪلام جي روشنيءَ هيٺ پنهنجي ثقافتي ۽ فڪري سڃاڻپ کي مضبوط ڪندي رهندي، نيڪ آهي.

شاهه ڀٽائي جا سنڌ تي احسان: لسانياتي جائزو

سنڌ جي تاريخ، تهذيب ۽ تمدن جي دائري ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائي جو نالو نہ رڳو صوفي شاعر طور ياد رکيو وڃي ٿو پر هڪ لساني معمار طور بہ سندس حيثيت بي مثل آهي. ڀٽائي سنڌي ٻوليءَ کي اهڙي ادبي بلنديءَ تي پهچايو جتي اها نہ صرف روزمرهه ڳالهه ٻولهه جي زبان رهي، پر فڪر، فلسفي ۽ روحانيت جي زبان بڻجي وئي. لسانياتي سطح تي سندس ڪلام سنڌ تي اهڙا احسان ڪيا، جيڪي اڄ بہ سنڌي ادب جي بنياد آهن.

١.لغوي احسان

شاهه ڀٽائي سنڌي ٻوليءَ کي نون لفظن، محاورن ۽ استعارن سان سينگاريو. هن مقامي لوڪ لفظن کي شاعريءَ ۾ شامل ڪري انهن کي دائمي ادبي حيثيت بخشي. مثال طور مينهون، ميهار، ساموندي، ڪڪريون، وير، وساڻ، سڪ، سرهاڻ جهڙا لفظ نہ صرف لساني ذخيري کي وڌائين ٿا، پر سنڌي فڪري شعور کي پڻ نئون رنگ ڏين ٿا. لسانياتي تحقيق موجب، ڀٽائي جي بيتن ۾ استعمال ٿيل لفظي تنوع سنڌي ٻوليءَ کي وسيع ۽ زرخيز بڻايو.

٢.نحوي احسان

ڀٽائي سنڌي ٻوليءَ جي نحوي بناوت کي شاعريءَ جي وزن، رديف ۽ قافيي سان هم آهنگ ڪري هڪ نئون معيار قائم ڪيو. سندس بيتن ۾ مختصر جملا، مترنم فعلن جو استعمال، ۽ لفظن جي ترتيب اهڙي

ڪاريگريءَ سان ڪئي وئي جو اهي ٻوليءَ جي موسيقيت کي اجاگر ڪن ٿا. نحوي لحاظ کان ڀٽائي جي بيتن ۾ فعلن جي تڪرار ۽ ضميرن جي خوبصورت جڙت سنڌي ٻوليءَ جي ساختي جمال کي ظاهر ڪري ٿي.

٣.صوتياتي احسان

شاهه ڀٽائي سنڌي ٻوليءَ جي آوازن کي فڪري موسيقيءَ ۾ ڍالي ڇڏيو. "سرن" ۾ آواز جي لهرن، ٽانئين ۽ سُرن جو استعمال لسانياتي طور سنڌي ٻوليءَ کي هڪ موسيقياتي روپ ڏنو. آواز جي توازن سان لفظن جي چونڊ اهڙي ته موثر آهي جو بيت پڙهڻ سان ئي موسيقيءَ جو سرور پيدا ٿئي ٿو. لسانياتي ماهرن موجب، ڀٽائي سنڌي ٻوليءَ جي صوتياتي حسن کي پنهنجي بيتن سان دائمي حيثيت بخشي.

٤.معنوي احسان

ڀٽائي سنڌي ٻوليءَ جي معنوي حيثيت کي بلند ڪيو. سندس بيتن ۾ لغوي معنيٰ کان وٺي مجازي ۽ روحاني معنيٰ تائين جا لاڙا ملن ٿا. مثال طور "مينهون" ظاهري معنيٰ ۾ مال مويشي لاءِ آهي، پر ڀٽائي جي بيتن ۾ اها محبوب ۽ مريد جي علامت بڻجي ٿي. اهڙي طرح "دريا" رڳو پاڻيءَ جو وهڪرو ناهي، پر روحاني سچائيءَ ۽ الوهي محبت جو استعارو آهي. لسانياتي طور هي معنوي وسعت سنڌي ٻوليءَ کي عالمي فڪر تائين رسائي ڏيارڻ وارو احسان آهي.

٥.صنفي احسان

شاهه ڀٽائي سنڌي ٻوليءَ ۾ بيت جي صنف کي مستحڪم ۽ معتبر بڻايو. بيت صرف شاعريءَ جو هڪ فارم نه رهيو پر سنڌي ٻوليءَ جي لساني

شناخت بڻجي ويو. ڀٽائي بيت کي اهڙي فڪري ۽ فني اوج تي پهچايو جتي اهو نه رڳو ادبي صنف آهي پر هڪ ثقافتي ۽ روحاني علامت پڻ آهي.

٦.لساني وحدت جو احسان

ڀٽائي سنڌي ٻوليءَ کي هڪ وحدت جي زنجير ۾ ٻڌي ڇڏيو. سنڌ جا مختلف علائقا پنهنجي لهجن ۽ مڪاني ٻولين سان الڳ سڃاڻپ رکندا هئا، پر ڀٽائي جي شاعري انهن سڀني لهجن کي گڏ ڪري سنڌي ٻوليءَ جي هڪجهڙائيءَ جو ثبوت پيش ڪيو. سندس ڪلام سنڌي ٻوليءَ لاءِ لساني مرڪز بڻجي ويو.

نتيجو

لسانياتي جائزي مان صاف ظاهر ٿئي ٿو ته شاهه عبداللطيف ڀٽائي جا سنڌ تي احسان فقط روحانيت يا شاعري تائين محدود ناهن. هن سنڌي ٻوليءَ کي لغوي، نحوي، صوتياتي، معنوي ۽ صنفي سطح تي اهڙو جلال بخشي، جو اها نه صرف علائقائي زبان رهي، پر عالمي فڪر ۽ ادب ۾ هڪ بلند آواز بڻجي سامهون آئي. سندس ڪلام سنڌي ٻوليءَ جو املهه خزانو آهي، جنهن ذريعي سنڌ نه صرف پنهنجي سڃاڻپ بچائي، پر پنهنجي فڪري عظمت کي به دنيا آڏو پيش ڪيو.

فيض محمد فيض حيدري

عظيم ڪهاڻيڪار شاعر بيمثل اديب بهترين مضمون نگار صدر بزم طالب مولي فيض محمد فيض حيدري ذات ڪيريہ ڳوٺ ٽنڊوحيدر تعلقو حيدرآباد پيشو پرائمري استاد ادب پورهيو:ہ ڪهاڻين جا ڪتاب فرياد عورت 1947ع اوچنگارون 1953 هي مضمون نئين زندگي آگسٽ 1950 رسالي جي ٿورن سان پيش ڪجي ٿو.

گهوڙن ۽ گهوٽن جي زندگي تي شاهہ ڀٽائي جو تبصرو:

دنيا دارلفنا آهي.هي چرخ نيلگون جي چمڪ ارضي بوقلمون جي رنگين رعنائي. هي مدهوش ۽ مست ڪن منظر ۽ هي گل گلزار لعل احمر فقط طلسمي خواب يا دريائي حباب آهي. نہ هن نغمہ شيرين و ترانہ باتمڪين کي ڪو جٽاءُ آهي ۽ نہ هن تاج خروس و شڪل عروس کي بقاءَ آهي. هي دنياوي ڏام ڏوم ۽ تماشا هجوم. هي حرص و هوس جو زور ۽ هي شان شوڪت جو زور چند لمحات کان زياده نہ آهي.صفحہ هستي جي ساري جلوه نمائي پہ در پہ پرده عدم مان نڪتي آهي.رفتہ رفتہ راهہ عدم رواني ٿيڻي آهي.شاهہ صاحب عليہ الرحمہ دنياوي زندگي کي خيال ۾ آڻي فرمائي ٿو تہ.

گهوڙن ۽ گهوٽن جيئڻ ٿورا ڏينهڙا
ڪڏهن منجهہ ڪوٽن ڪڏهن واهي رڻ جا

گهوڙن ۽ گهوٽن جي حياتي بہ عجيب نموني ۾ گذري ٿي هنن جي زندگي قومي مفاد جي لاءِ وقف ٿيل آهي.تنهنڪري گهوڙن ۽ گهوٽن کي قوم جي ترقي ۽ عروج خاطر هميشہ جهاد ڪرڻو ٿو پوي.هي هميشہ صعوبتن ۽ ڪلفتن جا پهاڙ ڪلهن تي کڻيو رنج و محن آفات بليات کي منهن ڏيو.سر

بڪف اعداء دين و دنيا جي سامهون هلندا رهن ٿا. ڪڏهہ دنيا جي معرڪہ آرائن تپتپ صحرائن ۽ دشت ۽ پهاڙن ۾ منزل انداز ٿين ٿا تہ ڪڏهہ وري حسين سبززارن, جميل آبشارن ۽ گل پوش وادين ۾ پنهنجي تنبن جون طنابون هڻن ٿا. ڪٿي زير خنجر و سايہ تلوار ۾ پنهنجي مالڪ حقيقي جي سامهون سربسجود رهن ٿا.تہ ڪٿي گرزن ۽ گولين جي فلڪ شگاف آواز ۽ توپن جي ڌڪاون اڳيان سينو سپر ڪريو ،ڪانهم بنيان مرصوص,بنجي پون ٿا.عبا تار تار,جسم فگار,لباس خاڪ آلوده ,منهن تي غبار. تنهن هوندي بہ هو موتن کي سهڻو ۽ جهالو تي جهلڻ کي فخر سمجهندا آهن.

جيئن ڀٽائي صاحب ٻئي هنڌ فرمائين ٿا تہ.

آيا اجارين تنڪ ترارين تئرا
سانگيون سائن هٿ ۾ ڪلئنون نہ لاهين
اپائي آهين مهائي مرڻ تي

صبح جي روشنائيءَ کان شام جي شفق تا ۽ گهوڙن ۽ گهوٽن جي رڻ ۾ راند آهي. نہ هنن کي جنگ ۽ جدال جي جوش و خروش جي پرواهہ نہ هنن کي تن ۾ ڪو تشنگي و تنگي جو تاء,رڻ جي ڪاري رئي,تبر ترازن جي چمڪ,بدن جي خون بوند,بس هنن ويچارن جي لاءِ اهوئي ابر بهار آهي.

معرڪہ جنگ هنجو چمن ۽ آلات جنگ هنن جا زيور هنن جي رعب ۽ دبدبي کان ڪئين عزت ۽ شهرت جاه پسندي ۽ تن آساني ۽ رسمي وقار ۽ خودغرضي جا وڏا وڏا لات ۽ منات دست بستہ لرزه براندام تي زير زبر ٿي ويندا آهن.هنن جي پائي استقلال کي دنياوي حوادث جون بجليون ۽ طاغوتي طاقتون ذري جيترو بہ لغزش ۾ وجهي نٿيون سگهن.هنن جي رفتار ۽ گفتار کي ڪير بہ هٽائي نٿو سگهي. هنن جي عزائم ۾ سنگ خار جي سختي آهي.

هنن جي سينه ۾ فولادي دل آهي. هي پنهنجي مقصد جي لاءِ غيض و غضب جي عالم ۾ هڪ آتش فشان پهاڙ بڻجي وڌندا رهن ٿا. پٽائي صاحب عليه الرحمه گهوڙن ۽ گهوٽن جي جنگ جو نظارو چٽيندي ،سر ڪيڏاري ۾ فرمائين ٿا.

ڪاري ڪڪر هيٺ مون جهيڙيندا ڇڏيا
ڪارا ڪنه هٿ ۾ اڙل و ڇيرا هيٺ
ٿي تنهين سان ڏيٺ موٽڻ جنهين مٺو

اهي ڪيئن موٽن جڏهن هو سرساهه سڀ ڪجهه صدقو ڪريو گهمن موت هنن لاءِ تحفو مارڻ ء مرڻ هنن جو مرڪ آهي. هي هميشه موت جي موسم جا پڇائو ۽ شهادت جا طالبو آهن. موت جي طلب ماڪي مني پائين.هر هر زخم کي زينت جيءُ جي هر جوکي کي جس سمجهندا آهن.

هڻ هڪلڻ ٻيلي سارڻ مانجهيان اي مرڪ
وڃهن تان نه فرق رڪ وهندي راند ۾

هنن جي جهيڙي تي فلڪ تي فرشته فريفته، ڪائنات جو ذرو ذرو خون افشان و گريه زاري ۾ مبتلا رهي ٿو. هر شجر و حجر بحر ء بر شور ناله و آه بڪا پيدا ٿي وڃي ٿو.سمنڊ جون مظطرب لهرون، ريگستان جي واري، پهاڙن جا پٿر بي چين رهن ٿا. آسمان ماتمي لباس ۾ ملبوس آفتاب عالم ماتم ڪده ۾ اشڪ ريزان ۽ هر هڪ ستارو عاشق غمديده وانگي غمناڪ ڏسڻ ۾ اچي ٿو.حورن پرين جو گروه مغموم،جنگل جا جانور حوت کان خونبار،وحوش وطيور پنهنجي آشيانن ۾ بي تاب رهن ٿا.

جيئن بيت ۾ آهي.

ڪامل ڪربلا ۾ آيا جنگ جوان

ڌرتي ڏٻي لرزي ٿر ٿليا آسمان
ڪره هئي ڪانه،هو نظارو نينهن جو

گهوڙن ۽ گهوٽن جو مرڻ جيئڻ سڀ الله جل جلاله جي رضامندي جي واسطي آهي. تنهنڪري مولي پاڪ کي به گهوڙن ۽ گهوٽن جي گفتار ۽ رفتار ڏاڍي محبوب ۽ مرغوب آهي. بلڪ گهوڙن جي پيرن جي ٽاپ ٽاپ ۽ سندن هڻڪار ۽ رفتار جي غبار کي ته والعاديات ضبحا، فالموريات قدحا، فالمغيرات صبحا جو شرف بخشيو ويو آهي. تڏهن شاهه صاحب فرمائي ٿو جڏهن گهوڙن جو اهڙو شان آهي تڏهن

گهوڙا تن گهوٽن جا پريا متي پنڌ
جتي رهيا راتڙي،سي سونهارا هنڌ

گهوڙن جي پيرن واري پون ۽ ٻيي به ڏاڍي پيلاري آهي. گهوڙن ۽ گهوٽن جي آخري زندگي جو بيان ڪندي شاهه صاحب فرمائي ٿو ته هاڻي هنن جي حياتي جو آخري دور آهي. سگهوئي هاڻي هي رڻ جي تتل رئي تي لوهو ۾ لعل لهي شهادت جا سهرا ٻڌي رڻ سان لائون لهندا. چاڪاڻ ته ٻنهي طرفن جا لشڪر هاڻي اچي هڪ ٻئي کي سوڙها پيا آهن. اهو موقعو شاهه صاحب هن بيت ۾ بيان ڪري ٿو.

هوڏانهن هن هاڪاريو هيڏانهن هي هٽن.
سرنايون ۽ سنڌڙا، ٻنهي پاس ٻرن.
گهوڙن ۽ گهوٽن، رڻ ۾ لائون لڌيون.

نئين زندگي رسالي جي ٿورن سان